اُڏامندڙ تير



ڀڳوان اٽلاڻي

اُڏامندڙ تيرَ

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ليکڪ:

ڀڳوان اَٽلاڻي

پرڪاشڪ:

ڪومل پرڪاشن

ڊي-١٨٣، مالوينگر

جئپور-٣٠٢٠١٧

ايڊووڪيٽ بسنت اوٽواڻيءَ

کي

جيڪو من، وچن ۽ ڪرم سان

ناتا نڀائڻ ۾

ماهر آهي

Udamandaru Teeru

(Collection of Stories)

Writer :
Bhagwan Atlani

Edition First, December 2013

Copies - 500

Price : ₹ 250/-

Publisher :
Komal Prakashan
D-183, Malviya Nagar,
Jaipur-302017
Ph. 09828400325, 0141-2549828

Computer Setting :
Bhagwan Raichandani
Alfa Computers & Prints
Hathi Bhata, Ajmer
Mob. 9460479037

Printers :
Tectnocrat Printers Pvt. Ltd.
F-24, Kartarpura Industrial Area,
Bais Godam, Jaipur-302006

اُڏامندڙ تير

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ليکڪ :
ڀڳوان آٽلاڻي

ڇاپو پهريون، ڊسمبر ٢٠١٣

ڪاپيون - ٥٠٠

قيمت : -/٢٥٠

پرڪاشڪ :
ڪومل پرڪاشن
ڊي-١٨٣، مالوينگر
جئپور -٣٠٢٠١٧
فون: ٠٩٨٢٨٤٠٠٣٢٥، ٠١٤١-٢٥٤٩٨٢٨

ڪمپيوٽر سيٽنگ :
ڀڳوان رائچنداڻي
آلفا ڪمپيوٽرس آئنڊ پرنٽس،
هاٿي ڀاٽا، اَجمير
موبائيل ٩٤٦٠٤٧٩٠٣٧

ڇپيندڙ :
ٽيڪنوڪريٽ پرنٽرس پرا.لميٽيڊ
ايف-٢٤، ڪرتارپورا انڊ. ايريا
بائيس گودام، جئپور -٣٠٢٠٠٦

Published under the Financial Assistance Scheme for Publication by Sindhi Academy, Delhi. The Academy does not necessarily subscribe to the views of the Author.

ڍيگوان اٿلاڻي

10مارچ1945 ، لاڙڪاڻو (سنڌ)

اڳوڻو صدر، راجستان سنڌي اڪادمي

شايع ٿيل ڪتاب

سنڌي

1. پالتوُ (ناٽڪ)	پهريون ڇاپو	1983
	ٻيون ڇاپو	1986
2. ڀنڀارو (ايڪانڪين جو مجموعو)		1987
3. ڪنڊن جا ٻج (ڪهاڻين جو مجموعو)		1987
4. اَلوداع (ريڊيو ناٽڪن جو مجموعو)		1989
5. سنڌيت وڏي يا ملڪ (مضمونن جو مجموعو)		2004
6. جيئري مَک (ڪهاڻين جو مجموعو)		2013
7. اُڏامندڙ تير (ڪهاڻين جو مجموعو)		2013

هندي

1. بند آسمان ڪا آخري دروازا (ڪهاڻين جو مجموعو)	1987
2. پالتوُ (ناٽڪ)	1988
3. حاشيا گواهه (ناوَل)	1989
4. اِندرڌنش ڪشتيج ڪي (ناوَل)	1989
5. موهه ڀنگ (ڪهاڻين جو مجموعو)	1992
6. اَپني اَپني مريچڪا (ناوَل)	1993
7. ڍيگوان اٿلاڻي پرتينڌي رچنائين	1995
8. اَننت ناد (ناٽڪ)	1997

فهرست

9. اِڇا (ڪهاڻين جو مجموعو) 1999

10. گونجتي سورون ڪا نيپٿيہ (ڪهاڻين جو مجموعو) 2002

11. اَتيت ڪي پئماني (مضمونن جو مجموعو) 2011

12. سپنو ڪي سوغات (ايڪانڪين جو مجموعو) 2012

ترجما

(i) خود ڪيل

1. ڀارتيہ ساهتيہ جا اَڏيندڙ- موهن ڪلپنا
(فن ۽ شخصيت: ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي)
(هنديءَ مان سنڌي) 2010

2. پڪنڪ (ناٽڪ : ڊاڪٽر پريم پرڪاش)
(سنڌيءَ مان هندي) 2011

ترجما

(ii) ٻين جا ڪيل

1. پنهنجي پنهنجي رُڃَ
(ناوَل : اَپني اَپني مريچڪا : هاسانند تنواڻي)
(هنديءَ مان سنڌي) 1995

2. اِندلٽ
(ناوَل : اِندر ڏنش ڪشتهِ ڪي : سنڌيا ڪندناڻي)
(هنديءَ مان سنڌي) 2011

3. سچ لهڻ ڪانپوءِ
(ناوَل : حاشيا گواهہ : سنڌيا ڪندناڻي)
(هنديءَ مان سنڌي) 2012

ٽيرس تي ڀپر

يڱوان اَٽلاڻي ڪڏهن ڪڏهن مون لاءِ پروليءَ تي پوندو آهي. مان
ئہ نہ ڪري سگهندو آهيان تہ هي رچناڪرمي سنڌي اديب ليکڪ يا
نديءَ جو ساهتيڪار. هيءُ صاحب ٻنهي ٻولين ۾ مڃيل رچنڪار آهي.
بت منهنجو سنڌي ادب سان واسطو هئڻ سبب مان ٿورو سوارٿي تہ
بندس ۽ يڱوان اَٽلاڻيءَ جون ڪهاڻيون ('اِڇا' سميت ٽي ڪهاڻي سنگرهہ)
ناول ('اپني اپني مريچڪا' سميت ٽي ناول) هندي ساهتيہ ۾ اهم
ڳهہ والارين ٿا. لڏپلاڻ ۽ سنڌين جي هند ۾ نئين سر وسڻ جو باحساس
يتُ آهي 'اپني اپني مريچڪا'، جنهنکي 'پنهنجي پنهنجي رُڃ' عنوان
ان ترجمان هاسانند تنواڻيءَ سنڌيءَ ۾ آندو. يڱوان اَٽلاڻيءَ جي ڪهاڻين
ي مجموعي 'ڪنڍن جا ٻچ' بہ سنڌي ادب جي نئين فڪشن کي
ميري بخشي آهي. هندي ۽ سنڌي ۾ يڱوان اَٽلاڻيءَ جو ناٽڪ نويسي
بہ ڌيان ڇڪائيندڙ دخل آهي. ڪنهن وقت، مان فئملي سان جئپور
ي ڪنهن زماني جي راجا جي محل، چندر محل ۾، هڪ سيلانيءَ جي
يثيت سان ويو هوس. محل جي ڇت تي اسانجي سردار گائيند هڪ
جيب حقيقت ڏانهن اسانجو ڌيان ڇڪايو. ڇت تي شاهي، پريو پاڳيو
ڻ هو. رازداري مُرڪ سان سردار گائيڊ پڇيو، ٻڌايو هيءُ وڻ هتي
يئن اڇي ويو؟ واقعي، عجيب ڳالهہ هئي. محل جي ڇت تي وڻ، تہ
منجي پاڙ هيترن سارن ماڙن مان رستو ڪيئن ڪڍي سگهي! راز ڇا هو
ڪاڻي ياد نہ آهي پر مونکي لڳو اِها تہ سنڌيپڻي جي خصوصيت آهي.
سنڌي بہ ڀپر جيان ڪنهن پٽ، ڪنهن ڌاٻي مان اُڀري ايندا آهن. يڱوان
اَٽلاڻي بہ اِئين ٻنهي پاسائن ۾ پاڙون پختيون ڪري ورتيون آهن.

هڪ رچناڪار ڪنهن ننڍي ۾ ننڍي نقطي، ڪنهن معمولي حالت
(اِسٿتي، سچوئيشن) کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيئي سگهندو آهي. اِها هنجي
ڪلپناشيل من جي ضامن هوندي آهي. يڱوان اَٽلاڻي جا موضوع اسانجي
آس پاس روزمرهہ ٿيندڙ واقعا، هئپننگس آهن. پلي اسان مڃون تہ
اسين پوريءَ طرح نئين زمين ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري ورتيون

ڪهاڻيون پڙهڻ کان اڳ ۾....

ليڪن ياترا جي دؤران ڪنهن نہ ڪنهن وقت هڪ سوال قريب هر ليڪڪ تي حملو ڪندو آهي، ”مان ڇو ٿو لکان، مان ڪهڙي مقصد سان، ڪنهنجي لاءِ ٿو لکان؟“ اِهو سوال ڪيترائي اُپسوال ڪڙا ڪري سگهي ٿو، پر هر ليکڪ کي پنهنجي نموني اِن سوال جو جواب ڏيڻو پوندو آهي.

راتين جي ننڊ وڃائي، نوُر نچوئي ساهت سرجڻ ڪرڻ وارو شخص باقائدي ڏسي ٿو تہ اِن کان گهڻو گهٽ وقت ڏيڻ وارا ڪيترائي شخص پڻ هنجي مقابلي مالي خيال کان بهتر آهن. هوُ سوچي سمجهي ٿو، ويچاروان آهي، تنهنڪري اُصول ڪيس اهڙو ڪوبہ ڪم ڪرڻ کان روڪن ٿا جنکي دنيوي نظرن ۾ غلط ٿو سمجهجي. غلط جي پوءِ واري چاهي نہ ڪري پر آخر اُهو ڪهڙو چقمق آهي، جيڪو مفلسيءَ کي درگذر ڪري ڪيس سرجڻ جي دنيا سان جوڙي ٿو؟

اسان سڀ موُل روپ سان سنتوش جي ڳولها ۾ ٿا رهون. جيڪو ڪم جنهنکي سنتوش ٿو ڏئي، هو اُهو ڪم ڪري ٿو. جنکي ناڻو سنتوش ٿو ڏئي، اُهي هر طريقي سان ڌن ڪمائڻ جي پنيان ٿا رهن ۽ جنکي ساهت سرجڻ سنتوش ٿو ڏئي، اُهي هر حال ۾ رچناشيل ٿا رهن. تلسيداس رامايڻ کي ’سوانتهہ سکايہ‘ لکيل گرنٿ چيو آهي. سچ بہ آهي تہ لکڻ وقت ليکڪ جنهن دنيا ۾ رهي ٿو، اُنجو سک اڻميو آهي. اِشاعت، اِشاعت کان پوءِ ملڻ واري تعريف، ڇپجڻ وارا ڪتاب، ملڻ وارا سنمان ۽ اِنعام اُن سک جي سامهون بيحد ڇامڙا آهن، جيڪو سرجڻ جي دؤران ليکڪ کي حاصل ٿئي ٿو.

آهن، پر ڪٿي نہ ڪٿي اسانکي اچا بہ اُڪيڙڻ جا يتن جاري آهن (جنگ).
اِها بي ڳالهہ آهي تہ اسان ٻيٽا ڪونہ ٿا ٿي وڃون، سينو تاڻي ڪڙا رهون ٿا. اسان ۾ ساٿائي ڪانہ آئي آهي. هن مجموعي جي هڪ ڪهاڻي آهي ’ٻيو نہ ڪوئي‘، اُن جو ڪردار جڻن ئي محسوس ڪري ٿو تہ هڪ قسم جو ٿڪ هن مٿان طاري آهي تہ ڇيد ذريعي نتيجي تي پهچي ٿو تہ اِهو ٿڪ جو احساس فضول ويهي رهڻ جي ڪري آهي ۽ پاڻ کي ڪمائتو بڻائڻ لاءِ اُدم ڪري ٿو (سچ آهي، سُستي وڏو ٿڪ هوندو آهي). سنڌين جي ڪردار جو اِهو بہ هڪ جمع پاسو ئي ليکبو تہ پاڻ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ کان پوءِ سماج کي ڪانہ ڪا موت ڏيڻ جو سوچ سندن دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ضرور رهي ٿو. ’ٻيو نہ ڪوئي‘ ڪهاڻي ان موضوع کي پوري شدت سان نباهي ٿي. سنڌي جاڻي ٿو ڪوشش سان سمنڊ جي پاڻيءَ کي رنگارنگ بڻائي سگهجي ٿو، صرف سج جي ترورن کي موڙڻو آهي ۽ پوءِ لهرن جي سنگيت سان هڪ لائيٽ ائنڊ سائونڊ شو ڏيکاري وڃڻ سنڌيءَ لاءِ ڪو مشڪل ڪم ناهي.

نہ صرف موضوعن جي حوالي ۾، پڳوان آتلاڻي عبارت جي لحاظ کان بہ ڌيان ڇڪائي ٿو. ’حلف نالو‘ ڪهاڻي هڪ بزرگ جي ڪهاڻي آهي جيڪو گهر جي ڀاتين کان ستايل آهي. پنهنجي قسم نامي ذريعي هو پنهنجون آليون ڀاوناٿون ظاهر ڪري ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي عبارتي ادائگي ڪافي ڇهندڙ آهي ۽ پاٺڪن جي اندر ۾ ولوڙ پيدا ڪندڙ آهي.هيءَ ڪهاڻي سنبنڌن جي ترسٽيءَ جيان نظر اچي ٿي. اهڙيءَ طرح ’توازن‘ ڪهاڻي بہ ڌيان طلب آهي جنهن ۾ مونجهہ اها آهي تہ پڳوان ۽ شيطان ۾ تال ميل ڪيئن ويهارجي؟‘ ’مخالفت‘ وري سماج جي غلاظتن کي محض بيحس درشڪ جيان ڏسڻ تي ٽيڪا آهي. اسين ڪيترن مختلف اِستٿين جي گهيري ۾، نہ اِهو گهيرو ڪونهي، گهيراوَ آهي، ڪيترا ’اُڏامندڙ تير‘ اسانجي چوڌاري آهن، گهيرن کي ڪٿي ٽوڙي سلامت ٻاهر نڪري بہ آياسين تہ ڪو ٻيو گهيرو اِنتظار ۾ ملندو، جيون جا شايد اِهي ئي روپ آهن، ۽ هي ڪهاڻيون اُنهن جو ڊجيٽل عڪس آهن، بلڪل شارپ.

- واسديو موهي

دؤر ۾ مليل سک ۽ سنتوش جي مقابلي گھڻو وڏيک آهي. ليکڪ
ضوع، مواد ۽ پيشکش جي سطح تي جيڪا رتا ڪٽي ٿو هلي، اُنجو اثر
س نظر ٿو اَچي تہ هڪ سک جو گھرو نشو سندس دل ۽ دماغ تي
نڌجي ٿو وڃي. اِن فرق کي پڑاءُ ۽ منزل جي سلسلي سان يا روحاني
ز ۾ سرڳ ۽ موکش جي مشابهت سان جوڙي ڏسي سگهجي ٿو.

ليکڪ ڇا ٿو لکي جو فيصلو، ليکڪ ڇو ٿو لکي جي آڌار تي وڏيک
لائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. ٻارن لاءِ، نؤجوانن لاءِ، بزرگن لاءِ، زالن
، عام سمجهہ وارن لاءِ، ٻڌيجيوين لاءِ هلڪي يا گنڀير نوع ۾ لکڻ جي
وجود ليکڪ پنهنجي لکڻيءَ جي اثر کي جاچڻ چاهيندو آهي. هوُ
هنجي لکڻيءَ معرفت پاٺڪ تي ڪهڙو اثر وجهڻ ٿو چاهي، جاچ جي
ر تک فقط اِن آڌار تي ٿيڻ ممکن آهي. هو ٻارن جو منورنجن ڪرڻ
چاهي تہ ٻارن جي سمجهڻ لائق ڪين وندرائڻ واريون رچنائون لکندو.
و زالن کي يا نؤجوانن کي زندگيءَ جون ڪي خاص ڪنبون ڏيکارڻ ٿو
اهي تہ پنهنجين رچنائن کي اُن نموني پيش ڪندو. بزرگن يا ٻڌيجيوين
، لکندو تہ مؤضوع اُنهن سان نهڪندڙ چونديندو. جنهن طبقي لاءِ هو
هنجي قلم کڻندو، پنهنجي لکڻيءَ جو اثر وڌائڻ جي خيال کان اُن
اص طبقي سان نهڪندڙ ساهت جو سرجڻ ڪندو. پنهنجن پاٺڪن
ائين اثردار نموني پنهنجيءَ رچنا کي پهچائڻ جي اِن ڪامنا کي ليکڪ
ي لکڻ جو ٻيون سبب چئي سگهجي ٿو. سرجڻ سان گڏ سنتوش جي
وپ ۾ جيڪي حاصلات ليکڪ کي ٿيا، اُهي ڪيس ڪافي نٿا لڳن. هو
هنجيءَ رچنا کي پنهنجن پاٺڪن تائين اهڙي نموني پهچائڻ بہ ٿو
اهي جيئن سندس سوچيل، سندس پاٺڪ تي اثر ڇڏي سگهي.

اِتي ئي اِهو سوال اَهم ٿو بڻجي وڃي تہ هڪ سڄاڳ ليکڪ کي
هنجيءَ رچنا معرفت پاٺڪ کي ڇا ڏيڻ گهرجي؟ منورنجن يا وقت
ذارڻ جو وسيلو بڻجڻ ساهت جو مقصد نٿو ٿي سگهي. ڇو تہ ساهت جو
نسڪار سان گهرو ناتو آهي تنهنڪري جيڪو پاٺڪ جي سنسڪار ۾ وڃي

پر ڇا سرجڻ جو سک پائڻ لاءِ ليکڪ کجهه به لکي؟ پاڻ کي ظاهر ڪري، پنهنجن اُڌمن کي ڪاغذ تي اُتاري، پنهنجي اَندر جي آنند مانڊ کي سامهون آڻي ليکڪ سک جو پنهنجو حصو حاصل ڪيو. جيڪو هونئن نه پيو ڇئي- ٻڌائي سگهي، لکي ڪري هن پيش ڪري ڇڏيو. اَندر جي ٻوسات کي هن هوا ڏني. پنهنجي من جو بوجهه پني تي لاهي ليکڪ پاڻ ته هلڪو ٿي ويو پر ڇا ڳالهه اِتي پوري ٿي ويئي؟ هن جيڪو لکيو، جهڙي نموني لکيو، تنهنجي ذميواري ڪير کڻندو؟ ظاهر آهي، جيڪو لکي ٿو اُنکي ئي اِها ذميواري کڻڻي پوندي. لکڻيءَ جي شخص ۽ سماج تي ٿيندڙ اثرکي ”سوانتهه سکايه“ يا ”آتم سنتوش“ جي ڍڪ ۾ وساري نٿو سگهجي. ٽي-وي- چينل ۽ اِنٽرنيٽ ڪانپوءِ به ساهت جي پنهنجي جڳهه آهي. ٽي-وي- چينل ۽ اِنٽرنيٽ حاضر ۽ جاڻ جهٽپٽ اثر جي پسمنظر ۾ اَهم ٿي سگهن ٿا پر سنسڪارن کي پرزور نموني ٺاهڻ ۽ بگاڙڻ جو ڪم جيترو ساهت ڪري سگهي ٿو، بيو ڪو به ماڌيم نٿو ڪري سگهي.

تهذيبي ۽ تعليمي احساس کي پختو ڪرڻ جي ڏس ۾ اڄ به ساهت جو ڪو مٽ ڪونهي. ياوناٿن کي سمجهڻ ۽ ملهن کي زمين ڏيڻ جي ڏس ۾ ڪوبه ٽي-وي- پروگرام ساهت جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. ڏسڻ ۾ ڪلپنا جي اُڏام تي روڪ ٿي لڳي ۽ ساهت ڪلپنا جا دروازا کولي ٿو. حقيقي، جذباتي ۽ قدرتي سطح تي ڪوبه ماڌيم ساهت جو مقابلو نٿو ڪري سگهي.فاسٽ فوڊ جيان اِليڪٽرانڪ ماڌيم زبان کي ذائقيدار ڀلي لڳن پر پيٽ کي خراب به ڪن ٿا. ساهت گهر ۾ ٺهيل سادي سودي کاڌي مثل ٻک مٽائي ٿو ۽ صحت به بخشي ٿو.

تنهنڪري ساهت سرجڻ جو مقصد فقط پنهنجو سنتوش نٿو ٿي سگهي. تلسيداس کي رامايڻ جي رچنا برابر سنتوش بخشيو هوندو پر اُهو سڪُون پڙهڻ ڪانپوءِ رامايڻ جي لاءِ پئدا ٿيل شرڌا، رامايڻ معرفت مليل سنسڪار جي سامهون ڪابه اهميت نٿو رکي. پنهنجي رچنا جا ڀَربل نتيجا ڏسي ليکڪ کي جيڪو سک ۽ سنتوش ملي ٿو، اُهو سرجڻ

اُڏامندڙ تير

هال شاگردن ۽ شاگرديائين سان پريل هو. ماحول ۾ پرپور اُتساهه
هو. فقري بازيءَ ۽ هوٽنگ جا راڪيٽ زوردار نموني گنجايمان هئا.
ٿولين ۾ ويٺل ڇوڪرا ڇوڪريون هال کي تاڙين جي ٺهڪي سان ڪڏهن
ٿمبي پڙاڏي سان يري پيا ڇڏن ۽ ڪڏهن تاناڪشيءَ جو گوڙ ڪجهه
ڇڏڻ نہ پيو ڏئي. مستيءَ ۽ اُمنگ سان پريل اَٽڪل پنج سؤ نؤجوان
دلين پنهنجي پُررفتار حوصلي سان ڪجهه اهڙا رنگ پکيڙي رهيون
هيون، جنجو ڇٽُ فقط ان عمر ۾ ئي سوپارو ٿيندو آهي.

واد وواد ڇتاپيتي پوري رنگت ۾ هئي. شهر جي ڪاليجن ۽
يونيورسٽيءَ جي مُختلف وياڳن جا عيوضي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سٽن
منٽن جي طئہ شده معياد ۾ واري وٺيءَ سان پنهنجا ويچار ظاهر
ڪري رهيا هئا. ٻجهائي ۽ قدرتي قانون جو ميل ڪندي هرهڪ
ڪاليج کي لاٽري وجهي هڪ خاص سلسلو عطا ڪيو ويو هئو. اُن موجب
اڳ ۾ وشيہ جي پکش ۾ ۽ تنهن ڪانپوءِ وپکش ۾ تقرير ڪندڙ
ڊايس تي اچي رهيا هئا.

ڪجهه تقرير ڪرڻ وارن وٽ تيار ڪيل ڀاشڻ جا ڪاغذ هئا.
ڪاغذ کي ڏسي ڳالهائڻ وارا هوٽنگ جا سڀ کان وڌيڪ شڪار پئي
ٿيا. ها، شخصيت، جسماني ڀاشا ۽ آتم وشواس جي آڌار تي سندن
مٿان ڇٽرون پڻ گهٽ وڌ ٿي رهيون هيون. ڪجهه تقرير ڏيڻ وارن
جي هٿن ۾ ڪاغذ ڪونہ هئا پر سندن طور طريقن مان صاف بکي رهيو
هو تہ هنن ڀاشڻ لکي رٽيو هوندو. چهري تي ايندڙ ڀاوَ، لحظو،
ڪنهن خاص جڳهہ تي بيٺل ۽ اٽڪيل اکيون، لاهن چاڙهن جي آٽاٽ

سندس نظريي کي صاف ڪري قدرن ۽ ملهن لاءِ سندس من ۾ عزت پئدا ڪري، اُهو ساهت پنهنجي مقصد سان نياءُ وارو ساهت چيو ويندو. جو تہ قدر ۽ ملھہ دائمي آهن، اُهي وقت جا غلام نہ آهن تنهنڪري ليکڪ ۾ قدرن ۽ ملهن جي گهري سمجهہ هئڻ ضروري آهي. جنهن ليکڪ ۾ اِها ٻوجهہ مقبول نموني نہ هوندي، اُنجي رچنا يا تہ پاٺڪ کي سنسڪار شيل نہ بڻائيندي يا ڪنهن مت جو پرچار بڻجي ويندي. پلي لکيو ڪنهن واد يا مت جي پوءِ واريءَ ۾ بہ ويو هجي پر اُنکي ساهت جو مقصد نٿو تسليم ڪري سگهجي.

آخباري مواد جيان ڪجهہ ڪلاڪن يا وڌ ۾ وڌ هڪ ڏينهن جي عمر واري رچنا ساهتڪ رچنا نٿي چئي سگهجي. اِنسان ذات ۾ پروسو جاڳائڻ واري، چڱاين جي لڳاين تي سوڀ واري، نبل ۽ ڪمزور سان گڏ بيهڻ واري ساهت کي ئي بامقصد سرجڻ چئي سگهجي ٿو. پئسو لاهڻ ۽ چٽڙون ڪرڻ ساهت جو مقصد نہ آهي. ڪريل کي مٿي کڻڻ واري رچنا، نراش کي آشا سان پرڻ واري رچنا ئي زندگيءَ کي مالا مال ڪري سگهي ٿي. رچنا پڙهڻ کان اڳ جي پيت ۾ رچنا پڙهڻ کانپوءِ جيڪڏهن پاٺڪ کي اندروني سطح تي ڪا تبديل محسوس نٿي ٿئي تہ چئبو ساهت جو اُهو سرجڻ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ويو آهي. تبديل جي اِن احساس کي ئي ساهت جو مقصد چئجي تہ شايد ڪٿ جو هڪ پئمانو ناهڻ ۾ ڪاميابي ملي سگهي ٿي.

- پڳوان آٽلاڻي

ڻ ڪانپوءِ چاهي جهڙي بہ رهندي هجي پر هال ۾ حاضر ٻڌندڙن
ان گڏ اسان ٽيئي جڄ بہ مزو ماڻي رهيا هئاسين.
تڏهن ئي هڪ ٽيم جي پهرين ڳالهائيندڙ پڪش جي جڳهہ تي
شيہ جي وپڪش ۾ ويچار ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا. ٻين ٻنهي ججن
ا سوچيو، ڇئي نٿو سگهان پر منهنجي سامهون سوال هو تہ هن
وڪري کي گهٽيون مارڪون ڏيان؟ ڏيان بہ يا بلڪل نہ ڏيان؟ قاعدي
وجب ٽيم جي پهرين ڳالهائيندڙ کي وشيہ جي پڪش ۾ تقرير ڪرڻ
هرجي. هيءُ ڇوڪرو وپڪش ۾ ڳالهائي رهيو هو. تنهنڪري ڇا ڪيس
ڙي مارڪون ڏيڻ کپن؟ تقرير وشيہ جي پڪش ۾ ڏني وڃي چاهي
پڪش ۾، مارڪون ڏيڻ جو آڌار هئڻ گهرجي، نقطا ۽ پيشڪش.
يشڪش چاهي جسماني هجي، لفظي کي نمايان ڪندڙ هجي يا
فظي هجي، جيڪڏهن وشيہ سان اُنجو تالميل ڪونهي تہ مارڪون
ڪهڙي آڌار تي ڏجن؟ ٽيم جي پهرين ڳالهائيندڙ کي پڪش ۾ ۽
ئي ڳالهائيندڙ کي وپڪش ۾ ويچار پيش ڪرڻ گهرجن. هن وقت
مبر پڪش ۾. ڳالهائڻ واري جو آهي ۽ ڳالهائي رهيو آهي وشيہ جي
پڪش ۾، ساڳيءَ ٽيم جو ٻيون ڳالهائيندڙ جيڪڏهن پڪش ۾ تقرير
ڪري تہ؟ سلسلو اُبتو هوندي بہ جيڪڏهن ٻنهي کي ٻُڙي مارڪون
ٽيون ڏجن تہ ڇا اِهو مناسب ٿيندو؟
اِن مدعي تي مون ٻين ٻنهي ججن سان ڳالهايو. ڇا ڪرڻ گهرجي،
ڇا نہ؟ ڪين پڻ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي. اِشاري سان مون ڪنوينر کي
سڏ ڪيو. هوُ آيو تہ مسئلو سندس سامهون رکيو. نيمن جو سختيءَ سان
پالن ڪندي واسطيدار ڳالهائيندڙن کي مارڪون نٿيون ڏجن يا ڪين
غير شامل ظاهر ٿو ڪجي تہ هنگامو ٿي سگهي ٿو. اِنجي اُبتڙ جيڪڏهن
اهڙن ڳالهائڻ وارن کي جوڳيون مارڪون ڏجن ٿيون، تڏهن بہ گوڙ
گمبوڙ ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري ڪنوينر پڻ ٻڌ تر ۾ هو. ڪو ڇٽو
فيصلو ڪٽي هو اڻوٽندڙ نتيجن جو ٽڪر پنهنجي مٿي تي پيچڻ نہ پيو
چاهي. جلد ٻڌائڻ جي ڳالهہ ڇئي ڪنوينر واپس موٽي ويو.

۾ هڪ ڪرو پئي، جسم جي هر حصي تي چسپا تناءُ ڏسي سندن رتنن وديا لڪائي نٿي لڪي. اِهي تقرير ڪندڙ ٻڌندڙن جو ڌيان پاڻ ڏانهن گهٽ پيا ڇڪي سگهن. پرچيءَ تي لکيل نقطن جي آڌار تي يا وشيه انسار ڪيل تياريءَ موجب موقعي ڪي ڌيان ۾ رکي سليقي سان لفظن جي چونڊ ڪري ويچار پيش ڪرڻ وارا تعريف سان گڏ تاڙيون بہ جمع ڪري رهيا هئا. داد ۾ دل وڏي ڪندڙ جملا حاصل ڪرڻ وارن ۾ اُهي پڻ هئا، جيڪي يونيورسٽيءَ جي اُن وڀاڳ جا عيوضي هئا، جيڪو چٽاپيٽي ڪرائي رهيو هو يا چئجي ميزبان هو.

منچ تي صدر، چٽاپيٽيءَ جو ڪنوينر، اِسٽوڊينٽس يونين جو پريزيڊنٽ ۽ سنچالن ڪندڙ ويٺا هئا. ڊايس سان پنجيتاليھ ڊگريءَ جو اينگل ٺاهيندي هڪ ٻئي سان ذري گهٽ لڳل ٽنهين ججن جون ميزون رکيل هيون. منهنجي ڪرسي ججن جي قطار ۾ ڊايس کان پهرين نمبر تي رکيل هئي. علائقي جو چاتل سڃاتل ليکڪ آهيان، شايد تنهنڪري يونيورسٽيءَ وارا پنهنجن پروگرامن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ گهرائيندا رهندا آهن. جيتوڻيڪ ٻين ٻنهي ججن سان منهنجي واقفيت چٽاپيٽي شروع ٿيڻ کان ترت پهرين ٿي هئي، تنهن هوندي بہ اسان پاڻ ۾ هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. اِن ڳالھ ٻولھ ۾ ڪڏهن تقرير ڪندڙ جي ڪنهن گفتي تي رائزني شامل ڪئي تہ ڪڏهن ڇوڪرن ڇوڪرين جي ردعمل تي فقرو. ٻيو ڪو فائدو ٿيو هجي يا نہ، پر اِن سبب چٽاپيٽيءَ ۾ شرڪت ڪندڙن ڪي ملندڙ مارڪن جي فرق کان بچڻ ۾ اسان ڪامياب پيا ٿيون. وچ وچ ۾ ڪنوينر بہ منچ تان هيٺ لهي اسان وٽ اچي ڪجھ نہ ڪجھ ٻڌائي يا پڇي پيو وڃي.

سڀ ڪجھ چڱي نموني هلي رهيو هو. ڪٽڪٽاٽي پئدا ڪندڙ ماحول هوندي بہ سڀ ڪجھ اِئين هو جيئن اهڙن موقعن تي يونيورسٽي ۾ ڪاليجن ۾ هوندو آهي. تقرير ڏيڻ وارن جي من جي حالت مائيڪ تي اچڻ کان اڳ ۾، ڳالهائيندي يا ڊايس تان هيٺ

مان پنهنجو پاڻ کي روڪي نہ سگهيس. تيزيءَ سان اُٿي ڊايس
ويس. هال ۾ ٿيندڙ گوڙ گمبوڙ سبب منجهيل تقرير ڪندڙ کي
جهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڇا ڪري؟ هلڪي هٿ سان ڪيس پاسيرو
ري مون مائڪ پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. حالتن سبب پيدا ٿيل
ي ۾ ناخوشيءَ جا اُهڃاڻ منهنجي چهري تي لکيل هئا. منهنجي تي
لن خواه هال ۾ حاضر ڇوڪرن ڇوڪرين مان ڪنهنکي بہ اُميد
نہ هئي تہ ججن مان ڪو هڪ اچي ڊايس تي بيهندو.

وقت برباد ڪرڻ جو نہ موقعو هو ۽ نہ مون اِئين ڪيو، ”تنهي
جن مان هڪ بہ يونيورسٽيءَ سان واسطو رکندڙ ڪونهي. هوُ هت آيا
ن، واد وواد ڇتاپيتيءَ ۾ ڪيل تقريرون ٻڌي فيصلو ڏيڻ لاءِ ۽ نہ
پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ.“

”تنهن هوندي بہ توهان ڳالهيون پيا ڪريو.“ هال مان
ز آيو.

”ها، ڪريون پيا، پر ڇو پيا ڪريون؟ توهان ڏيان ڏنو هوندو،
دفع اِشارو ڪري اَسان ڪنوينر کي بہ پاڻ وٽ گهرايو هو. ڇو گهرايو؟
ڻ کان اڳ ۾ ئي توهان ججن تي اِلزام مڙهي ڇڏيا!“

هال ۾ مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي. ڪجهہ پل مان چپ
يس. هن ننڍڙيءَ ماٺ اُتسڪتا جو سرجڻ ڪيو، ”مان نٿو ڇئي
هان، توهانجو ڌيان ويو يا نہ، پر هن کان اڳ واري ٽيم جي پهرين
هائيندڙ تقرير پڪش ۾ نہ وشيہ جي وپڪش ۾ ڪئي هئي. جيڪو
ڪرو هن وقت توهانجي سامهون بيٺو آهي، اُنکي بہ نيم موجب
ڪش ۾ ڳالهائڻ کپندو هو پر هوُ پنهنجي تقرير ڪري رهيو آهي
يہ جي وپڪش ۾! جج ڇا ڪن؟ لياقت جي آڌار تي مناسب مارڪون
ن يا نيم ٽوڙڻ سبب هنن کي اڻلائق ظاهر ڪري ڇڏن؟ اِن مدعي
، جيڪڏهن جج پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪن ٿا يا ڪنوينر سان مشورو
ڪن، تہ ڪو غلط ڪم ڪيائون؟ جيستائين هيءُ مسئلو حل نٿو
ي، ڪو چارو آهي ججن جي سامهون؟“ هال ۾ موجود ڇوڪرن ۽

ٽيم جي ٻئين ڇوڪري دستور موجب تقرير وشيہ جي وپڪش ۾ ڪئي. پر پهرين ڇوڪري جي معاملي ۾ مسئلو اُتي جو اُتي قائم بيٺو هو. هڪ ئي ٽيم جي ٻنهي ڳالهائيندڙن تقرير وشيہ جي وپڪش ۾ ڪئي هئي. قائدي انسار پهرين ڇوڪري کي پڪش ۾ ڳالهائڻ گهرجندو هو. ويچار پيش ڪيائين وشيہ جي وپڪش ۾. سچ ۽ نياءَ جو تقاضو ٻڌجي تہ ڪيس چٽاڀيٽيءَ ۾ شامل ئي نہ ڪرڻ گهرجي.

تقرير پوري ٿي ويئي. نئين ٽيم جو پهريون تقرير ڪرڻ وارو پهريون ڇوڪرو منچ تي آيو. قسمت سان اُن بہ پڪش جي جڳهہ تي وپڪش ۾ ويچار ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا. نظر اِئين پيو اچي تہ اسان ٽيئي ججَ تقريرون ٻڌي رهيا آهيون، پر ٻچٽائي برقرار هئي. ساٿي ججن سان مون وري ڳالهايو. سندن وِسوسو بہ مون وانگر پلاند نہ پيو ڇڏي. اِشارو ڏيئي هڪ دفعو وري مون ڪنوينر کي پاڻ وٽ گهرايو.

منچ تان اُٿي، ڊايس تان لهي هوُ اسان تائين پهچي، اِن کان اڳ ۾ ئي هال ۾ هڪ نؤجوان اُٿي بيٺو. غصي مان هن چيو، ”جڏهن ججَ ڳالهين ۽ اِشاريبازيءَ ۾ لڳل هجن تہ صحيح فيصلي جي اُميد رکي ئي نٿي سگهجي!“

هال ۾ ڄڻ تہ زلزلو اچي ويو. ڪيترائي ڇوڪرا ڇوڪريون اُٿي، بند مٺيون هوا ۾ لهرائيندي ڪاوڙ ۾ بيصبري ظاهر ڪري رهيا هئا. اوچتو ٿي آيل اِن ماحول سبب ڪنوينر، ’ويهو، مهرباني ڪري ويهو.‘ جي رٽ لڳائي رهيو هو پر ڪوبہ سندس ڳالهہ ٻڌي نہ پيو.

اِلزام ججن مٿان لڳو هو. بنا ڪا ڪيفيت ورتي ڪين ڏوهين جي ڪٽهڙي ۾ ڏڪيو ويو هو، هڪ اهڙو گناهہ مٿن مڙهيندي جيڪو هنن ڪيو ئي ڪونہ هو. ڪاوڙ اِن چوٽيءَ کي سچ ثابت ڪندڙ هئي تہ اکين سان ڏٺل بہ ضروري ناهي صحيح هجي. پندرهن ويهن منٽن کان ڇوڪرا ڇوڪريون ججن کي هڪ ٻئي سان ڳالهائيندو ڏسي رهيا هئا. اِن نظاري جيڪا غلطفهمي پئدا ڪئي هئي، اُهائي ڊيڄاريندڙ روپ اختيار ڪرڻ لڳي هئي.

”مونکي اُبھرو نہ ڏيڻ ڪپندو ھو. ڪاوڙ ۾ اچي اھڙي نموني
م نہ لڳائڻ ڪپندو ھو توھان تي. سائين، مان سچ پچ بيحد
مسار آھيان.“

”جيڪو ڪجھہ تو ڪيو، اُنکي جواني چوندا آھن! جنھن ڏينھن
ڙي ھمت نہ سارين، سمجھجائن بيدو تي ويو آھين!!“ ھڪ زوردار
ڪ فضا کي خوشنما بڻائي ڇڏيو.

نہ، ھاڻي سوچيان ٿو تہ جوانيءَ ۽ ھمت جي وچ ۾ ناتو قائم
ندي جيڪا ڳالھہ مون ھن نؤجوان کي چئي ھئي، اُھا ٺيڪ نہ
ي. من جي ھڪ اُڇل ھئي، ھڪ جذبو ھو جنھنجي دٻاوَ کي روڪڻ
ناڪام رھڻ سبب ھو نوجوان غصي ۾ آيو ھو. مان تہ نؤجوان نہ
يان! ھنگامو شروع ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ کي بيقصور ثابت ڪرڻ لاءِ مان
ڪيندو ڊايس تي چڙھي ويو ھيس. ڇو؟ اِلزامن جو جواب ڏيڻ جي
يواري ڇا فقط منھنجي ھئي؟ خوشقسمتيءَ سان منھنجي ڪنيل
م ۽ چيل ڳالھہ جا سنا نتيجا نڪتا. پيڙ جو ڪو وڏان نہ ھوندو آھي.
جڪتا ڪنھنجو لحاظ نہ ڪندي آھي. منھنجي جواب ڪانپوءِ سڀ
جھہ اُلٽ پلٽ بہ ٿي پيو سگھي! اُن حالت ۾ مجرم ڪنھنکي سڏيو
ي ھا؟ ڪلنائڪ ڪير بڻجي ھا؟ مان، فقط مان ھجان ھا ھر ڪنھنجي
ين ۾ ڪلنائڪ.

سوال آھي، سيني ممڪن اِمڪانن ڪانپوءِ بہ اھڙين حالتن ۾
مان پاڻ کي بيطرفدار رکي سگھان ٿو؟ اُڏامندڙ تير کي پڪڙڻ
ي فطرت ڇا مونکي خاموش رھڻ ڏيندي؟

□□

ڇوڪرين تي مون هڪ ڀرپور نظر وڌي. هرهڪ سڪتي ۾ هو. ڊايس تان لهي مان پنهنجيءَ جڳهه تي اچي ويهي رهيس.

ڇوڪرن ڇوڪرين جي منظوري وٺي ڪنوينر اُنهن تقريرن کي چٽاڀيٽيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ جو اعلان ڪيو. جيڪي نيم پٽاندڙ نہ ڪيون ويون هيون. طئہ ٿيو تہ هڪ ٽيم جو ٻهريون ڳالهائيندڙ جيئن وپڪش ۾ تقرير ڪرڻ سبب ٻاهر ڪيو ويندو، تيئن ئي ٻيون ڳالهائيندڙ جيڪڏهن وشيہ جي پڪش ۾ ويچار ظاهر ٿو ڪري تہ اُنکي پڻ رد سمجهو ويندو.

واد وواد چٽاڀيٽي وري شروع ٿي. ڪجهہ وقت لاءِ ٿيل وواد کي وساري فڪريبازي، هوُٽنگ، مؤج مستي، تاڙين جي گجگوڙ ۽ ٽهڪن جو وهڪڙو وري خوشبوءِ سان لبريز ڪرڻ لڳو هو. بس، نيمن جي پيچڪڙي ڪرڻ وارن لاءِ سُر ۾ ترانو ڳائڻ ۾ اچڻ لڳو هو، ”چٽاڀيٽيءَ کان ٻاهر وڃ! ڪوئلا ڪُت ۽ پٽر پيچ!“

پروگرام پورو ٿيو. اسان پنهنجين جڳهين تان اُٿيا ئي هئاسين جو هڪ ڇوڪرو مون وٽ ڊوُڪنيدو آيو. سندس پٺيان پنج ست ٻيا ڇوڪرا بہ هئا. مون سڃاتو، هيءُ اُهو ئي ڇوڪرو هو جنهن هنگامي جي شروعات ڪئي هئي. ڪهڙي اِرادي سان، ڇو آيو آهي هوُ مون وٽ؟ دوست گڏ اٿس. ڪو غلط اِرادو تہ ڪونهيس؟ جيتوٽيڪ ڇٽني پاسي پيڙ هئي. يونيورسٽيءَ جا ڪيترا ئي پروفيسر، چٽاڀيٽيءَ جو ڪنوينر ۽ اِسٽاف جا ٻيا ميمبر وڏي تعداد ۾ آسپاس هئا، تڏهن بہ مونکي لڳو تہ غفا ۾ وچي شينهن کي للڪارڻ جا نتيجا ڀوڳڻ جو وقت اچي ويو آهي.

”بنا سوچي سمجهي توهانجي بي عزتي ڪرڻ لاءِ مان معافي وٺڻ آيو آهيان، سائين“ نؤجوان منهنجن پيرن تي جهڪيو.

”جهڙيون حالتون هيون، اُنهنکي ڏسي ڪوبہ غلطفهميءَ جو شڪار ٿي پيو سگهي. مونکي سٺو لڳو تہ تو من ۾ پئدا ٿيل اُڌمي کي لفظ ڏنا.“

حصو کوني، اُتان هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ لاهيٽي هئن. جيڪڏهن هٽ
ڪڻ نهي ٿي ته مونکي، فقط مونکي نقصان ٿيندو. ظاهر آهي،
هن ڦٽن جي ويڪر گهٽجي پنج ڦوٽ ٿي ويندي. دڪان ۾ اندر
جڻ جو رستو ته سوڙهو ٿيندو ئي، سونهن تي به اثر پوندو. قيمت
ٽجي ويندي. جيڪڏهن مسواڙ تي ڏيڻ چاهيندس ته اڄ جي
ابلي ونڻ وارا گهٽ ملندا. گراهڪ جي نظر گهٽ وڌ پوندي. ڏنڊو
راب ٿيندو، منافعو گهٽجندو.

اِنجنير کي عرض ڪيم ته مان بلڊر سان ڳالهايان ٿو، مهرباني
ري تيستائين ڪم نه ڪرائي. هن منهنجي ڳالهه سولائيءَ سان
جي ورتي. شايد بلڊر کي پيچ ڏاهه کان پوءِ منهنجي رد عمل جو
دازو اڳ ۾ ئي هو. اِنجنير کي نرم رهڻ لاءِ هن پهرين ئي چئي
ڏيو هوندو. نه ته منهنجي عرض چا، ليلائڻ جو به ڪو خاطر خواهه
ر هن تي پوي، اِها ڳالهه ناممڪن هئي.

بلڊر آفيس ۾ ڪونه هئو. مون اِنجنير کي ٻڌايو ته هن پاٽئي
يو، ”تون پلي سپاٽي سر سان ڳالهائجائن. ڪم مان تنهنجي چوڻ
ن پوءِ ئي چالو ڪرائيندس.“ بلڊر سان ملاقات ڪرڻ جي مون وري
وشش ڪئي. پر هوُ شام تائين نه گڏيو. ڪو رستو ڪونه هو. سپاٽي بلڊر
ن ڳالهائيندس ضرور، پر مونکي اُن مان ڪو فائدو ٿيندو نظر نه پيو
ي. منهنجي دڪان جو رستو ڪٽي بيسمينٽ ۾ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ
رائڻ جي اِجازت ڪيس قانون نٿو ڏئي. مان ڪورٽ ۾ عرضي ڏيان ته
م تي روڪ به لڳندي ۽ بلڊر کي اُتان ڏاڪڻ نه ڪڍائڻ لاءِ پابند به
يو ويندو. پر مونکي اِتي ئي ڏنڊو ڪرڻو آهي، اِن ئي ڪامپليڪس
ڪوبه بهانو بڻائي، بلڊر مونکي تنگ ڪندو رهندو. دڪان خريد
يل آهي. ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي نٿو سگهجي. وڪڻجي ته سراسر
ديٽو چوارائيندو. پني ڏيڪارڻ به چاهيان ته هن وقت کهڙو مورک
ندو دڪان مونکان؟ ڪامپليڪس جا موجوده دڪاندار بلڊر جون غلط
حيح سڀ ڳالهيون بنا ڪنهن مخالفت جي مڃيندا آهن. مان

جنگ

ٻڌان ته پيو ڪجهه ڏينهن کان پر من ۾ وشواس هو ته مون سان ڳالهائڻ کان اڳ ۾ بلڊر ڪو قدم نه کڻندو. ڀلي منهنجيءَ زال جي نالي هجي پر ڪيس جاڻ هئي ته دڪان منهنجو آهي. حقيقت ۾ مالڪ مان ئي آهيان. وري ڏنڊو ٿو ڪريان. اِتي گذريل ڇهن سالن کان. مون سان ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن طرح جي مشقت ڪرڻ جي گهرج ڪانه هئي. ماڻهو موڪلي نياپو ڏيڻو هو فقط. مان بلڊر سان گڏجي اچان ها. حب سان، حليمائيءَ سان، ڏي وٺ واري انداز ۾ يا سمجهاڻي ڏيڻي جيڪو به چوڻ چاهي، ڪيس ڇوٽ هئي. ڇو ته سندس عمر سٺ سال کن آهي ۽ مان اجا ٿيهن جو به نه ٿيو آهيان، ڇو ته هو شهر جي بيحد مشهور ڪامپليڪس جو روح روان آهي ۽ مان ڪامپليڪس جي اٽڪل ٻن سؤ دڪانن مان صرف هڪ جو مالڪ آهيان، ڇو ته سندس حيثيت جي مقابلي منهنجو وجود هڪ ٻڙي آهي، ڇو ته سندس پهچ، سندس رسوخ جو هڪ ننڍڙو حصو به منهنجي نصيب ۾ ڪونهي تنهنڪري جيڪڏهن مونکي گهرائي ڳالهائي ها ته مان شايد ئي هنجي مرضيءَ کان ٻاهر وڃي سگهان ها.

پر بلڊر نه ڳالهايو، نه ٻڌايو. مزور اوچتو آيا ۽ دڪان جي سامهون پيچ ڊاهه شروع ڪري ڇڏيائون. ڏنم ته ڇرڪي ويس. سُٽس هوندي به پورو پروسو هو، بلڊر ڪم شروع نه ڪندو. پهرين ڳالهائيندو. تنهن ڪري هڪ دفعو ته لڳو، پيو ڪجهه ڪرائيندو هوندو. ڪم سندس اِنجنير ڪرائي رهيو هو. ڏنل وائنل هو. دڪان تان هيٺ لهي آيس. پڇيومانس ته پتو پيو، ٻئي ڪنهن مقصد سان نه، ٽوڙ ڦوڙ بيسمينٽ ۾ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ ڪڍائڻ لاءِ ٿي رهي آهي. دڪان جو سامهون وارو

وتائي يا اَڏاوت آخرين فيصلي تائين قائم رکڻي پوندي. بلڊر ڪم
، ڪرائي تنهن لاءِ رستو پڻ وڪيل پاڻ ٻڌايو.
اُن موجب ٻئي ڏينهن صبح جو مان ۽ منهنجي زال بلڊر جي
ھر وياسين. زال گڏ هئڻ سبب هڪ ته بلڊر کي واسطيدار مالڪ جي
وجودگيءَ ۾ عرض ڪيو ويو، اِن قسم جي دليل اسان ڪورٽ ۾ ڏيئي
ئي سگهاسين. ٻيو، توري گهٽي گنجائش هئي ته زال زائفان جي
امهون بلڊر کا نرمي ڏيکاري. ٿي سگهي ٿو، هونئن به بلڊرگهر ۾
ليکي سان پيش پوي ها! ممکن آهي، زال گڏ هئي تنهنکري بلڊر
يهاري چانهن پيئاري هجي، فضيلت سان ڳالهايو هجي!! بهرحال
ڪهمائي ڦيرائي بلڊر سمجهائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ته ڏاکڻ
ڪرڻ سان اسانکي نقصان نه، فائدو ٿيندو. اِئين سندس پرپور سهيوگ
، سهڪار پڻ اسانکي ملندو رهندو. ٻين کي جنجي اِجازت نٿو ڏئي،
اهڙا ڪم به هوُ اسانکي ڪرڻ ڏيندو. چئجي ته نرم ريشمي ڪپڙي
۾ ويڙهي بلڊر ڌمکي ڏيئي رهيو هو، ”ڏاکڻ جي اڏوات ۾ رنڊڪون
وجهندا ته ڇڏيندس ڪونه توهانکي! ڪارپوريشن جو حڪم آهي. نقشا
پاس ٿيل آهن. توهان ڪجهه به ڇونه ڪيو، ڏاکڻ هرحال ۾ نهندي.“
ويچار ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت وٺي اسان واپس آياسين. رٿا
موجب، ٻن ڏينهن جو وقت اسان وٽ هو. اِن وچ ۾ ڪورٽ جي
ڪارروائي ڪري ڪيس پابند ڪري پيو سگهجي.
فرض ڪجي بلڊر جي ڪارروائيءَ تي ڪورٽ روڪ نٿي لڳائي.
ڏاکڻ به نهندي ۽ بلڊر سان دشمني به ڳنهبي. بي عزتي ٿيندي. پئسو
برباد ٿيندو. ڪامپليڪس جي دڪاندارن سان ناتا اڄ جهڙا نه رهندا.
ته پوءِ خاموش ڇو نه رهجي؟ ٿئي، جيڪو ٿيڻو آهي. جيڪڏهن محب
جو وسال نصيب نه ٿئي ۽ خدا به نه ملي ته پوءِ جفاڪشي ڪجي ئي ڇو؟
ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌين جي مالي حالت قياس جوڳي هئي. رهڻ
لاءِ ڍنگه جي جڳهه، کائڻ لاءِ صحتمند کاڌو ۽ پائڻ لاءِ شاناٿتا وڳا،
ڪجهه به ڪونه هو هنن وٽ. هڪ هڪ پئسو سوچي سمجهي خرچ

ڪورٽ ۾ ويندس ته دڪاندار به ساٿ نه ڏيندا. ٿي سگهي ٿو، بلڊر جي اِشاري تي ڪجهه دڪاندار مون سان پائي ڪٽن. جيئڻ محال ٿي پوندو.

جيئن انديشو آهي، ڳالهائڻ ڪانپوءِ به جيڪڏهن بلڊر نٿو مڃي ته ڇا مان ڪيس ڏاکڻ ڪڍائڻ ڏيان؟ اَنياءُ ٿو ڪري، غلط ۽ غيرواجب ڪم ٿو ڪري، غير قانوني قدم ٿو کڻي، تنهن هوندي به چپ ڪري نقصان برداشت ڪريان؟ ٿي سگهي ٿو اِتان ڏاکڻ ڪڍائڻ لاءِ بلڊر نقشا پاس ڪرائي ڇڏيا هجن. پئسي جي زور تي ڇا نٿو ڪرائي سگهجي اڄ ڪلهه؟ مان ڳالهائيندوسانس ته ٿي پهه جواب ڏيندو، ”مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ ڪارپوريشن حڪم ڏنو آهي. مان ته فقط پوءِ واري ٿو ڪريان اُنجي.“ کٽي مڃان، بيسمينٽ ۾ وڃڻ لاءِ هن پاسي کان ڏاکڻ ڪڍائڻ لاءِ سچ پچ ڪارپوريشن چيو آهي. پر ڏاکڻ هن هنڌان نڪرندي، اِها رٿا ته بلڊر جي آهي! منهنجي آسپاس سڀ دڪان بلڊر جا پنهنجا آهن. ٻئي هنڌان ڏاکڻ نڪرندي ته اُن دڪان جي قيمت ڪرندي. نقصان سڌو بلڊر کي ٿيندو. نقشا پاس ڪرائڻ لاءِ جيڪا رقم خرچ ٿي هوندي، ممڪن نقصان جي مقابلي ڏاڍي گهٽ آهي. بلڊر هر حال ۾ فائدي ۾ آهي. منهنجي دڪان جي سامهون ڏاکڻ ٺهندي ته گهاٽو ٻيو ڪنهن کي نه، اڪيلو مونکي ٿيندو. تنهن هوندي به آئينده جي اِمڪانن کان ڏکي بلڊر جي زوراوريءَ کي برداشت ڪريان؟ وريِ طاقت جو ايڏو غرور جو ڪم شروع ڪرائڻ کان اڳ ۾ ٻڌائڻ يا ڳالهائڻ جي گهرج به محسوس نه ڪيائين؟ نامرد ٿي ڏسندو رهان هيءَ نه سهڻ جهڙي واردات؟

شام جو وڪيل سان صلاح ڪيم. موقعي تي وٺي وڃي ڪيس سچي حقيقت سمجهايم. سموري معاملي کي سمجهڻ کان پوءِ هن خاطري ڏني ته ڪورٽ مان هڪدم روڪ ۽ پوءِ دائمي پابنديءَ جي ڪارروائي ڪرائي سگهبي. ڪاغذ تيار ڪرڻ ۾ هڪ ڏينهن لڳندو. ڪيئن به ڪري هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجيءَ سطح تي ڪم روڪائڻو پوندو. ڪم شروع ٿي ويو ته ڪورٽ جي روڪ کان پوءِ، تيستائين ٿيل

ٻيو نہ ڪوئي

جڏهن جسم کي ڪا محنت نہ ڪرڻي پيئي تہ ٿڪ ڇو محسوس
؟ جيڪڏهن من جي ٿڪ کي بدن جي ٿڪ جو سبب مڃيو وڃي
لڳڻ کپي، فلاڻي واردات جذبن ۾ لهرون پيدا ڪيون ۽ تنهنڪري
۾ من تي، پوءِ جسم تي اثر ٿيو. اهڙي ڪابہ واردات نٿي ٿئي
ڪا من کي مايوس ڪري، پوءِ ٿڪل ڇو ٿو لڳي جسم؟

مثال طور، ڪجهہ ڏينهن اڳ گهر جي لڳو لڳ نهيل جڳهہ ۾
ڙي جلسي ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. پٽ کي نوڪري ملڻ جي
شيءَ ۾ چوند ماڻهن کي منجهند جي روٽيءَ لاءِ نيند ڏني ويئي
ي. ڪپڙا متيا ۽ پنهنجي گهر مان نڪري پاڙي واريءَ جڳهہ ۾ هليا
سين. ڪو بوجهہ يا تناءُ نہ هئو. آمدرفت جو دٻاءُ نہ هئو. ٽرئفڪ
نلن جو جهنجٽ نہ هئو. ناپاڪ ماحول نہ هئو. گرميءَ جو ڦهڻ نہ
و. وڏ ۾ وڏ هڪ منٽ لڳو هوندو پهچڻ ۾. ڪالونيءَ ۾ ڪنهنکي
ند مليل نہ هئي تنهنڪري سڃاڻپ بہ ڪوئي نہ هو اُتي. ڪرسين
گهيرو ٻڌائي ڏهہ ٻارهان ماڻهون ويٺا گپا شپا هڻي رهيا هئا.
يسريءَ وٽي وڃي ويهاريو. سيني سان ملاقات ڪرائي ۽ پنهنجي
م ڪار ۾ لڳي ويو. ڪڏهن رٽاير ڪرڻ کان پوءِ جون مصروفيتون،
ڏهن تيزيءَ سان رفتار پڪڙيندڙ زماني جون تبديلون ۽ ڪڏهن
جنيتڪ هلچلون، ڳالهہ ٻولهہ جا مرڪز مٽجندا رهيا. مان اِنهن مان
هڪ وشيہ تي ويچار ظاهر ڪري پيو سگهان پر اٽوافقن جي وچ ۾
ڻ سبب مونکي ڳالهائڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي.

چپن تي مُرڪ چپڪائي مان اڏ منو ڪلاڪ اُتي ويٺس. سيني
ن ڳڏجي منجهند جي روٽي کاڌم، تنهن کانپوءِ بہ ڏهہ پندرهان

ڪرڻ سندن مجبوري هئي. عقل کان ڪم وٺندي هننڀرپور محنت ڪئي. شرم ڪئي بنا گهر جي هرهڪ ننڍي وڏي ڀاتيءَ اهڙا سڀ ڪم ڪيا جيڪي سنڌ ۾ رهندي هو ڪڏهن نہ ڪن ها. مکاني ماڻهو، ڀاڙي وارا، واپاري ملڻ جلڻ وارا ڇا ڇا چوڻ-سوچن، اِنجي پرواهہ نہ ڪري پاڻ کي ٽائينڪو ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. ٽتي، ٽڏي، مينهن روڪي نہ سگهيا سندن راهہ. محنت ڪيائون، پر مزورن وانگر نہ. ٻڌيمانن جيان ترقيءَ جي رستي جي تلاش ۾ ڏينهن کي ڏينهن ۽ رات کي رات نہ سمجهائون. جتي ضروري لڳن جهڪيا، جتي ضروري لڳن سمجهوتا ڪيائون ۽ جتي ضروري لڳن ٽڪرايا.

هن بلڊر جيڪو ڪيو آهي، اُهو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي. دڪان ۽ مکان مالڪ، سرڪار ۽ ڪارپوريشن، پوليس وارا ۽ گنڊا، ننڍا وڏا مکاني واپاري، ٻولي ۽ سياءُ، عزت جي چاهنا ۽ اٺهوند جي انڌين غفائن مان لنگهندي سام، دام، دنڊ، ڀيد سڀ ڪجهہ ضرورت موجب ڪتب آندو هو هنن. وقت شاهد آهي تہ عرش کان فرش تي ڪريل سنڌين جي ٻاٽ کي ڪاميابيءَ جي اُنهن سيني هارن سينگاريو جنجا هو حقدار هئا. هيٺا تي مئدان ڇڏي ڏين ها تہ اجوڪو فخر سندن حصي ۾ ڪڏهن نہ اچي ها.

برابر نہ ڏنا آهن اُهي ڏينهن مون پر منهنجين رڳن ۾ سرگرم خون جو رنگ عام ٻاڙهو هوندي بہ اُن ۾ الڳ طرح جي چمڪ آهي. نہ هجي ها چمڪ تہ شايد مان گهٽو ڀهرين هار مچي چڪو هجان ها. پلي بلڊر ۽ ڪامپليڪس جا دڪاندار هميشهہ لاءِ ويري ٿي بيهن، پلي پئسو برباد ٿئي، پر نہ ڪندس انياءُ برداشت.هينين ڪورٽ روڪ نٿي لڳائي تہ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪندس. سچ کي ترىءَ هينان نٿو لڪائي سگهي بلڊر. سچ کي سوپارو ٿيڻ کان روڪي نٿو سگهي ڪوئي. منهنجون منيون زور سان پيڪوڙجي ٿيون وڃن. گيدي نہ ٿيندس. لڙندس، ضرور لڙندس هيءَ جنگ مان.

□□

مون زور سان ٺهڪ ڏنو هو. موٽڻ ڪانپوءِ دوست جو فون آيو.

”پيا ماٺهو ڳڻ هئا، تنهنڪري اُن وقت نه پڇيم توکان. سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي نه؟“

”ٺيڪ نه آهي! توکي ڪجهه غير معمولي لڳو ڇا؟“

”تڏهن نه فون ڪري رهيو آهيان توکي!“

”ڪو آڌار هوندو نه تو وٽ؟ ڪو بدلاءُ ڏٺو تو منهنجي وهنوار ۾؟“

”مٿان نه سڀ ٺيڪ پيو نظر اچي پر لڳاتار محسوس ٿي رهيو هو نه تون ساڳيو شخص نه آهين.“

”نه، نه، مان اوڙهو ٿي آهيان، جهڙو اڳ ۾ هوندو هوس. هڪ ساٿيءَ تنهنجي سامهون اِها ڳالهه چئي به هئي.“

”برابر چئي هئي. پر تون ڪيترا به ناٽڪ ڪر، پنهنجو سچ مون کان لڪائي نه سگهندين.“

”ڇو لڪائيندس سچ توکان؟ ڀڄاءِ؟“

”پيا ماٺهو ڳڻ هئا. ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري من کي کولڻ مناسب نه لڳو هجي توکي!“

مون نقلي ٺهڪ ڏنو، ”اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. تون بي فڪر رهه.“

”ٺيڪ آهي، تون چوين ٿو نه مان مڃي ٿو وٺان.“ هن ٺهر سان جواب ڏنو.

ڪنهن کي ڇا چوان؟ ڪنهن کي ڇا ٻڌايان؟ مون ۾ تبديل آئي آهي. منهنجي قوت، ڪم ڪرڻ جي طاقت، شرير ۽ من جي شڪتي گهٽي آهي. احساس هوندي به مونکي نه اِنجو سبب پتو آهي ۽ نه مان اِن حالت کي منظور ڪرڻ جي من اِسٿتيءَ ۾ آهيان. بيفڪري، چستي، حاضر جوابي، مقابلو ڪرڻ جو جذبو ڪُند ٿيڻ جا اُهڃاڻ ملي رهيا آهن پر مان مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان. مونکي سمجهڻ وارا، سڀاويڪ آهي نه اِن فرق کي محسوس ڪندا. دوست به جيڪڏهن پڪڙيو ۽ ورجايو نه تعجب نه ڪرڻ گهرجي. دوست کي ڀنيلائي ڇڏيم. جيڪڏهن پنهنجو پاڻ سان به ڪوڙ ڳالهايان نه ڪير روڪي سگهندو؟

منت اُتي ويهي اسان موٽي آياسين. گهر پهتاسين تہ لڳو، بيحد ٿڪجي پيو آهيان. ڇا ڪيو منهنجي شرير اهڙو جو ٿڪ محسوس ٿئي؟ روٽي کائڻ لاءِ گرهہ ڪٽڻ، گرهہ کي ٿالهيءَ مان ڪٽي وات ۾ وجهڻ، هٿ کي واپس هيٺ ڪٽي اچڻ، وات ۾ وڌل گرهہ کي چٻاڙڻ، روٽي کائڻ کانپوءِ پاڻي پيئڻ، اُتي هٿ ڌوئڻ، گرڙيون ڪرڻ، کيسي مان رومال ڪڍي هٿ ۽ منهن اُگهڻ، هي سڀ اهڙا ڪم هئا ڇا جيڪي جسم کي ٿڪائن؟ ڳالهايو گهٽ هو. ڪنهن سان بحث ڪونہ ڪيو هو. دماغ تي دٻاءُ ڪونہ هو. ٻين جون ڳالهيون، سندن دليلون ٻڌي دل ۾ ڪين غلط يا صحيح ضرور چئي رهيو هوس پر هڪ دفعو بہ حصيدار بڻجڻ جي ڪوشش نہ ڪيم. زبان کولي نہ ڪنهن ڳالهہ جي پوءِ واري ڪيم ۽ نہ مخالفت ڪيم. ڇپن جي مُرڪ کي آڌار سمجهون تہ مان ڳالهين جو مزو وٺي رهيو هوس. من کي آٽوٽنڊڙ لڳڻ جهڙو ڪجهہ بہ نہ هو اُتي. ڪاڏو اهڙو نہ هو جنهن سان ذائقو خراب ٿئي. مانَ-عزت ۾ ڪمي ڪانہ هئي. من ۾ خوش نما احساس هو تہ پاڙيسري هئڻ سبب هجي يا ويجهائپ جي ناتي، پر سڄي ڪالونيءَ مان فقط اسانکي نيند ملي هئي. اهڙين حالتن ۾ نہ من کي ٿڪجڻ گهرجي ۽ نہ تن کي. تڏهن بہ ٿڪ محسوس ٿي رهيو آهي تہ ڇو؟ ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا اِنجي پنيان؟ عمر جو اثر مڃون تڏهن بہ سوال پنهنجيءَ جڳهہ تي ڪڙو آهي تہ جسماني يا ذهني محنت ڪئي بنا ٿڪل ٿڪل ڇو ٿو محسوس ڪريان؟

ايمپلائيز ائسوسئيشن ۾ گڏ ڪم ڪيل ۽ اٽڪل ڏهہ سال اڳ ۾ رٽاير ڪيل هڪ دوست ڪجهہ ڏينهن ٿيا، دهليءَ مان آيو هو. گهر گڏجڻ آيو. گرمجوشيءَ سان مان هن سان ڀاڪر پائي مليس. سندس پرزور سواگت ڪيم. کلي ڪري پنهنجائپ سان روح رهاڻ ڪئيسين. بہ ٽي پراڻا اڳوان گڏ هئس. ويندي ويندي اُنهن مان هڪ چيو، ”ڏسي خوشي ٿي ٿئي تہ رٽاير ڪرڻ کانپوءِ بہ توهان بلڪل اڳ جهڙا آهيو. اوترا ئي چست درست، اوترا ئي خوش دل ۽ اوترائي پر جوش.“

ندي آهي. ڪڏهن تڪ محسوس نہ ڪندو آهيان. ڪڏهن وقت
ِ اٽاٽ پريشان نہ ڪندي آهي. ڪڏهن ڏکئي ڪان ڏکيو ڪم بہ
جهہ نہ بڻجندو آهي. سڀ ڪجهہ ايتري خوبصورتيءَ سان ٿيندو
ي جو محسوس ئي نہ ٿيندو آهي، ڪا ڪوشش ڪئي آهي پورو
رڻ لاءِ.

جيڪڏهن اَهميت کپندي هئي تہ اُن رستي ڪي ڇو ڇڏيم
هن تي هلي گهربل ملڻ سولو هو؟ رٽاير ڪرڻ ڪان پوءِ ايمپلائيز
سوسئيشن ۾ عهدي تي قائم رهڻ ممڪن نہ هو تہ صلاحڪار جي
ي ئي صحيح، سرگرم رهي پيو سگهجي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾
ڪو دوست دهليءَ مان آيو هو، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڳنڍيل
يو آهي نہ ايمپلائيز ائسوسئيشن سان؟ مونکي تہ فقط ٻہ سال ٿيا
ن، هو گذريل ڏهن ورهين کان پنهنجي موجودگي درج ڪرائيندو
اچي. جنهن وقت مون سان گڏجڻ آيو، ائسوسئيشن جا ٻہ ٽي اهم
ديدار ساڻ هئس، اِها هڪ ڳالهہ ئي سندس قائم اهميت جو ثبوت
ي. منهنجي لاءِ ممڪن نہ هجي ها، ڇا اِهو سڀ ڪرڻ؟ مون نہ
وشش ڪئي ۽ نہ چاهہ ڏيکاريم، هاڻي پنيان رهجي ويو آهيان تہ پاڻ
ِ اڪيلو، اَجايو، بي مطلب ۽ فضول محسوس ڪندي ذهني ڇڪتاڻ
مبتلا آهيان. بي وجهہ محسوس ٿيڻ واري تڪ، چڙ، اسنتوش،
فگي ۽ آنڌ مانڌ جي جڙ ۾ اِها پوشيدهہ ڇڪتاڻ تہ ڪانهي؟

پيڙ مونکي وڻندي آهي. هاڻي ايڪانت چونڊي آهي مون.
ٺهو تعريف ڪن. منهنجي هئڻ ۽ حيثيت لاءِ سندن من ۾ حسد جي
ونا هجي. مخالفت ڪرڻ وارن ڪي بي واهہ ۽ ڪمتر محسوس
رائڻ لاءِ ضروري رانديون ڪندو رهان. ڪٿي وڃان تہ عام ماڻهوءَ
هڙو وهنوار نہ ڪيو وڃي مونسان. زبان سان چوان يا نہ چوان پر ان
ن مونکي خوشي ملندي آهي. ايڪانت ۾ رهي اڄڪلهہ جيڪو
جهہ مان ڪريان ٿو، هوندي اڌوري رهي ويل ڪامنا پر سچ پچ اِهو
هنجو پرم هو. سڀ ڪجهہ ترڪ ڪري صرف پڙهندو رهان ڇو تہ

غلط بياني، پرديداري، لڪ چپ ۽ بچ بچاءُ ڪري ڪنهن سان ٺو ڇل ڪريان مان؟ جيڪي تبديليون خود ٿو محسوس ڪريان، هن نموني اُنهنکي قابوُ ڪري سگهجي ٿو ڇا؟

پهرين جيترو خوش نٿو رهان. سبب؟ شايد خوشيءَ جو ماحول ڪونهي ڇئني پاسي. هڪ رسيءَ ۾ غلطان ڏينهن ٿو اُپري. هڪ رسيءَ ۾ ٻڌي ٿو وڃي. ڪتابن ۽ مخزنن ۾ جيڪو مواد پڙهندو آهيان، تنهن ۾ نواڻ هوندي آهي. گهڻو ڪجهه اهڙو پڙهڻ لاءِ ملي ويندو آهي جيڪو منهنجي گيان ۾ اِضافو ڪري سگهي. شاملراءِ نہ هئڻ جي حالت ۾ سوچ جن نقطن سان مڪاميل ڪرائيندو آهي، اُهي من ۾ وشواس پئدا ڪندا آهن تہ مون وٽ ڪجهه اَصلوڪو آهي. گيان ۾ اِضافو ۽ سوچ جو وستار گڏجي ڪجهه شاهوڪار ضرور بڻائيندا آهن پر پڙهڻ، پڙهڻ ۽ فقط پڙهڻ. آخر ڪيستائين پڙهي ڪوئي؟ ڪيترا دفعا پڙهڻ تي بلڪل دل نہ هوندي آهي. ڪتاب ۽ پڙهڻ جهڙو ڪجهه بہ ڏسي ذهني اُلٽي اچڻ لڳندي آهي. پاڻ تي زور زبردستي ڪري اُچاٽ من سان پڙهندو آهيان تہ پڙهيل نہ مزو ڏيندو آهي ۽ نہ چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ ايندو آهي. تنگ ٿي ٽي- وي- ڏسڻ لڳندو آهيان يا سي-ڊي- لڳائي ڏسڻ-ٻڌڻ لڳندو آهيان تہ ڪلاڪ اڌ ۾ اُن مان بہ بِر ٿيڻ لڳندو آهيان. سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي، ڪريان ڇا؟ ڪيئن وقت گذاريان؟

من موافق ٿيل ڪم خوشي ڏيندا آهن. چاهت جي برخلاف ٿيل ڪم گهٽ يا وڌ ملوُل ڪندا آهن. من ۽ جسم جي حالت ۾ آيل زواليت جي جڙ ۾ اِهو اُصول تہ ڪونهي؟ سڄي عمر جن هلچلن ۾ مصروف رهيو آهيان، اُنهنجي ڪري اهميت ملندي رهي آهي. اهميت جو ذائقو لڳاتار محسوس ٿيندو رهيو آهي. اُن ذائقي جي ڪري خصوصيت جو هڪ گهيرو نظر نہ اچڻ واري خوشبوءِ جيان منهنجن سواسن ۾ رهيو آهي. اِهو احساس شايد ايتري شڪتي ڏيندو رهيو آهي جو من ۽ بدن ٻئي هوا وانگر آسمان جي اونچائي ناپيندا رهيا آهن. ڪڏهن خفگي نہ ٿيندي آهي. ڪڏهن زندگي بي مزا نہ

حلفنامو

مان سرل دل پولارام آتمايماني، عمر ٦٧ ورهيہ، سرنامو في
حال نامعلوم، پٽ ننهن جي اَڻ وڻندڙ گفتن سان بي عزت محسوس ڪرڻ
ان پوءِ ٻيدا آشرم ۾ رهڻ هليو آيو هيس. ٻيدا آشرم جو ماحول رهواسين
بندوبست ڪرڻ وارن جو وهنوار ۽ اِنتظام ڏسي مونکي اَحساس ٿي
يو آهي تہ پنهنجن جي هوندي بہ پراون جي وچ ۾ رهي هرروز جنهن
هني تڪليف کي ڀوڳي رهيو آهيان، تنهنجو مُول سبب مان پاڻ
هيان. تنهنڪري هن قسمنامي معرفت مان اَعلان ٿو ڪريان تہ

١. هنڪان پوءِ ڪڏهن آتمايماني تخلص اِستعمال نہ ڪندس.

٢. ننهن هئڻ جي ناتي توهانجي عمر مونکان اَڌ ڪن مس
هوندي. سهرو هئڻ جي حق ۽ عمر ۾ تفاوت سبب مان توهانکي ’تون‘
چئي سڏيندو رهيو آهيان. آئينده ڪڏهن اهڙي گستاخي نہ ڪندس.
توهانکي فقط ’توهان‘ چوندس.

٣. توهانجو چوڻ واجب آهي تہ ٽيٽيهن چوٽيهن سالن جا ٿي
ويا آهيو ۽ منهنجي ڪري توهانکي شانتي نصيب نہ ٿي آهي. جاٽي
ٻجهي اشانت ڪرڻ جي ڪوشش ڀلي ڪڏهن نہ ڪئي هجي پر توهان
چئو ٿا تہ، اڻڄاڻائيءَ ۾ هيءُ جرم مونکان ضرور ٿيندو رهيو هوندو.
توهان ڪڏهن غلط نٿا ٿي سگهو. هڪ مهرباني ڪرڻ لاءِ عرض آهي.
آئيندہ ڪڏهن بہ توهانجي شانتيءَ ۾ خلل وجهڻ جي ڀل ڪري
وجهان تہ بروَقت چئي، ٽوڪي، دڙڪو ڏيئي، ڪن پڪڙي يا جنهن
بہ نموني توهانکي مناسب لڳي، ڀُنجو ڏيندا. يقين ڪندا، مان ٻيو
دفعو اُها چوڪ نہ ڪندس.

چاهيندي ٻہ ڪڏهن پڙهڻ لاءِ وقت نہ ڪڍي سگهيس، اِهو وهم هو منهنجو. ٻاهر نڪرڻو پوندو مونکي اِنهن پرمن ۾ وهمن مان. اُهو ئي ڪرڻو پوندو جيڪو مونکي سڀ ڪان وڏيڪ پسند آهي. نہ صحيح ايمپلائيز ائسوسئيشن جي سياست، محلي جي بهبودي ڪاميٽي آهي. بزرگن لاءِ ڪم ڪرڻ وارا اِدارا آهن. رٽاير ڪيلن ۾ پينشن حاصل ڪرڻ وارن لاءِ ٿهيل سنگٺن آهن. پري ڇو ٿو وڃان؟ ڪالونيءَ اندر اچڻ وارن رستن تي دروازا لڳارائي چوري چڪاري روڪڻ جي خيال کان سيڪيورٽي گارڊ رکڻ جي ڳالهہ ٻولهہ ڪيترن مهنن کان بهبودي ڪاميٽيءَ ۾ زير بحث آهي. ناٽو گڏ ڪري اِن قسم جو بندوبست ڪرڻ جون ڪوششون ڪامياب نہ ٿي سگهيون آهن. فقط اِشارو ڏيڻ جي دير آهي، بهبودي ڪاميٽيءَ جا ڪارپرداز ڪڍيون هڻڻ لڳندا. پلي ٻاهٺ ورهين جو ٿي ويو هجان پر مان ٻڍو نہ ٿيو آهيان اَڃان. نہ من سان ۾ نہ تن سان.

مان اُٿي ٿو بيهان. زور سان سڏ ڪري زال کي ٿو چوان، ”ٻڌين ٿي، مان بهبودي ڪاميٽيءَ جي صدر وٺان تي ٿو اَچان.“

□□

ستري نہ ٿي آهي. مونکي سمجهڻ گهرجي تہ گهر گرهستيءَ ۾ اِهي الهيون اَهميت نٿيون رکن. پاڻ تي پورو ضابطو رکي آئينده اهڙين الهين ڏانهن اِشارو بہ نہ ڪندس.

۷. زمانو بدلجي ويو آهي. سڄو بدن ڍڪڻ وارا ڪپڙا هاڻي نہ ائبا آهن. مڊي، جينس-ٽاپر، اِسڪرٽ-بلائوز جهڙيون پوشاڪون نہ ائڻ واريون ڇوڪريون ۽ زالون پوئتانهيون ٿيون مڃيون وڃن. هر قت گهر ۾ هوندو آهيان. تنهنڪري توهان چاهيو تڏهن بہ مونکان ڪائي پائي نٿا سگهو اهڙا ڪپڙا. پائيندا تہ منهنجي نظر پوندي. هي ڪپڙا پائي توهان ڪو غلط ڪم نٿا ڪريو. وقت جي رفتار کي سمجهي مونکي اڳ ۾ ئي احساس ٿي وڃڻ کپندو هو. پر ساٿي زرگ جڏهن طنز ڀريل فقرا ۽ گهائيندڙ نظرون اوتيندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن وهڪري ۾ وهي ويندو هئس. يقين ٿو ڏياريانوَ تہ آئينده وازن رکندس ۽ توهانجي پاتل ڪپڙي لٽي کي اهميت نہ ڏيندس.

۸. فئشن روز ٿو مٽجي. ڪپڙا، چمپلون ۽ سئنڊل سالن جا سال ائڻ جي ڳالهہ سوچڻ هاڻي ممڪن نہ آهي. ٻن ڇئن جوڙي وڳن ۽ سئنڊلن سان ڪم هلائڻ وارن کي ڪمتر ٿو سمجهيو وڃي. سماج ۾ ٿون ويهون ٿا. حيثيت قائم رکڻ لاءِ ضروري سامان خريد ڪرڻ کان ٿو بچي سگهجي. نوان ڪپڙا، چمپلون، سئنڊل ايندا تہ پهرين ورتل اڳيون شيون جمع ٿينديون وينديون. پراڻي سامان جو ڍير ٿو لڳندو جي، اِهو سوچي زماني سان گڏ نہ هلڻ بيوقوفي آهي. هاڻي اِها ڳالهہ مونکي چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي ويئي آهي. ڇا ٿو خريديو وڃي، جيڪو خريديو ٿو وڃي تنهنجي ڪيتري گهرج آهي، اهڙن مدعن کي جن سان منهنجو سڌو يا اڻسڌو واسطو آهي يا نہ آهي، تِن کي پنهنجن ويچارن ۾ ڪڏهن جڳهہ نہ ڏيندس.

۹. سرگرم زندگيءَ ۾ ملڻ جلڻ وارا منهنجي قد جيترا هئا. وڪري پيشا شخص جو دائرو اُن وقت اَچ جيان شان شوقت وارو نہ هوندو هو. گهر جو چمڪندڙ چهرو، رنگ روغن، فرنيچر، اي- سي-

٤. توهانجي ۽ منهنجي پٽ جي وچ ۾ چڪ تاڻ يا ڳالهه ٻولهه بند رهڻ جو سلسلو ڪڏهن لمبو ٿي ويندو آهي. سمجهندي ٻه ته اِهي جزا زال مڙس ۾ پيار کي پختو ڪندا آهن، مان بيوقوف! ڏيرج نه رکي سگهندو آهيان. اڇي پنيان پوندو آهيان. منهنجي بي صبري توهانکي زال مڙس جي شخصي معاملن ۾ دخل اندازي لڳندي هوندي. لڳڻ به گهرجي. نتيجي طور ڪيترا دفع ٻر ٿي توهان چئي به ڏيندا آهيو ته غلط مان نه آهيان، توهانجو پٽ آهي. سمجهايوس. مونکي ڇوٿا گنگهار سمجهو توهان؟ هيل تائين مان هِن کان عادت لاچار رهيو آهيان. آئينده اهڙن موقعن تي مان خاموش رهندس. پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ جي لحاظ کان توهان ٻئي خوب سمجهدار آهيو. توهان ٻنهي جي وچ ۾ مان ڪڏهن نه ايندس.

٥. گهر لاءِ ضروري سامان جو بندوبست ڪرڻ جي ذميداري توهان پاڻ تي هموار ڪئي آهي. اهڙا موقعا گهٽ ايندا آهن، جڏهن تيل، صابڻ، ٿٿپيسٽ ۽ شيونگ ڪريم جهڙيون ننڍڙيون شيون گهر ۾ نه هجن. اِنهن مان ڪجهه ختم ٿيندو آهي ته مان اڳوات توهانکي ٻڌائي ڇڏيندو آهيان. شايد منهنجي لحظي ۾ اهڙو ڪجهه آهي جو منهنجي ڏنل ڄاڻ توهانکي شڪايت جهڙي محسوس ٿيندي آهي. هڪ ڏينهن تيل، صابڻ وغيره اِستعمال نه ڪندس ته آسمان نه ڦاٽندو. رٽايرڊ ٿيل آهيان. طئه شده وقت تي ڪيڏانهن وڃڻو نه پوندو آهي. شيونگ سوپ يا بليڊ نه هوندو ۽ ٻه چار ڏينهن ڏاڙهي نه لاهيندس ته خاص فرق نه پوندو. توهانکي پتو آهي، مونکي پڻ اِها ڳالهه سمجهڻ کپي ته منهنجو صاف سٿرو نظر اچڻ توهان سيني جي سماجڪ ڇبيءَ لاءِ ضروري آهي. ڀروسو ڪريو ته آئينده پنهنجي ننڍي يا وڏي ڪابه گهرج توهانجي سامهون پيش نه ڪندس. توهانجو پاٺئي ڏيان ويو ته نيڪ آهي، پر مان توهانکي ڪجهه نه چوندس.

٦. گنجي ڦاٽي پيئي آهي. ڪڙتو پيجامو پائڻ جهڙو نه رهيو آهي. ڪپڙا ڏوپي نه سگهيا آهن. ڪنهن وجهه سان ڏوتل ڪپڙن تي

ڪندا تہ توهان پاڻ گهرائيندا. اهڙن موقعن تي منهنجو پاٽمرادو
ڄي پوڻ توهانکي نہ وڻندو آهي. مان سمجهي ڪري بہ ناسمجهن
ڄهڙو وهنوار ڪندو آهيان. آئيندهہ جيستائين توهان وٽان سڏ نہ
ڄيندو، مهمانن جي وچ ۾ نہ ويندس. ڪمرو بند ڪري گهٽ آواز ۾
ڻي-وي- ڏسندس يا سمهي پوندس. توهان چاهيندا تہ اوتري دير
گهر کان ٻاهر هليو ويندس ۽ تڏهن موٽندس جڏهن گهر جي سامهون
ڪ بہ ڪار بيٺل نہ هوندي.

١٢. روز تهڻ واري کاڌي ۾ گهٽ وڌ مرچ مصالح هرڪنهن
گهر ۾ هلندا آهن. مهمان اچڻا هوندا آهن تہ سندن ذائقي جو خيال
رکڻو پوندو آهي. پيٽ ۾ الٽر آهي. تنهنڪري مرچ وڌيڪ هوندا هئا
ہ مان خاموشيءَ سان کاڌو ڇڏي اُٿي ويندو هئس. ٿوري گهڻي جلن
سونکي برداشت ڪرڻ گهرجي. برداشت ڪرڻ جي اُميد ٻارن مان
ہ، وڏن مان ئي رکي سگهجي ٿي. مرچن جو تيک زبان سهي سگهي
يا نہ، روٽي ڇڏي ڪڏهن نہ اُٿندس. آئيندهہ سواد، پسند، مرچ يا
ڻن قسم جي ڪنهن سبب سان ٿالهي ڇڏي نہ ويندس.

١٣. وڌندڙ عمر ۾ حواسن تي ضابطو رکڻ ضروري آهي. ڦل،
سڪا ميوا، مٺائي، پزا، ڪٽليٽ، برگر جهڙيون چٽ ڪي مزو ڏيڻ
واريون چيزون من ۾ لالچ پيدا ڪن تہ اُن ۾ ڦاسڻ نہ گهرجي، نہ
خواهش ظاهر ڪرڻ کپي ۽ نہ نظرون بچائي ڪنهن خاص شئہ ڪي
وات ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سڄي عمر سپ ڪجهہ کاڌو
پيتو آهي. سواد کان وڌيڪ اَهم صحت آهي. آئيندهہ من جي لالچ
سبب يا سواد جي چار ۾ ڦاسي اهڙي ڪا چيز نہ کائيندس جنهن جي
ڪري توهانکي پريشان ٿيڻو پوي، نہ آئيندهہ اهڙي جهڙي ڪامنا
من ۾ پيدا ٿيڻ ڏيندس.

١٤. گهر جي ڀاتين لاءِ ڪيترو کاڌو تيار ٿيڻ گهرجي، اِنجو
سهي تخمينو ممڪن نہ آهي. ڀاڄي، ڦلڪا، چانور ڪُٽي پون تہ روٽي
کائڻ وارن کي وڌيڪ خراب ٿو لڳي. تنهنڪري ڪٽنب جي گهرج

فرج وغيره ڪنهنکي ضروري نہ لڳندا هئا. لڪين روپيا مهنو پگهار وٺڻ وارن کي اچ اُتڻي ويهڻي تنهنجي انسار رکڻي تي پوي. وڏو ۽ سٺو مڪان، مهانگي لگزري ڪار، ڏيکاءُ، سڀ ڪجهہ زندگيءَ جو حصو بڻجي ڳڌ هلندو آهي. هوائي جهاز يا ريل جي اي-سي- درجي کان گهٽ ۾ سفر ڪرڻ سان سماج ۾ حيثيت ۽ رسوخات تي خراب اثر ٿو پوي. ڇيي ۽ تعلق سگهارا هوندا تہ بهتر نؤڪري حاصل ڪرڻ سولو ٿي ويندو. هر ٻئين سال گهر جي سامان، فرنيچر، پڙدن، اِنٽيرير کي بدلي فيسلفِتِ ڪرڻ سان بہ سماج ۾ حيثيت وڌي ٿي. جن هستين کي دعوت ڏيئي ڊنر لاءِ گهرائجي ٿو، ڪيريئر جي لحاظ کان اُهي فائديمند آهن. آئيندهہ اهڙو ڪجهہ نہ ڪندس يا چوندس جنهن سان توهانجي سماجڪ حيثيت ۽ تعلقات تي خراب اثر پئجي سگهي ٿو يا اُنهنکي ڇيهو رسي سگهي ٿو.

١٠. توهانجي عمر زندگيءَ جو پرپور مزو ماڻڻ جي آهي. ڪٽي پارٽيون، سير سپاٽا، پڪنڪ، سنيما وغيره جو مزو جيڪڏهن توهان وٺو تہ اَربع خطا نٿا ڪريو. چوٿين-ڇهين مهني هڪ دفعو هفتي ڏهن ڏينهن لاءِ ٻاهر گهمڻ ٿا وڃو تہ نيڪ ٿا ڪريو. مونکي ڪڏهن ٻاهر روٽي کائڻي پيئي يا لنگهڻ ڪڍڻو پيو تہ مري نہ ويندس. ٽفن سينٽر جا ڦلڪا نٿا ڇبجن يا نٿا پچن تہ ڪو پهاڙ نہ ڪرندو. فقط ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهہ هوندي آهي. توهانجي موٽڻ کان پوءِ سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو آهي. جيڪي زندگي جي ڇڪا آهن، تياڳ جي نالي شي اُنهن لاءِ پنهنجن سکن کي قربان نہ ڪرڻ گهرجي. مان زندگي پوڳي چڪو آهيان. توهانکي خوش ڏسي مونکي خوش ٿيڻ کپي. آئيندهہ پُل ۾ بہ توهانجي خوشيءَ جي آڏو نہ ايندس.

١١. توهان مهمانن کي گهر ۾ گهرائيندا رهندا آهيو. گهر ۾ رهڻ وارن بزرگن کي سمجهڻ گهرجي تہ اهڙن موقعن تي بي سبب سيني جي وچ ۾ اچڻ نيڪ نہ آهي. حيلمائيءَ جون حدون ۽ اُنهن حدن جي وستار جو فيصلو توهانکي ڪرڻو آهي. ضرورت محسوس

کُسنگت کان بچائڻ جي لاِء ڪجھ قاتل ۽ ٺنگ ڦاسائڻ جي
ت گڏجي مون کان ھڪ اھڙي پُل ڪرائي ھئي، جنھنکي توھان
ھن معاف نہ ڪندا. ٻار نشو ڪيو. ڪرڪيٽ تي سٽو ھنيو. ھتان
ن پاري وياج تي اوڌر ورتي. چئني طرفن کان ڦاسي وڃڻ تي پلي
گھر ۾ سڀ کان اڳ ۾ ڄاڻ مونکي ڏني ھجي پر مسئلي مان
س ٻاھر ڪڍڻ جي پھل مونکي نہ ڪرڻ کپندي ھئي. ٻار کي
سي ۾ آٽي مون وستار سان معاملو سمجھو. جن دوستن سان گڏ نشو
و ھئائين، اُنھن سان پاڻ وڃي ڳالھايم. جن سان سٽو ھنيو ھئائين،
ن سان رابطو قائم ڪيم. جن کان اوڌر ورتي ھئائين، اُنھنکي
چاريم، ڌمڪايم. ٻار کي سمجھائي، وچن وٺي، قرضدارن جي ڊپ
ٻاِء کان آزاد ڪري پلي مون سڀ ڪجھ ٺيڪ ڪري ڇڏيو ھجي،
واردات کان پوِء سنديش اِھو ويو تہ ھن گھر ۾ مان ئي سڀ ڪجھ
يان. ٻين سيني جي حيثيت منھنجي سامھون ٻُڙي آھي. توھان
املو پوليس ۾ ڏيئي پيا سگھو. ٻار کي غلط راھ تي وٺي وڃڻ وارن
سزا ڏياري پيا سگھو. مونکي پتو آھي، توھان ۾ ايڏي طاقت آھي.
ھنجي قدم توھانکي نيچو ڏيکاريو. ايشور نہ ڪري، وري ڪڏھن
ڙي نؤبت اچي. پر آئيندھ سماج جي سامھون توھانکي نيچو ڏيکارڻ
حماقت ڪڏھن نہ ڪندس.
١٧.ھرھڪ بزرگ کي گھر ۾ پنھنجي ضرورت ثابت ڪرڻ
رجي. ٻارن کي پڙھائڻ گھرجي. سبزي ۽ سودو-سلف آڻڻ
رجي. اي-سي-، ڪولر، گيزر، فرج، واشنگ مشين، نل ۽ بجلي
يرہ لاِء مسترين جو بندوبست ڪرڻ گھرجي. ننڍين-وڏين
رجن جو پاٽئي خيال رکڻ کپي. اِھي سڀ ڪم مان ڪري پيو
ھان، نہ ڪيم. ھٽ وجھائڻ تہ پري رھيو، بوجھ بڻيو رھيس.
بندہ ھي سڀ ڪم مان من لڳائي ڪندس. مون حساب ۽ سائنس
ھيا آھن. اڳتي توھانکي ٻارن کي ٽيوشن لاِء نہ موڪلڻو پوندو.
نکي مان پاڙھيندس.

کان ئي وڏيڪ روٽي ناهي توهان سنو ڪم تا ڪريو. تعريف ڪرڻ جي جڳهہ تي نڪ کي موڙو ڏيئي مان نيڪ نہ ڪندو هئس. تيار کاڌو بچيو تہ فرج ۾ ويو. ٻہ ٽي ڏينهن ڪتب نہ آيو. سيني کي پتو آهي تہ صفائي ڪرڻ واريون، باسڻ ٻهاريءَ واريون، فرش اُگهڻ واريون ۽ ڏوٻياڻيون کاڌي جون بچيل ڪچيل شيون وٺڻ ۾ اڄڪلهہ ڪيترا نخرا ٿيون ڪن. آخر کاڌو خراب ٿي ويو ۽ ڪچري جي ڊٻي ۾ ڦٽو ڪرڻو پيو تہ اِن لاءِ توهانکي ڏوهہ نٿو ڏيئي سگهجي. ايندي هوندي سُڪڻ کانپوءِ ٻہ ڦلڪن مان ديسي گيهہ جي سڳنڌ ! وهندي هوندي ياڇين ۾ وڏل تيل جي ڌارا! جاڻي ٻجهي تہ توهان گهر جو نقصان ڪندا نہ آهيو. ڪنهن کي حق نہ آهي، توهان نسبت چڱو لڱو سوچڻ جو. مثال بربادي لڳڻ واري اهڙي ڪنهن نقصان جي ڳالهہ کي آئيندهہ مان زبان تي تہ چڙيو، من ۾ ٻہ اچڻ نہ ڏيندس.

١٥. هرڪنهن ڏاڏي ڏاڏيءَ جي دلي خواهش هوندي آهي تہ سندن پوٽا پوٽيون سنسڪاروان هجن. وڏا ٿي پنهنجو ۽ ڪٽنب جو نالو روشن ڪن. تنهنڪري هوُ کين اِخلاقي سکيا ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. رامايڻ، مهاڀارت ۽ پنچتنتر جون ڪٿائون ٻڌائيندا آهن. ڳالهہ ٻولهہ ۾ سهجتا سان سداچار سيکاريندا آهن. مناسب وهنوار جا طور طريقا ٻڌائيندا آهن. اِنڪري ٻارن سان ڏاڏي ڏاڏيءَ جي ويجهائپ وڌندي آهي. ٻار کين پسند ڪرڻ لڳندا آهن. ڏاڏي ڏاڏيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون اڻجاڻائيءَ ۾ جڙون جمائڻ لڳنديون آهن. مونکي سمجهہ ۾ اچي ويو آهي تہ اخلاقي سکيا، رامايڻ وغيره جون آکاڻيون ۽ هندو شاسترن جي سُٽي موجوده دور جي ضرورتن کان ٻارن کي پري ٿيون ڪن. نئين يگ جي تقاضن جو مقابلو اِنهن هٿيارن سان نٿو ڪري سگهجي. آئيندهہ مان ٻارن سان اهڙو وهنوار ڪندس جنهن سان هوُ مونکي ناپسند ڪرڻ لڳندا ۽ منهنجي پاسي ۾ اچي نہ ويهندا.

١٦. ڪجهہ تجربيڪار هئڻ جو اَيمان، ڪجهہ پنهنجيءَ سنتان

توازن

سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. معمولي ڏنڊ ٻه نه آهي دماغ ۾. تنهن
وندي ٻه جيئن جيئن رٽاير ڪرڻ جو ڏينهن ويجهو ايندو ٿو وڃي،
ضيءَ جي پڙن جي ڦڙڦڙاهٽ ۽ ڪليل ڇُهنب جو دائرو وڏندو ٿو
جي. ڪڏهن پهرين نوڪري ياد ٿي اچي. ڪڏهن آدرش ۽ پاونائن ۾
ل فيصلا ياد ٿا اچن. ڪڏهن اُهي مخصوص پل پاد ٿا اچن، جنجي
ڪري منهنجي سوچ جي ڏِس مٽي. ڪڏهن پنهنجو پاڻ ڪي دليلون
يئي غلط يا صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ياد ٿي اچي ۽ ڪڏهن
دگيءَ جي سفر ۾ وچڙيل هڪ اهڙي ٻار جون يادون ٿيون ستائن
نهنجي من ۾ اُصولن لاءِ ديوانگيءَ جي حدن تائين حُب هئي.

پنج سال اڳ ۾ ئي سوچي ورتو هو ته سٺ سالن جي عمر ۾
رڪاري اِسپتال ۽ ميڊيڪل ڪاليج مان وداع وٺڻ ڪان پوءِ ٻه هميشهه
نگر ڪمائيءَ جو سلسلو جاري رکندس. شهر ۾ ڪيترا ننڍا ۽ وڏا
سپتال آهن. اُنهن مان ڪنهن سان ٻه ڳنڍجي ويندس. ڪنهن هڪ
سپتال ۾ نيمائتي نوڪري نه ڪري پنج ست نرسنگ هوم پڪڙي
رتم تڏهن ٻه اچ ڪان وڏيڪ ڪمائي وٺندس. پنجهٺ سالن جي عمر
ائين يرپور ڪمائيندس. تنهن ڪان پوءِ پنج سال ڪنهن ڏرمائو
سپتال يا اين-جي-او- ۾ ڪم ڪندس. هنن ڪان اوترو ئي وٺندس
يترو خرچ ٿيندو. اچڻ وڃڻ جي سهوليت ڪان سواءِ ٻين ننڍن وڏن
رچن جي پورت تي وڃي، بس. نه فائدو، نه نقصان. اهڙي نموني
يا ٻه پنج سال گذاريندس. ستر سالن جو ٿيندس ته وڏو جشن
لهائيندس ۽ تنهن ڪان پوءِ هڙ مان خرچ ڪري شيوا جا ڪم ڪندس.

۱۸. توهان يا ٻار سنڌيءَ ۾ نہ ڳالهائيندا آهيو تہ مان ٺوڪبازي ڪندو آهيان. ڪيترا دفعا تہ غير سنڌين جي سامهون بہ مان توهان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان. مونکي سمجهہ ۾ اچي ويو آهي تہ هاڻي اَسان سنڌ ۾ نہ، ڀارت ۾ ٿا رهون. سنڌي سنڌي ڪندا رهنداسين تہ نہ سماج جي مکيہ ڌارا ۾ پير جمائي سگهنداسين، نہ سماج ۾ جوڳي جڳهہ حاصل ڪري سگهنداسين ۽ نہ تکي چٽاپيٽيءَ جي هن يگ ۾ ٻارن کي مقابلي لاءِ تيار ڪري سگهنداسين، آئيندهہ فقط هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندس. ڪڏهن بہ سنڌي ڀاشا، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌيت جي پرچار نہ ڪندس. مان، سرل دل پولارام ڏينهن اڄ مهنو چالو سال موجود پوري هوش حواس سان درست دماغي حالت ۾ هن حلفنامي تي صحيح ٿو ڪريان جيئن سند رهي.

شاهد

(سرل دل پولارام)	صحيح هڪ :	پرپور ڪوشش جي
بقلم خود		باوجود ڪو بزرگ ساٿي
	صحيح ٻہ :	هٿ صحيح ڪرڻ لاءِ
		تيار نہ آهي!

□□

ملي پانت احساس هو تہ ڊاڪٽر جو پنهنجائپ پريو وهنوار، سندس ٻوليءَ جو ميناج، سهڄتا، مرڪ ۽ مريض سان گڏ تيماردار کي بخشيل ڀروسو نوبنو ڏيڻ جو سلسلو تيز ڪندا آهن. اِن وهنوار سبب مريض ڏاڍو جلد چڱڀلا ٿيا. غريب مريضن لاءِ منهنجي من ۾ وڌيڪ سهانڀوتي رهندي هئي. وس پڄندي مان اهڙو بندوبست ڪندو هوس، جيئن ڪنهن اَمير مريض يا ايم-آر- يا ڪئمسٽ معرفت کين بنا پئسي يا گهٽ پئسي ۾ دوائون ملي سگهن.

اِسپتال ۾ نؤڪري ڪرڻ وارا ٻيا ڊاڪٽر گهر ڏيکارڻ وارن مريضن کان اناپ شناپ في وصول ڪندا هئا. مان هڪ تہ سرڪار طرفان طئشده في کان وڌيڪ في ڪنهن کان نہ وٺندو هوس ۽ اُن ۾ بہ جنهن وٽ في ڏيڻ لاءِ پئسا نہ هوندا هئا، ناراضپو يا اَحسان ظاهر ڪئي بنا، تنهن کان في نہ وٺندو هوس. ضلع اِسپتال جو اَڪيلو سرجن جيڪڏهن اِنساني گڻن سان ايڏو پريل هوندو تہ سڀاويڪ آهي، مريض وڏي تعداد ۾ کيس گهر ڏيکارڻ چاهيندا. هر طرح جي پاڪيزگي ۽ اُصولن جي پوئواريءَ جي باوجود گهر ۾ ڏسڻ کان پوءِ مريض کان في وٺڻ وقت محسوس ٿيندو هو، مان ڪو غلط ڪم ڪري رهيو آهيان. تنهن سال راجستان ۾ ڏڪائيندڙ ڏڪر پيو. وڏي وزير اپيل ڪئي ۽ ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائي مون خاموشيءَ سان، گهر ۾ مريضن کان ورتل سموري في 'سي-ايم- رليف فنڊ' ۾ جمع ڪرائي ڇڏي.

هيءُ مان هوس، اُصولن ۾ پختو وشواس رکڻ وارو آدرشي سرجن، جيڪو تڪليفزده هر اِنسان لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري سگهندو هو. اڄ اُهو ئي مان آهيان، جيڪو پرديش جي راڄڌانيءَ جي سڀ کان وڏي سرڪاري اِسپتال ۾ سينئر سرجن هوندي مريضن جي دک کي ڏسي معمولي آلاڻ بہ محسوس نٿو ڪري. جنهنجون سمويدنائون ذري گهٽ مڏيون ٿي چڪيون آهن. سرڪار پاران طئہ نرخ کان پنجوٽي في وصول ڪئي بنا ڪنهن مريض کي هٿ بہ نٿو لڳائي. همدردي ڏيکارڻ پري، مريضن کي لوئي ٿو. موڪ جي جڳهہ تي هر

جيڪي شخص، اِدارا، اين-جي-او- اِسپتال مفت علاج لاءِ ڪئمپ لڳائي مريضن جا آپريشن ڪرائڻ چاهيندا، اُتي ويندس. ڪنهن کان ڪجهه نه وٺندس. ضرورت پوندي ته مريضن کي دوائون ميسر ڪرائيندس. سمورو پئسو مان ڏيندس. دانوير ماهر جي روپ ۾ دکين کي راحت پهچائيندس. عمر جا پنجهتر سال اهڙي ڍنگ سان پورا ڪندس. اُميد ڪانهي ته تنهنکان پوءِ به هٿ سرجري ڪري سگهندا. ڪنبندڙ هٿن سان ظاهر آهي، ڪوبه سرجن آپريشن نٿو ڪري سگهي. وقت اڳتي به اِجازت ڏني ته جيئڻ جو طريقو هيٺ کان مٿي تائين بدلي ڇڏيندس. پوڄا پاٺ، روحاني گرنٿن جو اَڀياس، چنتن منن، ڀڄن ڪيرتن، ڪٿا ستسنگ ۽ اُپديش، سي- ڊي-ز ٻڌندس- ڏسندس. جيڪو صلاح وٺندو تنهنکي پنهنجي گيان ۽ زندگيءَ جي تجربن جي آڌار تي صحيح راهه ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس.

وڏ ۾ وڏ پئسو ڪمائڻ جو جيڪو رستو مون اختيار ڪيو آهي، تنهن سبب ايندڙ وقت ۾ ڇا ڪڏهن پرمارٿي يا سواديايي بڻجي سگهندس؟ نيڪ آهي ته ڏيءَ جي شادي ٿي چڪي آهي ۽ اڪيلو پٽ ايم-بي-اي- هئڻ ڪري سني کان بهتر روزگار جا وجهه حاصل ڪندو اڳتي وڌندو ويندو. نيڪ آهي ته پٽ سان گڏ رهڻ شايد ئي ممڪن ٿي سگهي. لياقت کي ڏسندي هن شهر ۾ سني نوڪري شايد ئي ملي سگهي هنکي. اڪيلا رهون تڏهن به جيترو ڪجهه گڏ ڪري ورتو آهي، تنهن پروسي هرهڪ سک ۽ سهوليت اسانجي پهچ ۾ هوندي. حالتون ۽ عمر آهستي آهستي لاهيءَ طرف ڌڪا ڏيندا. پلي اِهي حقيقتون منهنجي سامهون چٽيون هجن، پلي مون آئينده لاءِ قدم در قدم رٿ تيار ڪري ڇڏي هجي، پر جهڙي نموني مون پاڻ کي اندران لڳاتار جاچڙو بڻايو آهي ڇا اِهي قدم قد وڌائڻ ۾ مدد ڪري سگهندا؟

ايم- ايس- ڪرڻ کان پوءِ پهرين نوڪري ضلع اِسپتال ۾ ملي هئي. سرجن مان اڪيلو هوس ۽ مريضن جو دٻاءُ اڻميو هو. اِسپتال ۾ مريضن کي مان پوري سمويدنا ۽ فڪر سان تپاسيندو هوس. مونکي

کي رپيا کپندا هئا، فقط رپيا.
منديءَ ۾ تڪليف ضرور ٿي. منهنجي پراڻي سياءَ ڪان واقف
ٿهن کي تپرس ڏيو. لکت ۾ شڪايتون بہ ڏيون. پر رسوخ هلائي،
روري لڳو تہ ڪجهہ ڏيئي وٺي مون اُنهن شڪايتن کي داخل دفتر
رائي ڇڏيو. ماڻهن جڏهن ڏٺو، ڪوئي منهنجو ڪجهہ نٿو بگاڙي
هي تہ آهستي آهستي سيني جي مخالفت خاموش ٿيندي ويئي.
هن کان پوءِ مون شهر جي اهڙن نرسنگ هوم جي مالڪن سان
بطو قائم ڪيو جن سان منهنجي سچاٽپ هئي. هوُ جڏهن بہ
رائيندا هئا، من گُهري في وٺي مان اُتي وڃي آپريشن ڪري ايندو
وس. ڪمائي وڏي تہ مون سڀ کان اڳ ۾ بنگلو جوڙايو. هر ممڪن
گهربل سهوليت خريد ڪئي. سرڪاري فليٽ ڇڏي پنهنجي بنگلي
رهڻ شروع ڪيم. پوءِ تہ مٿي چڙهندڙ ڏاڪا هئا ۽ منهنجي تکي
رانگهہ هئي جنهن مونکي اجوڪي مقام تي پهچايو آهي.
رٽايرمئنٽ جي ڪناري تي بيهي اندر جهاتي ٿو پايان تہ لڳي
، فقط سڌانتن ۽ آدرشن جي سطح تي تبديليون نہ آيون آهن مون
. فقط اِنسانيت ۽ سمويدنشيلتا پلئہ آجو نہ ڪيو آهي مونکان. فقط
اڪٽر بڻجڻ کان پوءِ کنيل قسم کي وساري فرض کي الوداع نہ چيو
هي مون. منهنجين نظرن ۾ رشتن جو ملهہ بہ مٽجي ويو آهي. من
ي ڪومل ڀاوناٺن ڪنور روپ ۽ آڪار اَختيار ڪيا آهن. اِن دوران
سم جو قد چاهي نہ گهٽيو هجي، مان اندران بيحد ننڍو ٿي ويو
هيان. خاص ڳالهہ اِها آهي تہ گسڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ مان
عمولي نہ، چامٽاٽپ جي حدن کي ڇهڻ جيترو ننڍو ٿيندو ٿو وڃان.
ڪيريئر جي شروعاتي دؤر ۾ اسان پنج ڊاڪٽر دوست پنهنجي
ڪ همڪلاسيءَ جي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پاسي واري شهر ۾ ويا
ئاسين. ڪار اَسان پنجن مان هڪ جي هئي. ٿيڻ اِئين گهربو هو تہ
يٽرول جو خرچ پنجئي ورهائي ڪيون، پر اِئين ٿيو نہ. بين جي
ڪُڌائپ کي سمجهندي بہ مون پنهنجو حصو ڪار جي مالڪ ڊاڪٽر

وقت غصو ٿو جهلڪي جنهنجي چهري تان. وارڊ ۾ پرتي مريض جي طرفان ڏڪڻا جيستائين نہ پهتي آهي، سندس آپريشن نٿو ڪري. هو ’مان‘ ۽ هيءُ ’مان‘ ڇا ساڳيا ئي ’مان‘ آهيون؟

اُها ڪهڙي واردات هئي جنهن اوچتو مونکي ڏڪڻ قطب تان ڪٽي اُتر قطب تي ڦٽو ڪري ڇڏيو؟ اڄ مون وٽ پنجاهہ جريب زمين تي اَڏيل سويمنگ پول سميت فارم هائوس آهي. عاليشان بنگلو آهي. ڪروڙين روپين جا شيئر آهن. بئنڪن ۾ فڪس ڊپازٽ آهن. هٽ هٽ ڦهليل اڪيچار پراپرٽي آهي. هڪ وقت هو جڏهن اِنهن مان ڪجهہ بہ مون وٽ ڪونہ هئو. فقط سڌانت هئا. نلها آدرش هئا. سکڻا ملهہ هئا. هڪ ڏينهن اوچتو مونکي اڏرنگ ٿي پيو. ترت مليل ڊاڪٽري مدد سبب مان ڪجهہ مهنن ڪان پوءِ نيڪ تہ ٿي ويس پر تنهن ڏينهن جنم ورتل طوفان منهنجي اندر جا وڻ ٽڻ، ساوڪ، ويندي پن، گاهہ، جڙن سميت نيستنابود ڪري مونکي رڻ پٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اڏرنگ سبب منهنجو هڪ پاسو ويهجي ويو ها تہ منهنجي سڌي سادي زال جو ڇا ٿئي ها! منهنجي ننڍڙن معصوم ٻارن جو ڇا ٿئي ها!! منهنجا سڌانت، آدرش، اِنسانيت، وويڪ جا سڏ اونائڻ جو ضد زندگي جيئڻ لاءِ ضروري سهوليتون ڏيئي سگهن ها هننکي !!! منهنجين ڪليل اکين جي سامهون هنن سيني جي هٿن ۾ ڪٽورا هجن ها ۽ بيوَس نگاهن سان مان ڪين در در جا ڌڪا کائيندو ڏسڻ لاءِ مجبور هجان ها.

سوچي سمجهي سخت فيصلو وٺي مون پاڻ کي بدلي ڇڏيو. وارڊ هجي چاهي آپريشن، آئوٽڊور هجي چاهي جاچون، گهر هجي چاهي دوائون ۽ دوائون ٺاهڻ واريون ڪمپنيون، منهنجي نظر مريض سندس بيماري، سندس پلائيءَ ڪان وڌيڪ ملڻ واري فائدي تي رهڻ لڳي. هرهڪ فيصلي جي پٺيان ناڻو ڳولهڻ لڳس. سڌي يا اڻ سڌي نموني مان مريضن کي گهر ڏيکارڻ لاءِ مجبور ڪرڻ لڳس. منهنجي لاءِ اِن ڳالهہ جي اَهميت نہ هئي تہ مريض رقم جو اِنتظام ڪيئن ٿو ڪري. ڪيئن بہ آڻي، ڪٿان بہ آڻي. قرض وٺي يا جڳهہ وڪڻي،

ن پراپرتيءَ جا انبار ڪٺا ڪرڻ جو نشو ۽ اڳيان پنيان ڏٺي بنا سون جي
رڻ جو شڪار ڪرڻ جي ڌُن ڪُتن جي ڪوڙي ڳوريءَ مٿان چڙهيل
ني ليپ وانگر مونکي موهت ڪندي رهي آهي.

ڪيستائين هلندو رهندو اِئين؟ رٽاير ڪرڻ کان پنج سال پوءِ
ائين پرپور پئسو ڪمائڻ جي لالچ گهر ڪري ويٺي آهي. تنهن کان
وءِ پنج سال ڳنڍ ڪي پڪتي نموني بند رکڻ جا اٽ سنا آهن. ڪنهن
ي لاءِ؟ ڪنهن جي لاءِ ڪرڻ تو چاهيان هاڻي مان اِهي سڀ ڪم؟ اڄ
ري وڃان تڏهن به ڪتنب جي سامهون مالي تڪليفون پنهنجي ڳچي
يٺ رکنديون ڇو ماڪيءَ جي مک جيان اُن ماناري کي لاڳيتو پريندو
و وڃان، جنهنکي ڪنهن به وقت دونهون ڏيڪاري مؤت جو فرشتو خالي
ڪري ڇڏيندو؟ منهنجي لاءِ بي مطلب آهي هاڻي ماکيءَ جو هيءُ
انارو. پوءِ ڇو چپڪيو ويٺو آهيان اِن سان؟

اوچتو هڪ ويچار ڇرڪائي تو ڇڏي. منڊ ۾ ڦڪڙ هوس. المستي
ئياءَ جو اٺورچيل حصو هئي. جيڪو وٽندو هو، ڪم ڪار جو انگ
ڻجي ويندو هو. سڏانتن ۽ آدرشن جو پلڙ جهلي پاڻ کي ٻين کان
ٿيرو محسوس ڪندو هوس. پوءِ رستو پوريءَ طرح بدلي ڇڏيم. غلط
هجي يا صحيح، جنهنکي ڪڏهن اَهميت نه ڏني هئي تنهنکي حاصل
ڪرڻ لاءِ ڪا قصر نه ڇڏيم. هن دور ۾ به پاڻ کي ٻين کان بهتر
مڃيندو رهيس. توازن نه اڳ ۾ هو ۽ نه پوءِ. پراڻي دؤر ڏانهن موٽي
پاڻ کي وري هڪتو بڻائيندس. ٻين کان وڌيڪ سمجهو، هوشيار،
تيز دماغ، عقل وارو تسليم ڪري مان جنهن اهنڪار ۾ جيئندو رهيو
آهيان، تنهنجو واسطو گهٽ ۾ گهٽ سنساري وسيلن سان ته بلڪل
نه آهي. ڇا هن اهنڪار کان آجو ٿي اٿهوند ۽ اَميريءَ ۾ توازن قائم
ڪرڻ جي خيال کان ڪا ڊگهي رٿ تيار نٿي ڪري سگهجي؟

ڌُنڌِ اڳ ۾ به ڪانه هئي پر هاڻي محسوس ٿو ٿئي، منهنجا قدم
روشنيءَ جي هڪ اونچي مُناري جي ڏاکن ڏانهن وڌي رهيا آهن.

□□

دوست کي ڏيئي ڇڏيو. مناسب کي اڳرائي ڏيڻ وارو مان هاڻي سوچي سمجهي واسطيدار اِسمن جو واپار ڪرڻ وارن پنهنجن مريضن کان سامان گهرائي پئسا ڏيڻ جي ڳالهه جاڻي ٻجهي وساري ڇڏيندو آهيان.
ٻيا مونکي ڪجهه به چونه سمجهن، پر پاڻ کي مان ٻين کان وڌيڪ هوشيار، وڌيڪ تيز فهم ۽ وڌيڪ عقل وارو مڃيندو آهيان. تنهن هوندي به ڪيترا دفعا محسوس ٿيندو آهي ته اِڃ مان جنهن مقام تي بيٺو آهيان، اُتي مون پاڻ کي نه، حالتن ڌڪو ڏيئي پهچايو آهي مونکي. جيڪڏهن اڌرنگ نه ٿئي ها ته دنيوي ضرورتن کي اَهم نه سمجهان ها. مان پنهنجي خيالي دنيا ۾ مشغول رهان ها. ساٿي ڊاڪٽر مهانگين ڪارن ۾ چڙهي شان سان گهمن ها ۽ مان پنهنجي پراڻي اِسڪوٽر کي گهليندو رهان ها. منهنجا جونير ٻارن جي پڙهائي لکائيءَ تي جيترو خرچ ڪن ها سو مون لاءِ چنڊ ڇهڻ مثل هجي ها. زندگي سرڪاري فلئٽ ۾ گذري وڃي ها ۽ رٽاير ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ عدد ڇت جي تلاش نسن مان ٽڙڪات ڪڍي ها.
سڌانتن ۽ آدرشن جي پکش ۾ دليلون ڏيئي مان پاڻ کي ته سمجهائي ڇڏيان ها پر زال ۽ ٻارن ۾ پئدا ٿيندڙ ڪمتريءَ جي احساس کي ڪيئن منهن ڏيان ها؟ ڇا منهنجون دليلون ٻڌي هو سنتشٽ محسوس ڪن ها؟ سامهون ڇاهي ڪجهه نه چون ها، پر ڇا دل ۾ مونکي اوهنوارڪ ۽ بيوقوف ڇئي گاريون نه ڏين ها؟ پنهنجين نظرن ۾ ڀلي مان پاڻ کي ٻين کان مٿيرو مڃيندو رهان ها، ٻڌيمان ۽ عقل وارو سمجهندو رهان ها پر زندگيءَ جي آئيني سامهون منهنجي حقيقت بلڪل جدا هجي ها. هاڻي ته آهي نه سڀ ڪجهه مون وٽ؟ ڪنهن به ڪارڻ سان چونه مٿي هجي ڏِسَ، هاڻي ته زال ۽ ٻارن لاءِ گهربل هر ڪم تي چڪو آهي نه؟ پوءِ ڇو نٺو موٽان اُن ماڳ تي جيڪو ڪنهن وقت مونکي پسند هو؟ ڇو نٺو ڇڏيان اُهي ڦند ڦير جيڪي ناڻو ڪمائڻ لاءِ مان ڪتب ٿو آڻيان؟ جڏهن ڪٽنب کي مالي سطح تي مضبوطي ملي ويئي، بند ته تڏهن ئي ڪرڻ کپندي هئي ڀيءَ هڻ پٽ. ڌن ڪمائڻ جو چشڪو، غلط صحيح ڍنگ

عمر، رتبي، ويچارن ۽ جنس مُوجب ٽولين ۾ ورهائجي پارڪ
ي محدوُد نموني آباد رکڻ وارا هر وقت نظر ايندا آهن. اڪيلا مڙد،
لون، نؤجوان، نؤجوانڙيون ۽ ڳڏجي گهمڻ وارا مڙد زالون تہ هوندا
ي آهن پارڪ جا ٻيا ٽڪر والاري ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ وارا پڻ نظر
ندا آهن. زالن جي ٽولي يوگا ڪندي آهي. سٺ پنجهٺ سالن وارا
ڪ ٻئي کي چٽڪلا ٻڌائي زور زور سان کلندا آهن. پنجهتر آسي
الن جي بزرگن جي ٽولي ڀڄن ڪيرتن ڪندي آهي. لافٽر ڪلب
ارا هڪ ٽڪر ۾ ويهي بيهي پنهنجون ڪسرتون ڪندا آهن. هڪ
سي آر-سي-ايس- جي شاخا لڳندي آهي. وچ ۾ ٺهيل پڪي پٽيءَ
ي ڪڏهن ڪڏهن ٻار ڪرڪيٽ راند ڪندا آهن. ايڪڙ ٻيڪڙ مڙد
الون ڪنهن بئنچ تي ويهي پراڻايام، وغيره يا ڇبر تي بيهي يوگا يا
لڪي ڦلڪي ڪسرت ڪندا آهن.

وڪاس پراڌيڪرڻ طرفان جهاڙين جي ڪانٽ ڇانٽ، ڇبر کي
اٽي ڏيڻ، وقت سر اُن تي مشين گهمائڻ، وڻن مان ڇڻيل پنن ۽
ڪچري کي صاف ڪرڻ جو جوڳو بندوبست آهي. رات جو ٻرندڙ
يوبلائيٽن سبب اڻگهربل ڪم پارڪ ۾ نہ ٿيندا آهن. بيئر جون خالي
وتلون، سگريٽ جا پئڪيٽ، گٽڪن جا پائوچ ڪٿر ڪو پارڪ ۾ نظر
يندا آهن هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا هجن چاهي نہ، اچڻ وارا ڪالونيءَ
جتي رهندا آهن اُن جڳهہ جي نمبر جي ڄاڻ هجين چاهي نہ، دعا
لام بہ چاهي نہ ٿيندو هجين پر چهري سان هرڪو، هرڪنهن کي
سڃاڻي. ڪل ملائي پارڪ ۾ نيمائتو اچڻ وارن جي ڳڻپ چاليهہ
نجاهہ کان وڌيڪ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ هوندي. تنهنڪري سيني
جي نگاهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ سڃاڻپ جو تجلو هئڻ سياويڪ آهي.

پارڪ جي رک رکاوَ لاءِ ڪالوني واسين هڪ سميتي پڻ ٺاهي
هي. ڪنهنکي ڪا ڪمي نظر اچي، بهتريءَ لاءِ ڪنهنکي ڪا رٿ
يٺي هجي، وڪاس پراڌيڪرڻ جا ملازم ڪم ۾ ڪوتاهي ڪندا هجن،
وان وڻ ٽڻ، لائيٽون، بئنچون وغيره پارڪ ۾ لڳائڻا هجن تہ سميتيءَ

مخالفت

ٿلهي ليکي فقط اڌ ڪلوميٽر وارو پارڪ هوندي به هيءُ جيئرو ۽ جاڳندڙ پارڪ لڳندو آهي. طرح طرح جا وڏا ننڍا وڻ ۽ ٻوٽا، گل ڦل وليون، سائي ڇٻر، سهڻيون ڏکيون ۽ ڪنارن تي رکيل سيمينٽ جون بينچون. درختن جي هيٺان ويلوٻرام تي قدم اڳيان وڌائيندي محسوس ٿيندو آهي ڄڻ قدرت خزانو کولي سڏ ٿي ڪري، ”اچو، اچي هن خزاني کي لٽيو.“

پارڪ ۾ صبح جي وقت به ڀيڙ گهٽ هوندي آهي. پئسي وارن جي ڪالونيءَ ۾ ٺهيل هئڻ سبب گهمڻ لاءِ اچڻ وارا مڙد ۽ زالون وڏيڪ اهڙا هوندا آهن، جيڪي سٺ سال اورانگهي چڪا آهن. آسودگي، مخصوصيت جو احساس ۽ هڪ خاص قسم جو پرپيا منڊل سندن ڇهرن تي چنبڙيل هوندو آهي. فاصلو رکي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ- ٻولائڻ، گپا-شپا هڻڻ ۽ کلڻ-ڊاڙون هڻڻ وارا ئي پارڪ ۾ عام طور سان نظر ايندا آهن. اُنهن مان ڪو به ڏينهن پارڪ ۾ نه آيو ته اچڻ ڪانپوءِ، سبب پڇڻ وارا به چار ڄڻا ضرور هوندا پر سندس گهر وڃي پڇڻ جي تڪليف ڪوئي نه ڪندو. چڪر هڻندي ڳالهيون ڪندا ته زندگيءَ جا ڏک درد زبان تي ڪڏهن نه آڻيندا. سندن ڳالهين ۾ يو-اين-هوندو، آمريڪا جو راشٽرپتي هوندو، دنيا جي ملڪن جي سياست هوندي، پنهنجيءَ گذريل زندگيءَ جا وڻندڙ قصا هوندا، گهر جون ڳالهيون نه هونديون. پٽ-ننهن، پوٽا-پوٽيون، ڏيئر-نياڻا غائب هوندا. ذاتي زندگيءَ جي جهلڪ ڪنهنکي ملي، اهڙي ڳالهه پل ۾ به سندن زبان تي نه ايندي آهي.

ب جاڳيو چوتہ فطرت موجب تلاءَ جي پٽر ڪريل حصي ۾ بہ لهرن
رد عمل داخل نہ ڪرڻ ڪپندو هو.
پارڪ جي روالونگ گيٽ مان لنگهي هڪ ٺاهوڪو نؤجوان جرمن
فرڊ ڪتي جي زنجير پڪڙي اندر داخل ٿيو. قداور، خونخار ۽
فناڪ لڳندڙ ڪتو پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو
. نتيجي طور ويلوڊرام جو ڇڳيرو حصو نؤجوان ۽ سندس دهشت
دا ڪندڙن جرمن شيفرڊ جي حوالي هو. ڪين اڳيان وڌندو ڏسي
پاس گهمندڙ مڙد، زالون، نؤجوان، نؤجوانڙيون يا تہ بيهجي پيا
ن يا پاسيرا ٿي چبر تان ٿيندا اڳيان وڌي پيا وڃن. غلط ڪي
گذر ڪرڻ جي سيما ريکا طئہ هئي. جيستائين مونکي نقصان نٿو
ي تيسائين لقڙو ڳلي ۾ نہ وجهڻ وارو سڏانت، باقائدا ڪم ڪري
يو هو. ڪتي کي سنڀالڻ ۾ مشغول نؤجوان کي ڌيان بہ نہ هو تہ
دن مؤجودگيءَ ماحول کي ڪيئن ڊپ ڳاڙ بڻائي ڇڏيو هو. هُو
ڏهن ڪتي کي زنجير سان ڇڪي اڳيان وني وڃڻ ۾ ڪامياب پيو
ي ۽ ڪڏهن ڪتو ڪيس ڦيرائيون پيو ڪرائي.
پارڪ جو مُنو چڪر پورو ٿيڻ وارو هو. سامهون ايندڙ ٿن زالن
و نظارو ڏٺو. اُنهن مان بہ ويلوڊرام تان لهي چبر ڏانهن وڃڻ لڳيون.
ن ڪجھ ٺٺڪي. پوءِ هوءَ بہ چبر تي لهي ويئي. چبر تي لٿي ضرور
اڳيان نہ وڌي. نؤجوان ڏي غصي مان ڏسندي ٺُنڌيءَ مان چيائين،
ماءُ پيءُ چا توکي ايترو بہ نہ سيکاريو آهي تہ هن قسم جي ڪتن
ي پارڪ ۾ نہ وني وڃڻ گهرجي؟"
جنهن نوع ۾ سوال پڇيو ويو هو، نؤجوان لاءِ چڻ تہ اوچتو
ائي ڏنل چماٽ هئي. هوُ جواب ڏئي اِن کان اڳ ۾ سوال آيو،
ڪتي رهندو آهين؟"
"٢١٣ نمبر ۾."
"ڪنهنجو پٽ آهين؟"
"وڪاس پراڏيڪرڻ جي سيڪريٽري وَرما صاحب جو."

جو صدر چؤ چوان ٻڪ ٻوڙ ڪري منهن ڏيندو آهي. صدر رٽائر ڪيل آفيسر آهي. اُتساهي آهي. ڳالهائڻ ۾ هوشيار آهي. اڄ نہ سپاٽي ڪم ڪرائي وٺندو آهي. پئسي ڏوڪڙ جي گهرج هجي تہ گهٽي پاڙي ڪالوني واسي ڏيڻ ۾ ڪيٻائيندا ڪونہ آهن. وڻ جي ڪنهن ٽاريءَ جا جدا جدا پن هوندي بہ مٿان ۽ ٻاهران سڀ هڪ نظر ايندا آهن. هڪ پن کي جيئن ٻئي پن سان ڪو مطلب نہ هوندو آهي، ڪالونيءَ جا باشندا علحدا رهي بہ ڳنڍيل آهن. دست اندازي پنهنجي معاملي ۾ هجي يا ٻئي جي معاملي ۾، ڪنهنکي پسند ڪونهي. بہ ڄڻا وڙهندا هوندا تہ ڪوئي نہ کين ڇڏائيندو ۽ نہ وچ ۾ ايندو. اِن روش کي پسند ڪرڻ وارن خواهہ ناپسند ڪرڻ وارن جو تعداد عام زندگيءَ ۾ جهجهو ڏسڻ ۾ ايندو. ڪمل جيان ڳپ کان مٿيرو رهڻ جي حميات ڪرڻ وارا گهٽ ڪونہ آهن. ٻئي پاسي اِنسان کي ڪمل سمجهي سماج کي ڳپ مڃي وهنوار ڪرڻ وارن کي نندڻ وارن جي بہ ڪمي ڪانہ آهي. بهرحال، ڪنهنکي پسند هجي چاهي نہ هجي، هن ڪالونيءَ جا باشندا پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ ۾ وشواس ڪندا آهن، اِها ڳالهہ ڪنهن سمجهوءَ کي سمجهڻ ۾ ويرم نہ لڳندي. هوندئن بہ پنهنجو فائدو ڏسڻ ۽ لڦڙن کان بچڻ ڇي فطرت جو ناٽي وارن سان سڌو رشتو هوندو آهي. اِن ۾ نہ ڪجهہ عجيب لڳندڙ آهي ۽ نہ ڪجهہ نئون آهي.

پر هڪ صبح تعجب جي ڇٽگ ڪٽي آئي. ايڪڙ ٻيڪڙ گهمڻ وارا پاميرين ڪتا پلي ڳڏ وٺي يا ڪٽي ايندا هجن، پر پارڪ ۾ عام طور سان ڪنهن ڪتي جو درشن نہ ٿيندو هو. اِنهن شخص سان ڳڏ اچڻ وارن پاميرين ننڍڙن ننڍڙن اَڇن، پشم جيان نرم لڳندڙ ڪتن جي پارڪ ۾ موجودگي اِئين محسوس ٿيندي هئي جيئن هنن شخص جو پنهنجو وجود هجي. بينل پاڻيءَ واري خاموش تلاءَ ۾ اُن صبح ڇڻ تہ ڪنهن اوچتو پٿر ڦٽو ڪري ڇڏيو. پٿر جتي ڪريو اُتي لهرن ۾ زلزلو اچي ويو ڇڻ تہ. حالانڪ تلاءَ جا ٻچيل سڀ حصا هميشهہ جيان بي مطلب ٻٽيا رهيا. سندن خاموشي قائم رهي. تعجب اِن

گنڊ

چاتيءَ تي مُڪ لڳڻ سبب ننڊ ڪلي ٿي وڃي. ڇرڪ ڀري مان
ٿي ٿو وهان. بلب وساميل آهي، تنهن هوندي بہ ڪمري ۾ ايترو
سوجهرو آهي جو چٽني پاسي سڀ ڪجهہ نظر ٿو اچي. مان ويٺي
ينٺي ئي ڪمري ۾ هر طرف ڪنڌ گهمائي ڏسان ٿو. ڪوئي ڪونهي.
پلنگ سان لڳو لڳ رکيل اِسٽول تي پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس رکيا آهن.
دروازو بند آهي. مارچ جو مهنو هئڻ سبب دريءَ جو شيشي وارو طاق
کليل آهي. مڇرن کان بچاءَ لاءِ دريءَ جو جاريءَ وارو طاق بند آهي.
هلڪو پنکو هلي رهيو آهي. سڀ ڪجهہ ان حالت ۾ آهي، جنهن ۾
هميشهہ هوندو آهي. پيرن کان رکيل چادر پڻ پنهنجيءَ جڳهہ تي
پيئي آهي. ڪجهہ فاصلي تي سي-ڊي- پليئر ۽ ٽي-وي- بدستوُر
رکيا آهن. موبائل ۾ وقت ٿو ڏسان. رات جا ساڍا ٻارهان ٿيا آهن.

ڪوئي ڪونهي ڪمري ۾. دروازي ۽ دريءَ جو جاريءَ وارو تاڪ
بند آهن. ممڪن ناهي تہ بند هوندي بہ دروازو يا دريءَ مان ڪوئي
اندر اچي مونکي چاتيءَ تي مُڪ هڻي، دروازو ۽ دري اندران بند
ڪري اَک ڇنڀ ۾ ٻاهر نڪري وڃي. ڪير هو؟ ڪير هو جنهن
ايتري زور سان چاتيءَ تي مُڪ هنئي جو منهنجي ننڊ ڪلي ويئي؟
سور جو احساس اڃا آهي. اهو احساس، وهم ڇئي پاڻ کي سمجهائڻ
نٿو ڏئي. آيو ضرور آهي ڪوئي اندر. پر ڪيئن آيو آهي؟ جسم
سميت نٿو اچي سگهي ڪوئي. هوا پلي دريءَ جي جاريءَ مان اندر
اچي سگهي ٿي پر سمهيل سخص کي چاتيءَ تي مترڪي جيان ڌڪُ
نٿي هڻي سگهي هوا. ڇئن پٽين ۾ تہ طوفان جو اثر بہ گهٽجي ويندو

”اِهو نہ سمجهجائن تہ ڪنهن توب جو پٽ آهين، اِنڪري توکي سڀ ڪجهہ ڪرڻ جو حق مليل آهي. ڏسين ٿو نہ، ڪيئن تنهنجي ڪتي ڪان ڊڄي هرڪو پاسيرو ٿو ٿي وڃي؟ پارڪ ۾ ماڻهو پراڻايام ڪندا آهن ۽ تون گندگي ڦهلائڻ لاءِ ڪتي کي هٿ وٺي آيو آهين!“

”مئم....“

”مئم، مئم نہ ڪر! ڪتي کي وٺي چپچاپ هتان هليو وڃ.“

اَچرج تہ بنا جواب ڏني نؤجوان ڪتي سان گڏ، پاسي ۾ ٺهيل روالونگ گيٽ ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڳيان وڌيو. جڏهن هوُ اندر گهڙيو هو، مان ڪانئس فقط پندرهان ويهہ قدم پنيان هوس. رفتار گهٽائي ايترو ئي مفاصلو قائم رکندي مان سندس پنيان هلندو پئي آيس. جڏهن نؤجوان کي روڪي تنبيه ڪئي ويئي، مونکي خاطري هئي تہ هنگامو ٿيندو. پر هنگامو تہ پري رهيو نؤجوان شرمسار ٿي نڪرڻ جو ڀهريون رستو پڪڙي ٻاهر وڃي رهيو هو.

پريل پيٽ وارن جي سانچي ۾ گهڙيل منهنجي خودپرستي، لڦڙا ڻارڻ جي منوورتيءَ ۽ دنيا مري يا جيئي مونکي ڪهڙو مطلب جي مانسڪتا کي اوچتو نہ ڄاڻ ڇا ٿيو. اڳيان وڌي مان نؤجوان کي پڇ ڊبائي پڇڻ لاءِ مجبور ڪرڻ واري شخصيت جي ويجهو آيس، ”ڏيءَ، تنهنجي همت ڏسي دل ٻيڻي ٿي ويئي. شل غلط جي مخالفت ڪرڻ جو تنهنجو جذبو قائم رهي!“

ڪيس ڪون چيم پر پاڻ ڪان سوال پڇيم، ”ڏيڪاري سگهندس اهڙي همت مان ڪڏهن؟“

□□

زندگيءَ ۾ الائي ڪيترن ۽ ڪهڙن گنهگارن سان واسطو پوندو
ٿيو آهي. خوب ڏمڪيون مليون آهن ۽ چڪريون به کاڌيون آهن،
ط ڪم ڪرڻ وارن سان. ٻڃان ها تہ ڪائي وڃن ها هوُ حيوان
نکي. نڊر ٿي مقابلو ڪيو اٿم. سنسان جڳهيون، مار ڪٽ، ڳ
يون، سڀ ڪجهہ حصو رهيو آهي منهنجيءَ ڪِرت جو. ڊپ مونکي
هي بہ نہ سگهيو آهي، اِئين چوندس تہ وڏاءُ ٿيندو پر خوفناڪ
ظر بہ منهنجي اِرادي کي ڪمزور نہ ڪري سگهيا آهن. نڊر
اهي نہ هجان پر مان ڊرپوڪ تہ قطعي نہ آهيان. تنهن هوندي بہ
لکي ڊپ ۾ وڪوڙيل سوال، غيب جي پاڇن سان گڏجي مونکي بي
ين ڪري رهيا آهن. اُنهن سوالن جا جواب ڳولهيا نٿا لڀن. واردات
ي آهي. پر رات جي هن وڳڙي ۽ بند، ايڪانت ڪمري ۾ ان قسم
ي واردات ڪيئن درپيش آئي، ان ڳجهارت جي اوڪ ڊوڪ مان
هر نڪرڻ ممڪن نہ ٿي رهيو آهي منهنجي لاءِ. ڏنڊ، ڳهرو ڏنڊ
ي من جي آسپاس.
هوندو ڪجهہ. ايترو حيران، پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي.
مهون ايندو تہ پڇي پوندوسانس. ڳيديءَ وانگر مُڪ هٽي جيڪو
ئب ٿي ويو آهي، نہ اُن کان ڏڪڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ اُن کي
لهڻ جي ضرورت آهي. ان جي باري ۾ سوچي ننڊ برباد
رڻ بيوقوفي آهي. سمهڻ کپي. لائيٽ بند ڪري سمهڻ کپي مونکي.
م هوندو تہ ڳالهہ آئي ويئي ٿي ويندي. سچ هوندو تہ سمهڻ کان
ءِ وري سامهون ايندو. روشني ڪري جاڳڻ سان تہ سچ ايندو ڪانہ
مهون. بي مطلب چنتائون، بنا زمين جا اُڏاما نراڌار ڳُتڪا ۽ بنا
ي منهن وارا خيال ستائيندا رهندا. اڇي نروار ٿئي، جنهن کي
ٺو آهي، هيٺو محسوس ڪري ماندو ٿيڻ جي معنيٰ آهي پاڻ کي
يڪ ڪمزور ٻٽائي پنهنجا حوصلا خطا ڪرڻ. ڪنهن مُڪ هنئي،
در ڪيئن آيو، ٻاهر ڪيئن نڪتو، انهن غيبي سوالن جا جواب
لهيندي سڪ چين وڃائڻ سان ڪو نتيجو ڪونہ نڪرندو.

آهي. هوا جو جهوٽو ايندو ته بدن کي وٽندو. آيل ننڊ وڏيڪ پڪي ٿيندي. نه ڏک لڳندو، نه ننڊ کلندي ۽ نه ڏک جو سور قائم رهندو.

سڄي عمر ڪسٽم کاتي ۾ نوڪري ڪئي اٿم. اٽڪل ٽي سال اڳ وڏي عهدي تان رٽاير ٿيو آهيان. هڪ سال ٿيو، زال گذاري ويئي آهي. نهن، پٽ گڏ رهندا آهن. پٽ سٺو ڪمائيندو آهي. مونکي به چڱي پينشن ملندي آهي. رٽاير ڪيم ته خاصي رقم ملي. بنگلو، ڪار، سنسار جا سڀ سک پرپور ميسر آهن. صحت اڃا سني آهي. سمهندو اڪيلو ضرور آهيان پر ننڊ لاءِ حيلا هلائڻا نه پوندا آهن. اڄ به ٽي-وي- ڏسي، ڪير پي يارهين بجي کن سمهيو هئس. جلدي ننڊ ڪڄي ويئي. فقط ڏيڍ ڪلاڪ ٿيو آهي سمهي ۽ مُڪ لڳڻ سبب اُٿي ويهي رهيو آهيان. ڪنهن هنئي مُڪ؟ ڪٿان اندر آيو؟ ڪٿان ٻاهر ويو؟

مان بئڊ لائيٽ ٿو ٻاريان. نيم روشنيءَ ۾ جيڪو نظر آيو هو، چٽي نموني سامهون آهي. اِسٽول، پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس، سي-ڊي- پليئر، ٽي-وي-، بند جاريءَ واري دري ۽ دروازو، سمهڻ کان اڳ ۾ جيئن ڏٺا هئم تيئن نظر ٿا اچن. ڇاتيءَ تي هٿ ٿو رکان. سُور جو احساس اُڀري ٿو اچي. مون سان ڪڏهن اِئين ٿيو ڪونهي پر ٻڌو اٿم ته ننڊ ۾ هٿ ڇاتيءَ مٿان ويندو آهي ته محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ڪو مٿان چڙهي وينو آهي. مان سڌو ڪڏهن نه سمهندو آهيان. وڌيڪ کاٻي ۽ گهٽ ساڄي پاسي ڪروٽ وٺي سمهندو آهيان. ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري ننڊ ۾ ڇاتيءَ تي هٿ ڪڏهن نه آيو هجي. مونکي ياد ڪانهي ته ننڊ جنهن وقت کلي، مان سڌو ليٽيل هئس يا پاسيرو. جيڪڏهن سڌو ٿي ويو هجي بدن ننڊ ۾ ۽ هٿ ڇاتيءَ مٿان اچي ويو هجي، تڏهن به اِئين لڳڻ کپندو هو ته ڪوئي ڇاتيءَ تي چڙهي وينو آهي. ننڊ کلڻ کان پوءِ پلي ڏسڻ ۾ نه اچي ها، پر ڏک ڇو لڳڻ کپندو هو؟ ڪنهن مُڪ هنئي، فقط ايترو محسوس ٿئي ها تڏهن به سمجهان ها ته وهم ٿيو آهي. ڇاتيءَ تي مُڪ لڳڻ واريءَ جڳهه تي هلڪو سور اڃا آهي. ڇا ٿو ٿي سگهي؟ ڇو ٿو ٿي سگهي؟

هنجين نظرن مان ڪرڻ منظور ڪونهي مونکي.
مون پرزور ڪوشش ڪري گمان سنگهه کي سزا ڏياري. مونکي نه
ڻو ريجهائي سگهيو ۽ نه ڌمڪيون ڏيڇاري سگهيون. پيسيندو هوندو
يل ۾ چڪي. پوڳيندو هوندو پنهنجي ڪئي جي سزا. گمان سنگهه
ي غرور هو. مون سندس غرور ٽوڙي ڇڏيو.
”پر هاٿي نه ڇڏيندس توکي مان. تو مونکي جيل جي حوالي
ي نه ڪيو، منهنجي جان به ورتي آهي. ڏسان هاٿي ڪير ٿو بچائي
وکي؟“ گمان سنگهه ٽهڪ ڏيندو، هيبتناڪ روپ ڌارڻ ڪري مون
انهن وڌي ٿو.
”تون ماريندين مونکي؟ ڏسان ڪيئن ٿو مارين؟“ چئي مان
مان سنگهه کي پڪڙڻ لاءِ تيزيءَ سان اڳيان ٿو وڌان. منهنجي اک
لي ٿي وڃي. ڪمري ۾ ڪوئي ڪونهي. منهنجو ساهه هيٺ مٿي ٿي
هيو آهي.
ته ڇا گمان سنگهه مري ويو آهي جيل ۾؟ جيڪو ڪم جيئري
هو نه ڪري سگهيو، ڇا مرڻ کانپوءِ ڀوت بڻجي ڪرڻ ٿو چاهي؟ ڇا
ڪ گمان سنگهه جي ڀوت هنئي هئي منهنجي ڇاتيءَ تي؟
گمان سنگهه جو ڀوت! وجود هوندو به آهي ڇا ڀوتن جو؟ چوندا
آهن، جسم بنا هوندا آهن ڀوت ۽ ادرشيه رهي اِنسان کي نقصان
پهچائي سگهندا آهن. اِنسان وٽ عقل ۽ جسم ٻنهي جي طاقت آهي.
ڀوت وٽ فقط عقل جي شڪتي آهي. اِنسان کان وڌيڪ خطرناڪ ڪيئن
ٿو ٿي سگهي هڪ ڀوت؟ اونڌهه ۽ اڻ ڏٺل دهشت پيدا ڪندا آهن.
مقابلو ڪرڻ تي اچجي ته ڀوت کي ڀڄڻو پوندو. ٽڪرائڻ تي آمادا
هيٺي شخص جي سامهون به گهٽي ياڳي غلط عناصر ميدان ڇڏيندا
نظر ايندا آهن. مرڻ لاءِ تيار هجي جيڪو، تنهن کي ڪير ٿو ماري
سگهي؟ ڪنهن نقصان جو، مار ڪٽ جو، مرڻ جو ڊپ ئي ته آهي
جيڪو جهڪڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري. انهن ڳالهين جي پرواهه نه هجي
جنهنکي، ڇا بگاڙيندو شيطان اُنجو؟ ڪهڙو قهر برپا ڪندو ڀوت اُن

باٿروم ۾ ته وڃان. موٽي پاڻي ته پيئان. بئڊ لائيٽ بند ته ڪريان ۽ ليٽي ڪري اکيون ٻوٽي ته ڇڏيان. سمهڻ جي ڪوشش ته ڪريان. دماغ کي زندگيءَ جي وڻندڙ قصن ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ پنهنجي بهادريءَ ۽ ڪاميابيءَ جا ڪرتب ياد ته ڪريان. اوچتو هڪ خونخوار تسڪر گمان سنگهه جو چهرو منهنجي اکين آڏو اڀري ته اچي. مون ڪيس ثبوتن سميت گرفتار ڪيو هو. وڏي رقم جي لالچ ڪارگر ثابت نه ڏسي گمان سنگهه مونکي ڌمڪين سان نوازيو هو. ڪيس ستن سالن جي بامشقت جيل جي سزا ملي هئي.

سچ چوان ته زندگيءَ ۾ پهريون دفعو رشوت وٺي گمان سنگهه جو ڪيس هلڪو ڪرڻ جي لالچ پئدا ٿي هئي من ۾ ۽ ان جو سبب هو فقط ٻن سالن کان پوءِ اچڻ وارو رٽائيرمينٽ. جهڙي رقم نوڪريءَ کان پوءِ وڏي هٿي ڏيندي مونکي. امپورٽيڊ اليڪٽرانڪ سامان جو وڏو اِسٽور کولي ان ناٽي کي مان ٻيڻو ٽيڻو ڪري سگهندس. سڄي عمر رشوت کان بچايو آهي پاڻ کي. ڊپارٽمينٽ ۾ ايماندار ۽ هٺ ڌوڪي آفيسر جي ڇبيءَ سبب ڪنهن کي هوا به نه لڳندي ته رٽاريمينٽ جي ڪنڌيءَ تي ويهي مون رشوت ورتي هوندي. سوناري جا سؤ ڌڪ ڇڏيا اٿم هميشه. لوهار جو هڪ ئي ڌڪ قصر پوري ڪري ڇڏيندو.

اهڙي قسم جي ويچارن حملو ڪيو ته مان دهلجي ويس. ڪشمڪش جو دور هليو. ڇونه ورتي آهي رشوت مون هيل تائين؟ ٻين کي رشوت وٺندو ڏسي، ٻين اڳيان عيش عشرت جي وسيلن جا انبار لڳندا ڏسي، ٻين کي من موافق پئسو اُڏائيندو ڏسي، ٻين کي ٻوڏ ۾ پرجي ناٽي جي ٻل تي ڊاڙون هڻندو ڏسي، ٻين کي ٻارن جي هرهڪ جائز ناجائز خواهش پوري ڪندو ڏسي ڇا رشوت جي راهه کي پاڻ ڏانهن موڙڻ ڏکيو ڪم هو مون لاءِ؟ جيڪڏهن نه موڙيم ته فقط اِنڪري ڇو ته جواب ٻيو ڪنهن کي نه، پنهنجو پاڻ کي ڏيڻو هو مونکي. هاڻي به گمان سنگهه جو ڪيس ڪمزور بڻائڻ لاءِ رشوت وٺڻ يا نه وٺڻ جو فيصلو ٻيا ڇا چوندا ۽ سوچيندا، ان آڌار تي نه وٺندس.

ي سدگتي ياترا ڪندا ۽ بيو گئراج ۾ بيڪار پيو هوندو. جڳهه والاريندو
جائي. ها، ڇاتيءَ تي مُڪ واري ڳالهه ننڊي ياءُ ڪي ٻڌايان ته هڪ
لُ دير ڪئي، بنا هوُ چوندو، ”مون اڳيئي هوَن ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو
تو توهانکي. مان نٿو چاهيان ته توهان ساڳيا عذاب ڀوڳيو جيڪي
ان سهي چڪو آهيان.“

تي سگهي ٿو دل ۽ دماغ جي ڪنهن سطح تي ننڊي ياءُ واري
اردات گهات لڳائي ويٺي هجي. ممڪن آهي، مُڪ جي روپ ۾ اِها
وشيده ڳالهه اُڀري آئي هجي. سُپنا ڏسندا آهيون ته دل جي گهراين
۾ وينل ڪيتريون ڳالهيون نمودار ٿينديون آهن نه؟ ننڊ ۾ يا خواب
ڏسندي پنهنجو هٿ زور سان ڇاتيءَ تي اچي پوي ته سوُر محسوس
ـه ٿيندو ڇا؟ مُڪ ۽ سور ڪي پوُت، پُرڪن يا گمان سنگهه سان ڳنڍڻ فقط
ڪمزور ظاهر ڪرڻ آهي پاڻ ڪي. گمان سنگهه جو پوُت! گمان سنگهه
جيل ۾ مري ويو هوندو! مونکي پڪ آهي لڪي وينل ڳنڍ ڦاٽي آهي
ن طرح. پُرڪا ۽ گُمان سنگهه جو پوُت ٻٽُ ٿي مون تي حملو ٿا ڪن،
هو احساس ان ڳنڍ جي پئدائش آهي. سياٽي پتو لڳائيندس، گمان
سنگهه جيئرو آهي يا نه. سياٽي ڇو؟ هاٽي ڇونه؟ رات جا ٿي لڳا آهن
ـه ڇا ٿيو؟ جيل جو سپرينٽينڊينٽ اُهو ئي آهي اڃا، جيڪو منهنجي
رٽاير ٿيڻ وقت هو.

مان ڊائري کولي، سپرينٽينڊينٽ جو فون نمبر تلاش ٿو ڪريان
۽ موبائل کڻي سندس نمبر ملايان ٿو.

□□

تي؟ ذهني طاقت ۾ آتم ٻل ڪمزور آهي جنهجو، سي ٻچن پوٽن کان!
جيڪڏهن گمان سنگهه مري ڪري پوٽ بڻيو آهي ۽ مونکي پريشان ڪرڻ ٿو چاهي تہ مقابلو ڪندس. جيئري گمان سنگهه جي سامهون خم ٺوڪي بيهي سگهان ٿو تہ سندس پوٽ کي بہ شڪست ڏيندس. ڏسان ڇا ٿو بگاڙي هو منهنجو؟

گذريل ڪجهہ وقت کان ممبئي ۾ رهندڙ منهنجو ننڊو ڀاءُ پريشان هو. سندس چوڻ هو، ”اسانجي ڪٽنب جا ڪي وڏا سدگتي نہ ملڻ سبب پوٽ پريت جوڻ ڀوڳي رهيا آهن. رات جو ڏڪائن ٿا. دهشتناڪ چهرا سڄي رات اکين آڏو گهمندا ٿا رهن. ننڊ نٽا ڪرڻ ڏين. پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جي ڌمڪي ٿا ڏين. ننڊ اُڏامي ويئي آهي. پيٽ خراب ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر جي دوائن جو اثر نٿو ٿئي. سائڪيئٽرسٽ ننڊ جون گوريون ڏنيون آهن. وٺان ٿو تہ ننڊ نہ، گهيرت ٿا اچن.“

روز فون تي ڳالهائڻ ٿيندو هو. گهڻو ئي سمجهايومانس. من مضبوط ڪرڻ جو طريقو ٻڌايومانس. ڪو اثر نہ ٿيس. آخر ڪنهن تانترڪ کان وڏن جي سدگتيءَ لاءِ هوَن ڪرايائين. سندس موجب، ”هاڻي سڀ ڪجهہ نيڪ آهي. پر تانترڪ جو چوڻ آهي تہ وڏن جي سدگتيءَ لاءِ جتن گهر جي وڏي ڀاتيءَ کي ڪرڻ گهرجن. گهر جا مربي توهان آهيو. تنهنڪري توهان هوَن ڪرايو.“

مون خاموشيءَ سان سندس ڳالهہ ٻڌي. فون تي ڏسڻ مُمڪن نہ هو هن لاءِ، پر منهنجن چپن تي طنز ڀري مُرڪ هئي اُن وقت. ان فلسفي جي مذاق اُڏائيندڙ مُرڪ. جيڪڏهن پُرکن کي سدگتي ڪٽنب جي وڏي ڀاتيءَ جي جَتن سان ملندي تہ هو منهنجي ننڍي ڀاءُ کي تنگ ڇو پيا ڪن؟ مون وٽ اچڻ کان ڪنهن روڪيو هو هنن کي؟ تانترڪ موجب هوَن سدگتيءَ جو واهڻ آهي ۽ جيڪڏهن هوَن سدگتيءَ جو واهڻ آهي تہ پُرکن کي اِهو واهڻ اگ ۾ ئي عطا ڪري چڪو آهي منهنجو ننڍو ڀاءُ. مان هوَن ڪرائيندس تہ بہ ٻہ واهن تي پوندن. هڪ

ر، اَنل جو بيڊروم، ايستائين جو گيلري ۾ بہ چندن جو اِسپري
يو ويو هو.

هميشهہ وانگر گڏجندي ئي اَنل کيس پيري پيو هو. هميشهہ
نگر هن ڪٽي اَنل کي ڀاڪر ۾ ڀريو هو. هميشهہ وانگر اَنل ڏکيا ۽
را ساهہ کڻي اِسپتال جي دوائن سان ڀريل سندس سرير ۽ ڪپڙن جي
س کي پنهنجن ڦڦڙن ۾ ڀريو هو. هميشهہ وانگر ٻپهريءَ جي ننڊ،
س ۽ کهاڻين جي نسن جي جار ۾ هڪ معصوم نس جيان گم ٿي
ٿي هئي. دوستن ۽ رشيتدارن جون خبرون ڏيڻ وٺڻ جو سلسلو اڃا
روع ٿيو ئي هو جو ڪلندي اَنل پڇيو، ”مما، ڊئڊ، جيڪڏهن مان
ڪ پنجابي سک ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ چاهيان تہ توهان اِجازت
ڏيندا؟“

”ڇريو ٿي ويو آهين ڇا؟ سمجهين بہ ٿو تہ ڇا ٿو چوين؟“
ٽس ڇئي ڏنو.

”نہ، هڪ ڳالهہ ٿو ڪريان. فرض ڪيو، مان اهڙي نموني جي
ادي ڪرڻ چاهيان ٿو تہ توهانجو ردعمل ڇا ٿيندو؟“

”اهڙا چرچا ڪندين تہ مان تو سان ڳالهائڻ بند ڪري
ڏينديس. تون منهنجو اڪيلو پٽ آهين تہ ياد رکجانءِ، مان بہ
نهنجي اَڪيلي ماءُ آهيان.“

تنهن کان پوءِ جيڪي بہ ڏينهن اَنل رهيو، اُنهن ۾ ڪنهن بہ
ريقي سان هن شاديءَ جي باري ۾ ڳالهہ نہ ڪئي. پر هاڻي اِسڪويڊرن
يڊر من موهن سنگهہ بگا جو خط پڙهڻ کانپوءِ کيس محسوس ٿو ٿئي
هہ اَنل جي گذريل سفرجو مطلب ڇاهي ڪجهہ بہ رهيو هجي پر ماءُ
يءُ جا ويچار ڄاڻڻ کانپوءِ کانئن پنهنجي شاديءَ لاءِ اِجازت وٺڻ جي
الهہ پڻ سندس من ۾ رهي هوندي.

اِسڪواڊرن ليڊر من موهن سنگهہ بگا لکيو آهي. ”اڄ ڪمان پورو
ڪ مهنو اڳ اَنل جو ڪمانڊنگ آفيسر ۽ فلائٽ ڪمانڊر زالن سوُڌا
نهنجي گهر آيا هئا، اَنل لاءِ منهنجي ڌيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ. رت

گهرائيءَ کان سطح تائين

اِسڪويڊرن ليڊر من موهن سنگهه بگا جو خط پڙهي ڪيس اِئين ٿو محسوس ٿئي جيئن پيٿيڊين جي اِنجيڪشن لڳڻ سبب آهستي آهستي سندس هوش گم ٿيندا ويندا هجن. اِسڪويڊرن ليڊر بگا هن لاءِ بلڪل اڻڄاڻ شخص آهي. سندس خط ۾ اِستعمال ٿيل ڀاشا بيحد نمائي ۽ عزت ڀري آهي. ٽيهن سالن کان بطور ڊاڪٽر گمڀير حالتن کي ڏسڻ ۽ ڀوڳڻ جو موقعو لڳاتار ملندو رهيو آهي. دل ۽ دماغ سان هڪ جهڙو رهڻ سڀاءَ ۾ شامل ٿي ويو آهي. تنهن هوندي به اِسڪويڊرن ليڊر بگا جو خط پڙهڻ کانپوءِ ڪيس سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر ٿي ڇا رهيو آهي؟

اَنل جي فلائيٽ آنڌيءَ سبب پاڪستان جي حد تي پهچي رد ٿي ويئي هئي. موقعي جو فائدو کڻي هوُ گهر هليو آيو هو. اَنل کي اُميد جي برخلاف گهر آيل ڏسي سندس ماءُ ايتري خوش ٿي هئي جو اِسپتال ۾ ڳولهارائي، ڏاڍي جفاڪشيءَ کانپوءِ ساڻس فون تي سمپرڪ ڪري پٽ جي اوچتو پهچڻ جو احوال ڏنو هئائين. اَنل کي به ڏينهن رهڻو هو ۽ ڪيس ٻن ڪلاڪن کانپوءِ اِسپتال مان موٽڻو هو. موٽيو به پنهنجي طئہ شدا وقت تي ئي هو. پر پٽ جي اوچتو گهر اچڻ سان ماءُ جي من اِسٿتي ۾ آيل تبديل جو ثبوت ذري ذري ۾ نمايان هو. فون اچڻ ۽ جسماني پهچ جي وچ ۾ فقط ٻن ڪلاڪن جو وقفو هو. پر اِن دؤران ڪاڏي جي ميز سينگاري به ويئي هئي ۽ طرح طرح جي طعمن سان ڀري به ويئي هئي. تازن گلن سان ڀريو گلدستو اجا صبح ئي نيرن وقت ڊائننگ ٽيبل تي رکيو ويو هو. تنهن کان پوءِ به گلدستي جا گل بدلجي ويا هئا. ڊرائينگ روم، ڊائيننگ

ويدنائن ۾ حدن کي لفظ ڏيڻ واري شخص کي اِهو تہ نٿو چئي
هجي تہ سک ڇوڪريءَ سان شادي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي.
ذات ۾ پرڳڻي کان ٻاهر شادي ڪرڻ سان اسانجي ڪٽنب جي
اجڪ حيثيت تي غلط اثر پئجي سگهي ٿو. نيڪ آهي تہ عام سنڌي
دو گرو نانڪ تي عقيدو رکي ٿو. پنجاب وانگر سنڌ ۾ پڻ هڪ ٻار
ڪيشڌاري بڻائڻ جي پرمپرا رهي آهي. سندس وڏي ڀاءُ پڻ هڪ
ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي. سنڌي سک ڇوڪري هئي تہ
ٿيو، هئي تہ سک ڪٽنب جي. وڏي ڀاءُ کي زال کان ڪڏهن
نهن قسم جي شڪايت نہ رهي هئي، اِهو بہ سچ آهي. پر تڏهن ۾
۾ ڏاڍو فرق آهي. تڏهن هندن ۾ سکن کي الڳ مڃڻ جي ڀاونا
هئي. تڏهن زال پنهنجي پتيءَ جي ڪٽنب جي انسار پاڻ کي
ڻ لاءِ ذهني سطح تي تيار رهندي هئي. سنسڪارن جي سطح تي
سنڌي هندو ۽ سنڌي سکن وچ ۾ ڪنهن طرح جو ٽڪراءُ ڪونہ هو.
جي سک زال مان اِها اُميد رکڻ غير مناسب آهي تہ پتيءَ جي
ٽنب جي مريادائن کي ڌيان ۾ رکي هوءَ پاڻ کي مٽيندي. سوچ،
نوار، پڙهائي لکائي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي خيال کان هندو پتي ۽
زال جي وچ ۾ تال ميل واري ڳالهہ سوچي بہ نٿي سگهجي هاڻي.

ڪائنس اوچتو ڇرڪ نڪري ويو آهي. زال سندس ڪلهي تي
ت رکيو آهي ۽ ويچارن ۾ گم هئڻ سبب هن کان ڇرڪ نڪري ويو
ي. سندس بدحواسي ڏسي جوٽس کلڻ لڳي آهي. سپاويڪ نظر
ڻ جي ڪوشش ڪندي هن بہ زال جو ساٿ ڏنو آهي.

”ڪهڙين چنتائن ۾ ٻُڏا پيا آهيو؟“

”ڪجهہ نہ آهي.“

”ڪجهہ تہ هوندو. توهان اهڙي نموني اندر جي ڳالهہ لڪائيندا
آهيو؟“

”ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي.“

”تڏهن بہ.“

منهنجي لاءِ بلڪل نئين هئي. اَنل کي اِن نظر سان ڪڏهن ڏٺو ڪونہ هو. مونکي پنهنجي ڌيءَ ۽ زال سان صلاح ڪرڻي هئي. ڇڙن ڏينهن کان پوءِ نئين پوسٽنگ تي ليهہ روانو ٿيڻو هو. تنهنڪري وقت گذارڻ جي خيال کان مون ڪين ڇيو تہ پهرين اَنل جي ماءُ پيءُ کان اِجازت وٺو پوءِ ڏسنداسين. مان سمجهان ٿو تہ اَنل توهان سان اِن مدعي تي ڳالهايو هوندو.''

اَنل ڳالهايو ضرور هو پر اِسڪويڊرن ليڊر من موهن سنگهہ بگا وٽ رٽ موڪلڻ کان اڳ ۾، اسان سان ڳالهائڻ کان پوءِ پنهنجي ڪمانڊنگ آفيسر ۽ فلائيٽ ڪمانڊر کي رٽ ڪٽي هن موڪليو ئي اِنڪري هوندو ڇو تہ سولي نموني ماءُ پيءُ کان منظوري ملڻ جي اُميد ڪيس نظر نہ آئي هوندي.

اِسڪوادرن ليڊر من موهن سنگهہ بگا ہہ ڳالهيون ٻيون ٻہ لکيون آهن، ''بيحد سباجهو، سُشيل ۽ وهنوار ڪشل آهي. تنهنڪري شخصي سطح تي مان ڪيس پسند ڪندو آهيان. منهنجيءَ زال کي ٻہ هو وڻندو آهي. سڀ کان اهم ڳالهہ اِها آهي تہ اَنل کي منهنجي ڌيءُ چاهيندي آهي. پر هيءُ رشتو فقط هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي وچ جي ڳالهہ نہ آهي. هيءُ رشتو ٻن ڪٽنبن جو رشتو آهي. مون اَنل سان ڳالهايو هو. اِن معاملي ۾ توهانجي سنجيده ۽ وهنوارڪ سوچ جو مان قائل آهيان. مان سمجهي سگهان ٿو تہ پيءُ جون ڪجهہ سپاويڪ ۽ جائز ڇنتائون هونديون آهن. هن رشتي سان توهانجي سماج، توهانجي مٽن مائٽن جو رد عمل اُيتو ٿي سگهي ٿو. ممڪن آهي، توهان جي ذهن ۾ ڪنهن خاص طرح جي ڇوڪريءَ جي تصوير هجي. اِهو ٻہ ٿي سگهي ٿو تہ اَنل لاءِ توهان ڇوڪري پهرين ئي پسند ڪري ڇڏي هجي ۽ ڇوڪريءَ جي ماءُ پيءُ سان شاديءَ لاءِ واعدو ڪيو هجي. هر حالت ۾ مان توهان سان گڏ آهيان. ڀروسو رکو تہ توهانجي آشيرواد بنا هيءُ ڪم نہ ٿيندو.''

ايتري فراخدليءَ سان ڇوڪري جي پيءُ جي ڀاونائن کي،سندس

دراوڙ پراڻايام

ساهتيہ سنستان جي ملازم ستن ميمبرن لاءِ داخلا پتر اڳ ۾
ي ٺهرائي ڇڏيا هئا. سندن پنهنجو داخلا پتر سچي سال لاءِ ٺهيل هو
ي. سيڪريٽرئيٽ ۾ ماحول اُتساهہ سان لبريز هو. ڳوٺاڻن جون ٽوليون
يت هٿ گهمي رهيون هيون. سرڪار مٿئي فقط پنج ڏينهن گذريا
ئا. فضا ۾ اُميدون هيون. فلاڻي ايم-ايل-اي-، فلاڻي وزير، فلاڻي
ڳوان سان معمولي ملاقات بہ سيني جي آشائن کي سج جي روشنيءَ
انگر چمڪي سان پري رهي هئي. ڪجهہ نئون ٿيڻ جي آس سمند
ر وير جيان اُيامي رهي هئي.

ساهتيہ سنستان ۾ ڪُل ٽيهہ ميمبر هئا. سرڪار اَهڙن ماڻهن
ي نامزد ڪري ڇڏيندي هئي، جنکي ڪيترا دفعا ساهتيہ جي اَلف،
ي بہ نہ ايندي هئي. چو تہ سنستان ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪم ڪرڻ
اءِ برپا ڪيو ويو هو تنهنڪري صدر پنهنجن خاص حقن کي اِستعمال
ڪري ڪجهہ ليکڪن ۽ ساهتيڪارن کي ميمبر جي روپ ۾ ڪٽندو هو.
هونئن تہ عام طور سان صدر ويچار ڌارا کي ڌيان ۾ رکي ميمبر
چونڊيندا هئا پر اِن روايت جي برخلاف هنن ويچار ڌارا کي ترجيح
ـہ ڏني هئي. هاڻي جڏهن ٻيءَ پارٽيءَ جي سرڪار واڳون سنڀاليون
هيون تہ کين ان سوچ جو فائدو ملي رهيو هو. هنن سان گڏ آيل ست
ئي ميمبر گهٽ يا وڌ نئين سرڪار سان لاڳاپو رکندڙ هئا.

سيڪريٽرئيٽ بلڊنگ جي ورانڊن مان اڳيان وڌي رهيا هئا تہ
نئين سرڪار ۾ پيٺ رکڻ واري هڪ ميمبر کائن پڇيو، ”تعليم
وزير سان ڪجهہ خاص ڳالهائڻو هجي تہ ٻڌايو؟“

”چڱو، پهرين چانهه پيئار.“

”ٻڌائڻ نٿا چاهيو ته صاف چو نٿا چئو؟“

”پائي، مون وٽ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي، جيڪا توکان لڪايان. هاڻي جهٽ پٽ هڪ ڪپ چانهه پيئار.“

هن ڳالهه ٻولهه کان پوءِ کيس لڳي ٿو ته هوُ سمنڊ جي بيشمار گهرائيءَ مان ٻاهر نڪري سطح تي اچي ويو آهي. گڏوگڏ کيس شدت سان محسوس ٿو ٿئي ته هڪ ڊاڪٽر جو سوچڻ جو طريقو مٿس حاوي پئجي ويو آهي. اَنل اِرادو ڪري وٺي ته سک هجي يا مسلمان ۽ عيسائي، هوُ ڪنهن به ڇوڪريءَ سان شادي ڪري سگهي ٿو. سندس وڏپڻ آهي جو هو عزت ڏئي ٿو. نه ته اِسڪويڊرن ليڊر من موهن سنگهه ٻگا وٽ رڳو اهڙي نموني به موڪلي پيو سگهي جيئن ماءُ پيءُ پنهنجو پاڻ حاشيي تي اچي وڃن. آخر زال سان گذر ته اَنل کي ئي ڪرڻو آهي. ايئر فورس ۾ نؤڪري ڪرڻ وارو آفيسر پٽ گهڻا ڏينهن پاڻ ماءُ پيءُ سان رهندو ۽ گهڻو وقت سندس زال سس سهري سان رهندي؟

چانهه جو ڪپ کڻي جوڻس ڪمري ۾ اچي رهي آهي. مُرڪي ڏسندي هن ڪابي هٿ ۾ چانهن جو ڪپ پڪڙي ساڄي هٿ ۾ جهليل خط زال ڏانهن وڌايو، ”وٺ پڙهه. اَنل جي اِسڪويڊرن ليڊر جو خط آهي. پنهنجي ڌيءَ اَنل کي ڏيڻ ٿو چاهي.“

□□

...ات جو پهريون ۽ آخري سوال بڻائڻ جو رهيو هجي. ذري گهٽ
...هڪ ميمبر ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهايو. سيني جي چپ ٿيندي ئي
...ن پهريون دفعو زبان کولي، ”معاف ڪندا وزير صاحب، هيءُ سوال
...ان غلط ماڻهن کان پڇيو آهي.“

”ڪيئن؟“

”ساهتيہ سنستان جي سفارت توهانجي سامهون آهي. هوُ تہ
...ستان جي تعريف ئي ڪندا. هن سوال جي صحيح جواب جي
...بد نہ اسان مان رکڻ مناسب آهي ۽ نہ اسانجي مخالفتين مان.
...ان جيڪڏهن سچ پچ سنستان جي ڪارگذارين نسبت ڄاڻڻ ٿا
...هيو تہ اِهو سوال بي طرفدار شخص کان پڇڻ گهرجي.“

”ها، چئو تہ توهان نيڪ ٿا.“

”اِجازت هجي تہ هڪ ڳالهہ بي بہ نيڪ چوڻ ٿو چاهيان.“

”ها، ها، چئو نہ؟“

”مونکي اڳوڻي سرڪار ساهتيہ سنستان جو صدر مقرر ڪيو هو.
...ڪم موجب پلي منهنجي معياد ٽي سال هجي پر باقي بچيل اٽڪل
...يد سال لاءِ توهان جيڪڏهن پنهنجي پارٽيءَ جي ڪنهن شخص کي
...در ڏاڻڻ چاهيو تہ مهرباني ڪري ٻڌايو. مان عهدي تان اِستعفا
...ئي ڇڏيندس. تناوَن ۽ ڇڪتاڻ جي ماحول ۾ ڪم ڪرڻ منهنجيءَ
...رت ۾ نہ آهي.“

”ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو؟ توهان ڄاتل سڃاتل مشهور
...هتيڪارآهيو. توهانجون رچنائون اسان ننڍي هوندي کان پڙهندا
...آچون. جيڪڏهن ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان وابستا هجو ها تہ مان
...هنجي طرفان ئي توهانکي اِستعفا ڏيڻ لاءِ چوان ها. سامهون ويهاري
...لهايان بہ نہ ها شايد توهان سان. توهان اڳي جيان ڪم ڪندا رهو.
...هنجي دل ۾ توهان لاءِ بيحد عزت آهي.“ سندن رت ٻڌڻ کان پوءِ
...يني جي پيشانين تي اُڀري آيل تناءُ وزير جو جواب ٻڌي خوشيءَ
... تبديل ٿي ويو.

”واڌايون ڏيڻ هلي رهيا آهيون، واڌايون ڏينداسين.“

”واڌاين سان گڏ ٻيو ٻه ڪجهه چوڻو ،ٻڌائڻو يا پڇڻو آهي ڇا اسانکي؟“

”ٻيو ڇا ڳالهائڻو آهي؟“

ميمبر جي چپن تي معنيٰ ڀريل مُرڪ هئي. مطلب سمجهندي ٻه هوُ خاموش رهيا.

”ٻيو ڪجهه ڳالهائڻ يا چوڻ چاهيو ته ڀلي ڳالهائجو يا چئجو پر مهرباني ڪري اسانجي وزير جو موڪليل سنديش نه وسارجو.“ هڪ ويڪري مُرڪ سندن چهري تي ضرور اُڀري پر زبان سان ڪجهه نه چيائون.

پهرئين ماڙي تي وڃڻو هو. لفٽ اِستعمال نه ڪري ڏاڪڻيون چڙهي مٿي پهتا. پي-اي- کان پڇيائون. وزير ڪمري ۾ هو ۽ اڪيلو هو. پرچي موڪلڻ شرط اندر گهرايائين. گهڙندي ئي هنن اونچي آواز ۾ چيو، ”ساهتيه سنستان جا عيوضي توهانجي دلي آجيان ٿا ڪن!“ ۽ اڳيان وڌي وزير کي وڏو گلدستو ڏنو. وزير مرڪيو، مهرباني مڃيائين ۽ ڪرسين تي ويهڻ لاءِ هٿ سان اِشارو ڪيائين. تائينڪا ٿيا ته نئين سرڪار جي سنگهٽن ۾ پرديش سطح تي عهديدار رهيل سنستان جي ميمبر سيٺي جي واقفيت ڏني. ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ جي منشا سان وزير رسمي نموني هوا ۾ سوال ڦٽو ڪيو، ”ڪيئن هلي رهيو آهي ساهتيه سنستان؟“

جيتوڻيڪ سوال فقط سوال پڇڻ لاءِ پڇيو ويو هو، پر حاضر سيٺي ميمبرن سوال تي جڻ ته لامارو ڏنو. جنهنکي وجهه مليو اُن سنستان جي ڪارگذارين جا قصيدا پڙهڻ شروع ڪيا. اِن دوران سندن تعريف جي رائي پڻ ڏيندا رهيا. چپن تي شانت مُرڪ لنبي هو خاموشيءَ سان وينا هئا. تعليم وزير خوش اِخلافي ظاهر ڪندي مٿو ڏوڏي رهيو هو. ڪيس ٽوڪڻ جو نه موقعو ملي رهيو هو ۽ نه سندس اهڙي ڪا ڀاونا نظر اچي رهي هئي. ممڪن آهي، وزير جو اِرادو هن سوال کي

و لڳي. تعليم وزير جيڪڏهن پنهنجي پارٽيءَ ۾ ويچارڌارا جي
ار تي بدلاءُ ٿو ڪري يا اڳوڻي سرڪار طرفان ڪيل نامزدگين کي
ڪرڻ جي نيتي اختيار ٿو ڪري ته سندن صدر جي عهدي تي
ئم رهڻ ممڪن نه آهي. ڪجهه ڪرڻو آهي ته هاڻي ڪرڻو آهي.
وڻيءَ سرڪار نامزد ڪيو هو، تنهنڪري ٿپو ته لڳي ئي ويو آهي.
هنجي ٻُوٽي تي پهل ڪري نتيجا پاڻ ڏانهن موڙي سگهجن ٿا.
آڳا پيڇا چڱيءَ طرح سوچڻ ڪانپوءِ هنن حملاور ڍنگ سان اڳتي
ڻ جي يوجنا تيار ڪئي. تعليم وزير کي واڌائي ڏيڻ کان پوءِ ڇا
وڻو آهي، اڳ ۾ ئي طئه هو. اثر ٿي ٿو وڃي ته دلگهريو نتيجو ملي
ندو ۽ جيڪڏهن ڍارو اُبتو ٿو پوي ته ڏيئي ڇڏبي اِستعفا. شهادت
و جامو پهري اُصولن لاءِ قرباني ڏيڻ واري شخص جي مُورت
جندا. ڪين خوشي هئي ته داءُ سڦلو ٿيو. تعليم وزير ته پروسو ڏنو
ي، سندن قد پڻ وڌيو ته عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ انڌي ڊڪ جي هن دؤر
هڪ اهڙو شخص به آهي جيڪو پاڻ عهدو ڇڏڻ جي رٽ رکي سگهي
. ساهتيه سنستان جي ميمبرن جي نظرن ۾ سندن حيثيت ڪيترا
رجا وڌي ويئي.

وڏو وزير اَسيمبليءَ جو ميمبر ڪونه هو. ڇهن مهنن ۾ چونڊن
سوپارو ٿي ايم-ايل-اي- بڻجڻ تي ئي سندس وڏي وزير جي روپ
قائم رهڻ ممڪن هو. هڪ مؤجود ايم-ايل-اي- اِستعفا ڏيئي هن
اَسيمبليءَ جو ميمبر ٿيڻ جو رستو صاف ڪيو هو. ننڍي چونڊ
ون تاريخون ظاهر ٿي چڪيون هيون. سلسلو قدم در قدم اڳيان
ي رهيو هو. چونڊن ۾ فقط ٽي ڏينهن باقي هئا. سرڪاري خواهه
خالفتي ڌريون سموري طاقت لڳائي ووٽرن کي ريجهائي رهيون هيون.
ي اَهم پارٽين جا قداوَر اڳوان ڏوڙي رمائي اَلک جاڳائي رهيا هئا. ڪين
هتيه سنستان جو صدر نامزد ڪرڻ وارو اڳوڻو تعليم وزير، مؤجوده
ليم وزير ۽ ساهتيه سنستان جي ميمبر جو دوست وزير، وغيره سيپئي
ريڪبينيءَ سان علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ کي ڇاڻي رهيا هئا.

ڪمري مان ٻاهر نڪرندي ئي نئين سرڪار سان ويجهائپ رکڻ واري ميمبر شڪايتي لهجي ۾ چيو، ”منع ڪرڻ ڪان پوءِ بہ توهان پنهنجي هلائي!“

”اڳ ۾ ارادو نہ هو. موقعو مليو تہ من جي ڳالهہ زبان تي اچي ويئي.“ هو هلڪو مُرڪيا.

”توهان من جي ڳالهہ چئي ڇڏي ۽ جيڪڏهن تعليم وزير اِستعفا ڏيڻ لاءِ چئي وجهي ها تہ ڇا ٿئي ها؟“

”ٿئي ڇا ها؟ اِستعفا ڏيئي ڇڏيون ها!“

”تعليم وزير جي ڪمري ۾ وڃڻ ڪان اڳ ۾ مون توهانکي پنهنجي دوست وزير جي چيل ڳالهہ ياد ڏياري هئي. تنهن ڪانپوءِ بہ توهان اِستعفا ڏيڻ جي پيشڪش ڇو ڪئي؟“

”ساهتيہ سنستان جي صدر جي عهدي تي مان ڪنهن جي ديا يا مهربانيءَ سان قابض رهڻ نٿو چاهيان. نئين سرڪار قابل سمجهي ٿي تہ باقي رهيل معياد لاءِ قائم رکي. نٿي سمجهي يا ڪنهن ٻئي سبب سان ڪنهن کي صدر ٿاڦڻ ٿي چاهي تہ سپاٽي نہ، اَڄ ٿاڦي. مان صدر قائم رهندس تہ عزت ۽ مانَ سان رهندس. نہ ڪنهنجي سامهون بيک لاءِ هٿ ڦهلائيندس ۽ نہ ليلائيندس.“

”منهنجو دوست وزير گهڻي وقت ڪان توهانکي ساهتيڪار جي روُپ ۾ سڃاڻي. ساڳي ڳالهہ اڄ تعليم وزير پڻ چئي. ساهتيہ سنستان جا صدر توهان پنهنجي لياقت جي ڪري آهيو. اِن ۾ شبهو ڪري اِستعيفا ڏيڻ جي رٽ رکڻ جي ضرورت ئي نہ هئي.“

هنن ڪوئي جواب نہ ڏنو. فقط مُرڪندا رهيا. پنهنجي يوجنا جي ڪاميابيءَ تي هو خوش هئا. سرڪار بدلجڻ ڪانپوءِ ساهتيہ سنستان جي صدر عهدي تي لٽڪندڙ تلوار سندن ذهن ۾ ڏرڻو ماري ويهي رهي هئي. تعليم وزير جي نالي جي اَعلان سان گڏ اِن تلوار جي تيزي کين پنهنجي عهدي جي بيحد ويجهي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. جيتوڻيڪ هڪ وزير طرفان آسرو مليل هو پر اُهو کين ڪافي نہ

و ڪري، تنهنڪري آيو آهي نہ پروگرام ۾؟ جيڪڏهن ڪيس منچ
ي ويهاربو تہ الڳ الڳ طبقا ڪوبہ مطلب چونہ ڪڍن پر اڳوڻي
عليم وزير جي من ۾ اِها پاونا مضبوط ٿيندي تہ ساهتيہ سنستان جو
صدر سندس پنهنجو ماڻهو آهي. پنهنجيءَ پارٽيءَ ۾ اڳوڻي تعليم
زير جي خاص اهميت آهي. سرڪارون ايندڙيون ويندڙيون رهنديون
آهن. ممڪن آهي، ٻئي دفعي سندس پارٽيءَ جي سرڪار ٺهي ۽ هوُ
ڏو وزير بڻجي وڃي. ڪيس منچ تي گهرائي هوُ هڪ نموني امب جو
ٻوٽو پوکيندو، جنهنجا ڦل اَڄ ڇاهي نہ ملن، سياڻي ضرور ملندا.
ٺين سرڪار ۽ اُن پارٽيءَ جو ڪوبہ اڳوان نہ آيو آهي. ٿي سگهي ٿو،
اڳوڻي تعليم وزير کي منچ تي ويهارڻ جي ڳالهہ آئي وئي ٿي وڃي.
جيڪڏهن بوال مچي ٿو تہ دليل ڏيئي ٿي سگهجي، اڳوڻي تعليم
وزير کي اڻ ڏنو ڪري سنستان پاڻ کي اَسپيہ ثابت ڪري ها. ڪيس
منچ تي ويهاري اسان اُنهن ملهن جي رکشا ڪئي آهي جنجي
واڌاري لاءِ ساهتيہ سنستان عهدسان ٻڌل آهي. اسان سياست ۽ پارٽيءَ
کان مٿيرو ٿي فيصلو ورتو آهي. هڻ ڪڻ کي ساهتيہ کان پري رکي
ڪري ئي سماج کي سنسڪارت ڪرڻ ممڪن آهي. هنن دل ۾ فيصلو
ڪري ورتو تہ اڳوڻي تعليم وزير کي منچ تي ويهارڻو آهي.

اِشارو ڪري هنن مؤجوده سرڪار ۾ وزير جي ويجهي، سنستان
جي ميمبر کي منچ تي گهرايو. ڳالهہ ٻڌائي ڪيس چيو تہ هال ۾ حاضر
ساهتيہ سنستان جي عهديدارن سان صلاح ڪري اڳوڻي تعليم وزير کي
منچ تي ويهارڻ نسبت فيصلو ڪري جاڻ ڏي. جلد ئي موٽي هن
ٻڌايو تہ سيني جي راءِ هڪ جهڙي نہ آهي. بهتر ٿيندو ڪين جيئن
ٺيڪ لڳي، طئہ ڪن.

جواب اچڻ کان ترت پوءِ هنن مڪاني سنيوجڪ کي اڳوڻي
تعليم وزير کي عزت سان منچ تي وٺي اچڻ جي هدايت ڏني.
سنيوجڪ جي عرض کي جڏهن اڳوڻي تعليم وزير نہ مڃيو تہ منچ
تان هيٺ لهي هو پاڻ هن وٽ ويا ۽ هٿ کان جهلي ڪيس مٿي وٺي

اِتفاق سان سڄي سال لاءِ مقرر پروگرامن جي رٿا مُوجب اُن ايراضيءَ ۾ ساڳئي وقت ساهتيہ سنستان طرفان وياکيان مالا ۾ تقرير ٿيڻي هئي. مڪاني سنيوجڪ فون ڪري مکيہ مهمان ۽ پروگرام جي صدر جي ناتي ڪنهنکي نينڊ ڏجي، اِن بابت صلاح گهري. وياکيان مالا ۾ تقرير ڏيڻ واري ودوان جو نالو پڪي طئہ ٿيل هجي پر تعليم وزير ۽ ٻين سياسي اڳوانن جي مؤجودگيءَ سبب اُنهن مان ڪنهنکي منچ تي ويهارجي، اِهو فيصلو منجهائيندڙ هو. منچ تي ڪنهنکي بہ ڇونہ ويهارجي، ضرور وواد ٿيندو. ميمبرن سان مشورو ڪري هنن سنيوجڪ کي صاف هدايت ڏني تہ ڪنهن بہ سياسي شخص کي منچ تي ويهڻ لاءِ نينڊ نہ ڏيڻي آهي. ڪنهنجي خوديءَ کي ضرب نہ محسوس ٿئي، تنهنڪري سيني اَهم سياسي اڳوانن کي پاڻ وٽ نينڊ پتر ڏيئي اچي. مڪاني سنيوجڪ هدايت موجب بندوبست ڪيا.

پروگرام شروع ٿيڻ تائين هال ۾ حاضرين جي ڳٽپ چڱيري ٿي ويئي هئي. شهر جا خاص ليکڪ، ودوان، پروفيسر، ٻڌيجيوي ۽ سُريلا شخص آيل ڏسي کين سٺو لڳو. وياکيان مالا ۾ تقرير ڪرڻ وارو ودوان اچي ويو هو. حڪمران پارٽيءَ جو ڪو اڳوان، ايم-ايل-اي- يا وزير تہ نہ آيا پر پروگرام شروع ٿيندي ئي اڳوڻو تعليم وزير اچي آخري قطار ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪنهن وقت هوُ ساهتيہ سنستان جو وزير رهيو هو. هاڻي عام ماڻهوءَ وانگر ٻڌندڙن ۾ ويهي، واجب نہ هو. هنن سوچيو، ڇونڊن جو ماحول شباب تي آهي. جيڪڏهن اڳوڻي تعليم وزير کي منچ تي ويهاريو ٿو وڃي تہ مخالفتي پارٽيءَ جو پاسو کڻڻ جا اِلزام لڳي سگهن ٿا. نامزدگيءَ سان جوڙي ساهتيہ سنستان جي صدر جا لاڳاپا مخالفت ڌر سان ثابت ڪرڻ ۾ نہ حڪمران پارٽي کيٻائيندي ۽ نہ ميڊيا دير ڪندو. ڪشمڪش سبب هوُ فيصلو وٺڻ ۾ قاصر هئا تہ اڳوڻو تعليم وزير کي منچ تي ويهڻ جي نينڊ ڏجي يا نہ؟

ٻاهران سپاويڪ نظر ايندي بہ اندر ۾ هوُ پاڻ سان ڳالهائي رهيا هئا. اڳوڻو تعليم وزير هنن سان يا سنستان سان پنهنجائپ محسوس

ي اُميد رکڻ مناسب نہ آهي.“

”نہ وساريو تہ اَسانجي سرڪار جي مهربانيءَ سان اڄ توهان اهتيہ سنسٿان جا صدر آهيو. اسان چاهيون ٿا تہ توهانکي هڪ ينهن بہ هن عهدي تي نہ رهڻ ڏيون ٿا.“

اڃا تائين هوُ شانت هئا. آخري جملو ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪين لڳندڙين خون لهندو محسوس ٿيو. ڏير ۽ گنڀير رهڻ واري سُر ۾ چٽگون رجي ويون، ”توهانجو وَهم آهي وزير سائين تہ اڄ مان ساهتيہ نسٿان جو صدر توهان يا توهانجي سرڪار جي مهربانيءَ سان آهيان. ون وٽ هن عهدي تي رهڻ لاءِ ٽن سالن جو حڪمنامو آهي.“

”تہ ڇا ٿيو؟ اَسان چاهيون تہ توهانکي هاڻي جو هاڻي برخواست ڪري سگهون ٿا.“

”ٺيڪ آهي، ڪري سگهو ٿا تہ ڪري ڏيکاريو. مان ڏُهل تي ڏنڪو هڻي ٿو چوان تہ پنهنجي معياد پوري ڪندس، ڪندس، ڪندس.“ غصي ۾ اُپامندي هوُ ڪرسيءَ تان اُٿي کڙا ٿيا.

”ڏسو، ڪيئن ٿو ڳالهائي؟“ هنن سان گڏ آيل ٻنهي ڄڻن ڏانهن ڏسي وزير چيو. ڪوئي جواب نہ ڏيئي، بنا رُڪئي هوُ ٻاهر ڪري آيا. ساهتيہ سنسٿان جو نائب صدر ۽ وزير جو ويجهو ميمبر بہ سندن پنيان ٻاهر اچي ويا. عمارت مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ نائب صدر چيو، ”توهانکي غصو ڏاڍو جلدي ٿو اَچي.“

”نہ اَچڻ ڪيئي غصو؟ اهڙي بي اَدبيءَ ڪانپوءِ بہ شانت رهڻ کهرجي؟“

”طريقو پلي ٺيڪ نہ هجي پر وزير ڪا غلط ڳالهہ تہ چئي ڪان ئي.“

”ڪيئن نہ چيائين غلط ڳالهہ؟ اَڱوٺي تعليم وزير ڪي ڏِڪا ڏيئي هال مان ٻاهر ڪڍون ها تہ هن کي سنو لڳي ها.“

”اَهڙي ڪا ڳالهہ تہ چئي ڪانہ وزير.“

”ڪا قصر ڇڏيائين ڇا؟ هنجي سرڪار جيڪڏهن ساهتيہ

آيا. هال ۾ حاضر ٻڌندڙن زوردار تاڙين سان آجيان ڪئي ته سندن من ۾ هن ڪان اڳ ۾ پنهنجي فيصلي تي جيڪو ٿورو گهڻو شڪ هو، اُهو به نيستنابود ٿي ويو. تقرير اثردار هئي. پروگرام ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ماحول حاصلات جي احساس سان ٿمثار هو. اڳوڻي تعليم وزير کي منچ تي بيشڪ ويهاريو ويو پر ڪيس ڳالهائڻ لاءِ نه گهرايو ويو. مٿان بيٺل چونڊن کي ڌيان ۾ رکندي ڪنهن خطري کي نينڊ ڏيڻ مناسب نه لڳو هوندو.

جيئن اُميد هئي، ننڍيءَ چونڊ ۾ وڏو وزير سوپارو ٿي اَسيمبليءَ جو ميمبر بڻجي ويو. اُميد جي اَنسار ئي ساهتيه سنستان جي ميمبر ڪين پنهنجي دوست وزير جي ناراضپي جو سنديش پڻ ڏنو. نائب صدر ءِ اُن ميمبر کي گڏ وٺي هوُ وزير سان ملڻ ويا. ڪين پروسو هو ته حالت ڪان واقف ٿيڻ ڪانپوءِ وزير جو ناراضپو دوُر ٿي ويندو.

مقرر وقت تي ٿيئي، وزير جي ڪمري ۾ پهتا. وچڻ شرط وزير چانهه گهرائي. ٿوري گهڻي روايتي ڳالهه ٻولهه ڪان پوءِ مدي تي اچڻ جي مقصد سان هنن سوال پڇيو، ”ٻڌو آهي، توهان اسان ڪان ناراض آهيو؟“

”ها، آهيان. عين چونڊ وقت وڏي وزير جي علائقي ۾ وڃي توهان ساهتيه سنستان کي مخالفتين جي منچ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو!“

”اِئين ناهي. اڳوڻو تعليم وزير پروگرام ۾ اچي ويو ته مجبور ٿي ڪيس منچ تي گهرائڻو پيو. وري اِهو فيصلو مون اڪيلي سر نه، سيني گڏجي ڪيو هو.“

”منچ تي نه ويهاريوس ها ته ڇا ٿي وڃي ها؟ وچ ڪِري ها؟“

”وچ ته نه ڪِري ها پر ملهه قتل ٿي وڃن ها.“

”واه، واه، اسانجي مخالفيتن کي منچ تي ويهاري توهان ملهن جي رکشا ڪئي آهي!“

”ڏسو هڪ عزتدار شخص هال ۾ آيو هو. اسانجو فرض هو ته ڪيس منچ تي ويهاريون. ساهتيڪارن ڪان پارٽي سياست موجب وهنوار

ندا. اَهڙي نوبت صرف وزير سان ڪيل منهنجي اڻ گهربل وهنوار
ي ڪري ايندي. هي ڇا ڪيو مون؟ اَندر ويٺل اَهنڪار حدون ٽوڙي
يئن حاوي ٿي ويو مونتي؟

آنڌ مانڌ ننڊ اُڏائي ڇڏي هئي هننجي. پنهنجي ڪيل بيوقوفي
نگڦٽي بڻجي کين حيران ڪري رهي هئي. چنتا ضربي رهي هئي.
ل پُتل حواسن کي اُيا ساهه کڻڻ لاءِ مجبور ڪري رهي هئي. کين
هنجي رچيل چڪر ويوه مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ فقط هڪ اُپاءُ نظر اچي
هيو هو، وزير کان معافي وٺڻ. جيڪڏهن معافي وٺندا ته اُميد آهي،
زير معاملي کي اڳتي نه وڌائيندو. مصيبتن کي نوتو ڏيڻ ۽ اٿوٽندڙ
التن جي جار ۾ ڦٿڪڻ کان بهتر ٿيندو آڻ مڃجي. جيڪڏهن
صبح جو وزير جي گهر وڃي، ايڪانت ۾ گڏجي، پنهنجي وهنوار لاءِ
هُو ڪانئس معافي ٿا گهرن ته شايد ڪا خرابي نه آهي. ساهتيه سنسٿان
جي نائب صدر ۽ هڪ ميمبر جي سامهون هنن وزير سان بي اَدبي
ڪئي هئي. معافي اَڪيلائپ ۾ گهرندا. ڪنهنکي پتو به نه پوندو ۽
سنڪٽ کان مڪتي ملي ويندي. جڏهن هُو مڃن ٿا ته غلط ڪيو آهي
ه پوءِ تسليم ڪري طوفان شانت ڪرڻ ۾ ئي سمجهداري آهي.

هن فيصلي تي پهچڻ ڪانپوءِ به ننڊ سندن اَکين کان ڪوهه
ري هئي. دل ۽ دماغ بي صبريءَ سان سڄ جي پهرئين ڪرڻي جو
نتظار ڪري رهيا هئا. هرروز نمودار ٿيڻ واري صبح کان جدا هڪ
هڙي پرپات جو اِنتظار، جڏهن وزير جي بنگلي تي وڃي هُو ڇئني
اسي گهري آيل ڪارڻ ڪڪرن کي ڇڙ وڇڙ ڪري سگهندا.

□□

سنسٿان جو صدر نہ ٿيو آهي تہ فقط اِنڪري ڇو تہ مون ۾ اِن عهدي جي لياقت آهي ۽ وزير ٿو چوي، تون اسانجي مهرٻانيءَ سان صدر آهين؟ اَهڙا عهدا مان پنهنجي جُتيءَ جي نوڪ تي رکندو آهيان.''

''تڏهن بہ، اهڙي نموني للڪارڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟''

''ڇا بگاڙيندو منهنجو؟ برخواست ٿي تہ ڪرائيندو. عدالت ڪان منع نامو وٺي ايندس. ڏسون ڪيئن ٿا برخواست ڪن مونکي؟'' سندن غصو برقرار هو.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي تيستائين ٿيئي سيڪريٽرئيٽ جي پارڪنگ تائين پهچي ويا هئا. هڪ ٻئي کي اَلوداع چئي، تناءُ ۾ واهڻ ڪٽي هوُ روانا ٿيا.

جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ويو، سندن غصو دٻ، چنتا ۾ اُلڪي ۾ تبديل ٿيندو ويو. بي آرامي ۽ بي چئني وڌندي ويئي. بڪ غائب ٿي ويئي. اَهڙي نموني ضابطو نہ وڃائڻ کپندو هو. جيڪڏهن تعليم وزير سان ڳالهائي برخواست ڪري ڇڏيائين تہ....؟ عدالت ۾ ويندس تہ وقت ۽ پئسو لڳندو ئي، اٽميو تناءُ بہ ٿوڙيندو. سرڪار وٽ پنهنجا وڪيل آهن. مقدما لڙڻ لاءِ با اِنتظام ڍانچو آهي. هننجو ڇا ويندو؟ فضيحت ٿيندي تہ شخصي سطح تي منهنجي ٿيندي. چڱو ڀلو سيني کي ساڏي سوڏي تيار ڪيو هو. جوش ۾ اچي وزير سان مريادا جي برخلاف وهنوار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ آئينده ڏيان رکڻ جو دلاسو ڏجيس ها تہ ڳالهہ آئي وئي ٿي وڃي ها. سياست وارن کي ڪنهنجي قابليت سان ڪهڙو مطلب آهي؟ جنهنکي ساهتيہ سنسٿان جي صدر جي ڪرسيءَ تي ويهاري ڇڏيندا، اُهو ئي قابل چوارائڻ لڳندو. مخالفت ڌُر جي سرڪار طرفان نامزد صدر ڪان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بحث مباحثي جي ضرورت ڪير ٿو محسوس ڪري؟ سرڪار ٻي ڌُر جي ٿهندي آهي تہ اِئين ئي ٿيندو آهي هميشهہ. هن دفعي بہ ٿي وڃي تہ تعجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ گهاٽي ۾ فقط مان رهندس. ناموُس، عهدو، عزت سڀ مٽيءَ ۾ ملي

اهي ٿيندو آهي ۽ گهمڻ-ڦرڻ جي وقت ۽ پئسي ٽڪي جي خيال
ن حد بندي ٿيندي آهي. ڪل ملائي ڳالهه ڏاڍي ڳوڙهي آهي.
ها، مامو هت آهي. مامي سان گڏجي، ڳالهيون ڪري ڪجهه
ت گذري ويندو آهي. ساڻس به فقط وقت گذارڻ واري ڳالهه ئي
ندي آهي، اِن کان وڌيڪ نه. هُو وڌيڪ پڙهيل لکيل آهي ڪونه.
زي روٽي پيدا ڪرڻ لاءِ گذريل ڪيترن سالن کان جفاڪشي ڪندو
يو آهي. پنجن ڌيئرن ۽ هڪ پٽ جو پيءُ آهي. پٽ سڀني کان وڏو
س ۽ اجا ڪل ٻارهن سالن جو اٿس. اِن تمنا ۾ ته جوڙو ٿي وڃي،
پنجن ڇوڪرين کي نينڊ ڏيئي وينو آهي. هاڻي سندن ۽ پنهنجو
ٽ پرڻ مسئلو بڻجي ويو اٿس. ننڍا-وڏا گهٽائي ڪم ڪري پنهنجو
سيب آزمايو اٿائين، پر دائمي وسيلو ناهي نه سگهيو آهي. اِن لمبي
ائيءَ جسم سان گڏوگڏ سندس ڪومل جزن کي به جيئن ته ٿڪائي
ڏيو آهي. تنهنڪري پندرهن-ويهن منٽن، اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڳالهه
لهه بيحد سطحي ۽ اُٻائو قسم جي ٿي ويندي آهي. ڪجهه به
جي، وقت ته گذارڻو ئي پوندو آهي. اِنڪري جڏهن ٻيو ڪر رستو
ڪل نظر نه ايندو اٿس ته هُو مامي وٽ هليو ويندو آهي.
ست سال اڳ بي-اي- ڪندي ئي مليل نؤڪريءَ جي مقرري
نيءَ ۾ هن شهر جو نالو پڙهي هو خود ۽ سندس گهر وارا بيحد
وش ٿيا هئا. مامو هت هو پست جي ڏوڏيءَ جو اڪيلو اختياريءَ
رو دڪاندار. سندس سرڪاري لائسينس سون جو بيضو ڏيڻ واريءَ
ڪڙ جيان ڏن ۽ عشرت جي ڪاڻ جو ڪم ڪندو هو مامي لاءِ. نشي
ا غرضمند پست جي ڏوڏيءَ لاءِ ماما جا چڪر ڪاٽيندا هئا. ماما
ڻ به پست جي ڏوڏيءَ جي نشي ۾ ٻڏل اڌ ڏينهن گهر ۾ ۽ اڌ
ينهن دڪان تي آرام سان گاديلي تي ليٽيو پيو هوندو هو. مامي-
ٽيجي جي هڪ ٻئي سان دل لڳندي هئي. هنن سان گڏ رهڻ،
هر وانگر ڪائڻ پيئڻ ۽ مزي سان بئنڪ جي نؤڪري ڪرڻ جو
درت موقعو ڏنو هو. هن نؤڪري شروع ڪري ڇڏي هئي.

نيلامي تابوت جي ڪليل دروازي جي

موڪل جو ڏينهن هن کان ڪاٽيو نہ ڪٽجندو آهي. آرسين جيان صبح جو ڏهين بجي اُٿڻ، ڪمرو صفا ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، سنان ڪري نيرن ڪرڻ. اِهي سڀ ڪم بيحد آهستي آهستي، آرام سان ڪرڻ ڪانپوءِ بہ اَڌ ڏينهن بچي پوندو آهي. اِهو اَڌ ڏينهن گرمين جي گرم ساهہ اُباٽڪي منجهند جيان ڪيس پوائٽو محسوس ٿيندو آهي.

موڪل ٽئي ئي نہ تہ ڪيترو سنو. ڪجهہ وقت آفيس جي تياريءَ ۾، ڪجهہ وقت آفيس ۾، ڪجهہ دير گپن-شپن ۾، ڪجهہ دير کائڻ-پيئڻ ۾، ڪجهہ دير گهمڻ-ڦرڻ ۾ ، ڏينهن ريشو-ريشو ڪري ترڪي وڃي. جڳن جا ڪک ڪندڙ ڏينهن، ڊسمبر جي ننڍڙن سڻهن ڏينهن ۾، تبديل ٿي وڃن. اِها تمنا پوري ٿي وڃي تہ مزو اچي وڃي!

پر سڀ ماڻهو هن جهڙا تہ آهن ڪونہ. گهر-گرهستيءَ جا ڪم، ننڍيون وڏيون ذميواريون، دوستن، مٽن-مائٽن سان ملاقات، سؤدي-سلف جي خريد، زال ۽ ٻارن جي وندر، ڪين گهمائڻ-ڦرائڻ يا سنيما ڏيکارڻ، اهڙا ۽ اهڙيءَ طرح جا ڪم پتائڻ لاءِ ماڻهو موڪل جي ڏينهن جو اِنتظار ڪندا رهندا آهن. جڏهن خود سرشتي رچڻ واري ڪي ڇهہ ڏينهن ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ستين ڏينهن موڪل جي ضرورت محسوس ٿي سگهي ٿي تہ ڌرتيءَ واسي اپواد ڪيئن ٿيندا؟ موڪل نہ ٿئي تہ دنيا جو سک سان جيئڻ حرام ٿي وڃي. هن جهڙن ڇڙن ۽ ڪنوارن جو ڇاهي؟ هن طرح يا هن طرح جي ئي وٺندا.

سڀ ڪان وڏي پريشانيءَ جي ڳالهہ اِها آهي تہ ڪيس ناٽڪ ڏسڻ ۽ گهمڻ-ڦرڻ ڪان سواءِ ڪوبہ شؤق ڪونهي. پر ننڍي شهر ۾ ناٽڪ ڇٽ

يو آهي. سندس سيڙايل رقم سان ماما ڪوئلن جي چوڙيءَ جون
ڪيون ناهڻ واري هڪ مشين لڳائي آهي. گڏوگڏ ماما گاسليٽ جو لائسينس
ورتو آهي. ماما ٻڌائي پيو ته اِهو لائسينس هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس جهجها
يه خرچ ڪرڻا پيا آهن. هيءُ خرچ پڻ ساڳئي سيٺ ڪيو آهي. ڪاروبار
ٺ جي نالي سان ئي ٿي رهيو آهي. سڄو پئسو سيٺ جو آهي، سڄي
حنت ماما جي آهي. نفعي نقصان ۾ برابر حصو اٿن. ٻئي آپسي
جهه جي آڌار تي ڪم ڪري رهيا آهن. لکا-پڙهي يا ايگريمينٽ ۽
ارنامي وغيره جو جهنجهٽ ٻنهي مان ڪنهن به نه ڪيو آهي.

هيءُ ڪم چالو ڪرڻ کانپوءِ ماما ۾ ڪافي ڦڙتي آئي آهي.
رين جيان ماما هاڻي دونهين جي ليک چڏيندڙ تازي وساميل ميڻبتي
لڳندو آهي. اُتساه سان ڀريل هوندو آهي. سکي آئيندي جون اٿاهه
ائون ۽ اُميدون صاف طور سان سندس اکين ۾ پڙهي سگهبيون آهن.

اِهوئي اُتساهه آهي يا چئجي اُميدن جو چراغ آهي جيڪو ماما
ي سندس جسماني ڪمزوريءَ جي باوجود سڄو ڏينهن پنهنجي ٻُوٽي
ن ٻاهر وڃي محنت ڪرڻ جي پريرڻا ڏيندو آهي. صبح جو سٽين
جي ماما پنهنجي ڏنڌوڙي زندگيءَ جي شروعات ڪندو آهي تغار
هڻ سان. فقط هڪ مزور ماما سان گڏ هوندو آهي. چيڪي مٽيءَ ۽
وئلي جي چوريءَ ۾ پاڻي ملائي، اُنجي لڳدي ناهڻ لاءِ، طول وهاڻي
ان ٽيڪ لڳائي سڄو ڏينهن گذارڻ وارو مامو ڪوڏر ڪٽي ڪم ڪندو
ظر ايندو آهي. ڪائيندڙ اُس ۽ ڏڪائيندڙ سرديءَ ۾ ماما کي تغار ۾
هسي پيرين اُگهاڙو ڪوڏر سان لڳدي ناهيندو ڏسي هڪ دفعو ته وشواس
ي نه ٿيندو آهي ته هيتري محنت ڪرڻ وارو هي ساڳيو ماڻهو آهي.

تغار تيار ڪرڻ کانپوءِ مشين چالو ٿيندي آهي. ماما پاڻ مشين
ي وهندو آهي. مزور ڪيس لڳديءَ جو ٿالهه ڏيندو رهندو آهي ۽ ماما
لڪيون ڪڍي مزور کي ٿالهه موٽائيندو رهندو آهي. ڪارخانو چئي
جڻ واري جڳهه جي ورانڊي ۽ ڪُڏ تي سڪڻ لاءِ نلڪيون وڇائڻ کانپوءِ
حڏهن ٻاهر پٽرين تي قطار نهڻ شروع ٿيندي آهي ته ڀنگيءَ کان

اڳتي هلي وڏي ۽ سولي ڪمائيءَ وارو لائسينس ماما جي هٿن مان نڪري ويو هو. لائسينس ڪليڪٽر جي سالي کي ڏيئي، هيرا ڦيريءَ جي اِلزام ۾ ماما تي ڪيس دائر ڪيو ويو هو. آرامپرستي ۽ مقدميبازي هڪ سال ۾ ئي سندس گهر خالي ڪري ويئي. گهايل پرندي جيان ماما بي چين رهڻ لڳو. گهر جي ضرورتن جي ڳالهه ڀڏي پهرين هوُ ڪن لاتار ڪندو هو ۽ هر هر سامهون اچڻ تي چڙڻ لڳندو هو. مامي تان ٻوجهه هلڪو ڪرڻ جي اِرادي سان هن پنهنجو بندوبست الڳ ڪيو هو. ڪمرو ساڳئي علائقي ۾ ماما جي گهر جي پاسي ۾ ورتو هئائين. روٽي هوٽل ۾ کائڻ لڳو هو.

هوئن الڳ بندوبست ڪرڻ کان پهرين هن پنهنجي خرچ جي عيوض رقم ڏيڻ جي تجويز رکي هئي. پر اِن تجويز سان بيحد چٽيل ماما جي ڏنڊ ۾ ڀڏل ڇهري جي خاموش چوٽ ڪيس جڻ ته گهنگار بڻائي ڇڏيو هو. تنهن کان پوءِ الڳ رهڻ کان سواءِ ڪيس ڪوبه رستو نظر نه آيو هو.

هنن پنجن ڇهن سالن ۾ ضرورتن ماما کان ڇا نه ڪرايو آهي؟ پنهنجن ٻارن کي رکي سکي روٽي ميسر ڪرائڻ لاءِ ماما هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. پست جي ڏوڏيءَ جي عادتي سرير ۾ جسماني پورهيو يا محنت ڪرڻ جي سمرٿي نه رهي آهي. پر معمولي پڙهائي ۽ پئسي جي ڪمي سندس اهڙيون ڪمزوريون ٿيي ويون جو بيمار رهندي به ڪيس ننڍيون-وڏيون نؤڪريون ڪرڻيون پيون. ڪم نه ڪري سگهڻ ڪري نؤڪريءَ مان نيڪال ٿيڻ تي ٻيو ڪو سهارو نه ڏسي ماما پٽريءَ تي ويهي ڪٽمنا ۽ بسڪوت به وڪيا آهن. شايد اِنڪري، پاڻيجي جي ويسيءَ جي تجويز ڀڏي ڪري زخمي ٿيڻ واري ماما جي مزاج جي نزاڪت تيزيءَ سان مرندي ٿي وڃي.

قريب هڪ سال ٿيو هوندو اِن ڳالهه کي، ماما کي رقم سيڙائڻ وارو هڪ آسامي ملي ويو آهي. آسامي ملي ويو آهي جي جڳهه تي شايد اِهو چوڻ وڌيڪ ٺيڪ رهندو ته ماما رقم لڳائڻ وارو هڪ آسامي ڳولهي

بو رهيو. تنهن ڪانپوءِ جڏهن ويڳاٽائيپ جو احساس بيحد وڌي ويس
هو اُٿيو. چمپل پائي ڪرتي پجامي ۾ ئي گهر کان ٻاهر نڪري آيو.
ر پنهنجو پاٽئي ماما جي ڪارخاني ڏانهن وڌي ويس. ماما سان ملئي
هفتا گذرڻ وارا هئا. تي سگهي ٿو ماما کي خراب لڳو هجي! هيترو
ب رهندي بہ پندرهن پندرهن ڏينهن ملاقات نہ ڪرڻ جائز ڪونهي،
سوچيندي هاڻي جڏهن قدم ماما ڏانهن وڌيس تہ ڪيس سنو لڳو.
هونئن پندرهن ڏينهن ماما سان نہ ملڻ جي ڪا خاص وجهہ ڪانہ
ي سواءِ اِنجي تہ هڪ روپيي مان پنجاهہ پئسن لاءِ پنهنجو پاڻ کي
يءَ طرح جهوڪيندڙ ماما جي حالت ڏسي ڪيس تڪليف ٿيندي
ي. سيٺ ڏهہ ٻارهان هزار روپيا صرف ڪري ماما تي احسان ڪيو،
نجي نالي ۾ مالڪاڻا حقن سان هڪ دوربينديشيءَ پريو سونهرو ڪم
وع ڪيو، ٻارهان روپيا روز جي حساب سان ساڍا ٿي چار سوَ روپيا مهنو
فو ڪمايو ۽ ماما پنهنجو پاڻ کي کپائي ڇڏيو ٻارهان روپيہ روزانو تي.
سيٺ ايتري رقم جيڪر وياج تي رکي ها تہ بہ ڪيس ڏيڍ سوَ
يہ مهنو ملن ها. هت سڀ ڪجهہ بي جوکو آهي، پنهنجي هٿ ۾
ي، منافو وڌڻ جون اُميدون آهن ۽ مٿي جو سوُر هڪ پئسو بہ
ونهي. سيٺ کي ٻيو ڇا گهرجي؟
ڪارخاني ۾ ماما چاهي چڱيءَ طرح ڳالهائي نہ سگهندو هجي، يا
هجي، چڱيءَ طرح ڳالهائڻ جيترو وقت نہ ڪڍي سگهندو هجي پر
بجي جي مرحبا ۾ ڪا ڪمي نہ ڇڏيندو آهي. پر چانهہ پيئندي پاٽيجي
ي دماغ ۾ صرف هڪ لفظ گونجندو رهندو آهي، ڌاڙو! ماما جي
نت تي لامارو ڏيڻ وارو ڌاڙو! پر ڇو تہ ماما اِن ڪمائيءَ کي بہ
نجي حاصلات مڃيندو هو، تنهن ڪري هوُ پنهنجي احساس کي زبان
نہ آڻيندو هو. هونئن ڏسجي تہ ماما غلط ڪٿي هو؟ پاٽيءَ جا ڍڪ پلي
ٽي چونہ هجن، مدت کان خشڪ گلي کي آلو تہ ڪندا ئي آهن.
هوُ ڪارخاني پهتو تہ ماما منجهند جي روٽي پيو کائي. روٽي
پيو کائي، قلڪا وات ۾ ٽنبي پيو. گرهہ گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾

وٽي سامهون واريءَ جڳهه جي منگتي جهڙي مسوازيءَ تائين ڏمڪيون ڏيڻ ايندا رهندا آهن. حليمائيءَ سان هٿ جوڙي روزيءَ جو واسطو ڏيئي ماما کين موٽائيندو آهي ۽ جڏهن چاهن، جيترو چاهن اوترو گاسليٽ بنا راشن ڪارڊ جي وٺي وڃڻ جي سهوليت سندن جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. ڏيئي-وٺي جڏهن سڪل نلڪيون ڪٽڻ جو وقت ايندو آهي ته پتو پوندو آهي ته ڪجهه شرارتي ٻارن پٽريءَ تي سڪندڙ نلڪين تي ناچ ڪيو آهي ۽ اِنڪري ٣٠ کان ٤٠ سيڪڙو نلڪيون وري چُوريءَ ۾ تبديل ٿي ويون آهن.

سڪل نلڪيون ٻورن ۾ وجهي ڪري ماما توريندو آهي. ويهن ويهن ڪلن جا ٻورا تيار ڪري، گاڏي تي رکي، پنهنجي ساڳئي اڪيلي مددگار مزور سان هوُ نڪري ويندو آهي گهٽين ۽ ڪالونين ۾ نلڪين جي وڪري لاءِ. اٺن-ڏهن ڪلوميٽرن جو چڪر هڻي موٽندي کيس نوَ وڄي ويندا آهن. اَڌ مئل جسم کڻي، ٿابڙجندو جڏهن هوُ واپس پهچندو آهي ته سڄي ڏينهن جو حساب ڪتاب سندس راهه تڪي رهيو هوندو آهي. ساڍي ڏهين يارهين بجي تڪ سان چوُر بدن ۽ بوجهه سان دٻيل دماغ رهجي ويندو آهي ماما وٽ گهلڻ لاءِ.

مزور کي اَٺ روپيه ڏيڻ کانپوءِ ماما وٽ اٽڪل ٽيهه روپيا بچندا آهن. مٿئين خرچ جا ڇهه روپيا ڪٽي باقي ٻارهان روپيه ماما جا ۽ ٻارهان روپيه سيٺ جا. ٻارهن روپين جي بدلي ماما ڏنو صبح جو ٧ بجي کان رات جو يارهين بجي تائين پگهر ۽ سيٺ ڏنو ناٺو جنهن سان ڪارخانو لڳو ۽ ماما کي پنهنجو پگهر فروخت ڪرڻ جو موقعو مليو.

ٻارهن روپين جي ڪمائي جيڪا ماما کي اڄ ٿي رهي آهي، سندس هڪ سال جي ساندهه محنت ۽ ڌيرج جي حاصلات آهي. ماما کي اُميد آهي ۽ ڀروسو به ته روپين جو انگ ٻارهن کان اڳتي وڌندو.

اُن ڏينهن پڻ موڪل هئي. ٻئي پهر جي تندڙا گهمائيندڙ اُس پر ڪولي زمين تي لهي آئي هئي، جيتوڻيڪ اڪيلائپ اُس جي سڪ کي هضم ڪرڻ نه پئي ڏئي، تڏهن به اٽڪل هڪ ڪلاڪ هوُ اُس ۾

ڇي محنت توهان ٿا ڪريو، ڊڪ-ڊوڙ، چنتا-فڪر توهان ٿا ڪريو. منافو ڪنهن ٻئي وٽ ٿو هليو وڃي. فقط انڪري ئي نه ڇو ته هن ناٽو آهي، توهان وٽ ڪونهي؟''

''نه پاٽيچا، رزق ڏيڻ واري سان ڪڏهن دغا نه ڪرڻ گهرجي. تون مجهين ٿو مان هاٽي بي ايماني ڪرڻ چاهيان ته نٽو ڪري سگهان؟ پر عزت پري اَڌ-اَڌ پائيواري آهي. ڌنڌي ۾ غلط ويچار آٽي مان سيٺ و ڪجهه نه بگاڙيندس. جيڪو بگاڙيندس، پنهنجو بگاڙيندس.''

''توهانجو ڇا بگڙندو؟ جيڪو توهان سان کُلي عام چالاڪي ٿو ڪري بگڙڻ ته اُنجو گهرجي.''

''ڌنڌو شروع ڪرڻ کان پهرين سيٺ سڀ شرطون منهنجي سامهون رکيون هيون ۽ مون مڃيون هيون. هن ته پاٽيچا، پروسو ڪري ڏاڍو وڏو احسان ڪيو آهي مون تي. سوچي ڏس، هن پنهنجي اٽي کي منهنجي پروسي تي ڇو ڇڏي ڏنو؟''

''ناٽو توهانجي پروسي تي ڪٿي ڇڏيو اٿائين، ماما؟ مشينون هن، توهان پٽي ڪري ته ڪٿي کانه ويندا. ڪوئلن جي چوُري آهي، وهان چورائي ته ڪٿي وڃي کانه سگهندا. توهان جو حساب-ڪتاب ۽ نيم سان ڏسندو آهي. ڪارخانو، مشينون، ڌنڌو، لائسينس، سڀ ڪجهه هنجي نالي سان آهي. توهان بي ايماني ڪري ئي نٿا سگهو. وهان ڪڏهن اهڙي گستاخي ڪئي به ته هو توهانکي ڪڍي ٻاهر ڪندو. توهان ڇا بگاڙي سگهندا هنجو؟''

''مان بي ايماني ڪندس تڏهن ته اِها نوٻت ايندي نه؟ پاٽيچا، وٽ چانهه پيءُ.''

مامي نقلي ٿهڪ ڏيئي باب بند ڪرڻ جو اِشارو ڏنو ۽ ڪم ۾ مشغول ٿيڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻ لڳو. چانهه پيئندي ماما جي فلسفي مان مين ميڪ ڪيڏندي ڪڪ ٿيندو رهيس.

هڪ هفتو گذري ويو. آرتوار، موڪل جو ڏينهن. ساڳيو ڪڪ ٿيڻ جو ڏکيو سلسلو. هو سامهون شطرنج وڇائي پنهنجو پاڻ سان راند

پيٽ جي حوالي ٿيندا پيا وڃن. نظرون ٻاهر سڪندڙ نلڪين تي هيس ۽ وات ۾ وڏل گرهه ڳيهندي ڳيهندي مزور کي ٻورا ګڏ ڪرڻ لاءِ چئي رهيو هو. هٿ، پير، ڪپڙا، منهن، وار سڀ ڪجهه ڪارو ۽ گند سان پريل هيس. پر کيس انهن ڳالهين جي پرواهه ڪانه آهي. هٿ جهڙا هئس تهڙائي گرهه سندس وات ۾ وڃي رهيا هئا. روٽيءَ سان گڏ ماحول ۾ رچيل ڪوئلن جي چُوريءَ جا جزا پڻ سندس پيٽ ۾ وڃي رهيا هئا. هن مامي کي پهرين به ڏٺو هئو، پر سندس سياءَ ۽ وهنوار تي حاوي ٿيل، ڪرپ جاڳائيندڙ هيءَ عجيب حالت ڏسي کيس بيحد تعجب ٿيو.

پاڻيجي کي ڏسي مامي ترت آجيان ڪئي، ”اچ پاڻيجا اچ. تو تہ صفا وساري ڇڏيو آهي.“

”نہ ماما، وقت نہ مليو تنهنڪري اچي نہ سگهيس. توهان بہ مونکي ياد نہ ڪيو آهي.“

”اسان تہ پاڻيجا، هن ڪورگ ڌنڌي ۾ اهڙا ڦاسي ويا آهيون جو سڄو ڏينهن روپئي کي سوا روپيو ڪرڻ جي چنتا ۾ گذري ٿو وڃي.“

مزور کي ماما چانهه لاءِ موڪلي ڇڏيو. روٽي کائي، جن ٻورن کي مزور ان وچ ۾ گڏ ڪيو هو انهن ۾ نلڪيون پريندي ماما چيو، ”سادا ٿي تيڻ وارا آهن. اجا هنن ٻورن کي تورڻو آهي. پوءِ ڦيريءَ لاءِ نڪرڻو آهي. وقت ائين هٿن مان نڪرندو ٿو وڃي جو ٻڪون-ٻوڙون پائي بہ ڪم پورو نٿو ڪري سگهجي.“

ڳالهه پوري ڪندي ماما جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي ويئي. نلڪيون ٻوري ۾ وجهڻ سان اُٿڻ واري مٽيءَ جو ڦقڙن تي دٻاءُ نہ سهي سگهڻ ڪري مامو ڪنگهڻ لڳو. ڪيئن تيرهان چوڏهان ڪلاڪ گذاريندو هوندو ماما هٿ، هو سوچڻ لڳو.

”پاڻيجا، ٻن-ٽن ماڻهن سان ڳالهيوں هلندڙ آهن. هڪ ٻوري تي پنجاهہ پئسا وٺي ڪري شهر ۾ مال ڪڍندا. جيڪڏهن طيءِ ٿي ٿو وڃي تہ هڪ سال ۾ چاهي لکپتي نہ ٿي سگهون پر هزارپتي ضرور ٿي ويندا سين.“

”پوءِ تہ ماما، توهان پنهنجو ڪم الڳ شروع ڪري ڇڏجو.

هندو آهي.‘‘
’’تنهنڪري هن توهان کي الڳ ڪري ڇڏيو؟ توهان سڄو سال
حنت ڪري هن ڏنڌي کي چالو ڪيو، ڄمايو، ساک ڪڍي، اُها؟
جي ڪا اهميت نہ آهي؟‘‘
مامو ڪجھہ پل خاموش رهيو. اڪين ۾ باھہ ٻري هو مامي
نهن ڏسندو رهيو. پوءِ مامي ئي خاموشي ٽوڙي، ’’تون ننڍو ضرور
ين پاڻيجا، پر ڏاڍو سمجھُو آهين. ياد اَٿيئي، اڳئين آرتوار تي
مونکي ڇا چيو هو؟ اڄ سوچيان ٿو، مان بي ايمان ڇونہ ٿي ويس؟‘‘
پنهنجائپ ڀريو هٿ هن مامي جي ڪلهي تي رکيو. ماما ٻريل
يون هن ڏانهن گھمايون. سندس اکين ۾ ٻوڏ ڪان پوءِ واري گندگي
انہ هئي. ماما جي اَصلوڪي فلسفي جهڙي پويترتا هئي. اندر ئي
در ان پويترتا سان متاثر ٿيندي هن سوچيو، ’’ماما، تون بي ايماني
ري بہ هن طرح جي ماڻهن جو ڪجھہ بگاڙي نہ سگھندين. هو ايترا
الاڪ آهن جو پڪي اُڏام ٻري سگھي، اِن کان پهرين پکيءَ جا پَرَ ڪٽي
ڏيندا آهن. هڪ سال تہ ڪم ڄمائڻ ۾ لڳي ويندو آهي. بي ايمانيءَ
ي گنجائش تہ تنهن کان پوءِ پئدا ٿيندي آهي. سنو ٿيو، تو بي
يماني نہ ڪئي. نہ تہ بي ايمان ڇوائي ڪري بہ ڪجھہ ڪري نہ سگھين
ا. هن سازش جو شڪار هر حال ۽ هر صورت ۾ توکي ٿيڻو ئي هو. سو
ون ٿي وئين. هڪ خانداني رت چوسيندڙ هڪ پشت بہ پشت رت
وسيل سان اهڙو ئي سلوڪ ڪندو آهي. تون ان کان ڪيئن پيو بچي
گھين؟ اِها روايت نہ، نيم آهي ماما، نيم. آڪاش جا ڪنارا ڌرتيءَ
ي جھڪي ڪري جيڪڏهن هڪ تابوت ناهي ڇڏن تہ ماما، اُن تابوت
ي فقط هڪ ڪليل دروازي جي ٻولي اهڙا ئي ماڻهو هٽي ويندا آهن. اسان
ڄهڙن جي حصي ۾ تہ اُن دروازي کي تڪڻ جو ڪم ايندو آهي، بس.‘‘
سندس هٿ مامي جي ڪلهي تي مضبوط ٿي ويو. تنهن کان
واءِ هو ڪري بہ ڇا پيو سگھي مامي لاءِ؟

□□

ڪندي ٻيهري ڪاڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جو ماما اچي ويو. هو ڇرڪي ويو. ماما هت ۽ هن وقت؟ ڪيترا ئي اِمڪان سندس نسن مان گذري ويا. خاموش اِمڪان، جن وٽ پير رکڻ لاءِ زمين نہ هئي، ريتيءَ جي گرم واچُوڙن وانگر گول-گول گهمندا مٿي کچڻ لڳا.

”اچو ماما ويهو.“ پاڻ کي روڪيندي-روڪيندي بہ هُو پڇي وٺو، ”اڄ، هن وقت فرصت ڪيئن ملي ويئي توهانکي؟“

هو مايوس، اُداس ۽ پريشان هوندي بہ مشڪي، خاموشيءَ سان ڪٽ تي ويهي رهيو.

”گهر ۾ سڀ ٺيڪ آهن؟“ هن فقط پڇڻ لاءِ پڇيو.

”ها، سڀ ٺيڪ آهن.“ ماما بي واسطيدار لحظي ۾ وراڻيو.

”توهانجي طبعيت ٺيڪ آهي نہ؟ ڏاڍا سست ٿا لڳو.“

”منهنجي طبعيت؟“ ماما جي اکين ۾ جارو لهي آيو، ”پاڻيجا، هن وقت تائين تہ سڀ ٺيڪ هو پر اڳتي ٺيڪ نہ هلندو.“

”اهڙيون نراسائي ڀريون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟“

ماما جواب نہ ڏنو. هر-هر ٿڪ ڳيهندي سندس ڳلي جو اُپريل مڻڪو هيٺ مٿي ٿيندو رهيو. مهانڊي تي آلاڻ ڇائنجي ويئي. اکين ۾ لهي آيل جارو ڏنڊ ۾ بدلجي ويو. ماما جي اِها حالت هنکان ڏٺي نہ ويئي. ڇا ٿيو آهي، اِهو اندازو هو لڳائي نہ پيو سگهي. ماما جي خاموشي برقرار هئي. ڪجهہ پڇڻ جي همٿ هنکي نہ پئي ٿئي. لڳيس پيو، سندس ڪنهن بہ سنجيدي سوال جي جواب ۾ ماما روئي ڏيندو.

پنهنجيءَ جڳهہ تان اُٿي هو ڪٽ تي ماما جي پاسي ۾ اچي وٺو، ”صاف صاف ٻڌايو ماما، ڇا ٿيو آهي؟“

ماما سڌو سندس اکين ۾ ڏٺو. پوءِ ٿڌو ساهہ کڻي اکيون جهڪائيندي چيائين، ”سيٺ مونکي ڪاروبار مان الڳ ڪري ڇڏيو آهي.“

اوچتو کيس غصو اچي ويو، ”ڇو؟“

”ڇو تہ وڪڻ لاءِ ٻن ٽن ماڻهن سان ڳالهہ پڪي ٿي ويئي هئي ۽ نلڪيون ٺاهڻ جو ڪم ڪوبہ مستري ٽي سوَ روپيہ مهنو وٺي ڪري

ڪوڇ سبب نہ. منهنجو چهرو، منهنجا طور طريقا، چال ڍال، پوشاڪ،
ڻ ويهڻ ۽ جسماني ٻولي واڪا ڪري منهنجي سمجهہ جي معيار
ضع ڪندا آهن. غصو ڪرڻ، پريشان ٿيڻ، نراس ٿيڻ، هار مڃڻ ۽
ل لاهڻ منهنجي سڀاءَ ۾ ڪونهي. ماءُ پيءُ جي ڀرپور عزت ڪندو
يان. عام طور سان دٻاءَ ۾ اچي اهڙو ڪو ڪم نہ ڪندو آهيان
ڪو مونکي ٺيڪ نہ لڳندو هجي. بنا وڏيڪ ڳالهائڻ، بنا گوڙ گمبوڙ
ئي پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ موجب خاموشيءَ سان ڪم ڪندو رهندو
يان. جيڪڏهن ماءُ پيءُ ڪجهہ چوندا يا چاهيندا آهن تہ پسند
جي، چاهي نہ هجي، ٺيڪ لڳي، چاهي نہ لڳي، بنا اعتراض ڪئي
و ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ذري گهٽ اَنڌوشواس جي
د تائين، ڀروسو آهي تہ هوُ جيڪو بہ چوندا، ڪندا، اُن ۾ منهنجي
ئي هوندي. اڄ تائين منهنجي ان ڀروسي کي ڇيهو نہ لڳو آهي.
ٽس شادي ڪرڻ جو فيصلو هنن حڪم جيان نازل نہ ڪيو هو مون
. ڏسي وائسي، سوچي سمجهي، يارن دوستن، مٽن مائٽن کان
لاح وٺي چڱيءَ طرح ڇنڊڇاڻ ڪري، منهنجي سموري منظوريءَ
ن پوءِ ڪيو هئائون هيءُ فيصلو.

ڪٿهڙي ۾ ڇو بيٺو آهي هاڻي اُهو فيصلو؟

ننڍپڻ کان پنهنجي عقل تي عقيدو رهيو آهي. زندگي جيئڻ
ي ڪلا جو هڪ منتر آهي، وڏ ننڍائيءَ جو عمر سان واسطو ڪونهي.
ئڻ، کيڏڻ ۽ شرارتون ڪرڻ جي عمر ۾ ايڪس-ري وانگر وڏن جي
ن جي ڳالهہ پروڙڻ شايد اُن بالغ اوسر سبب ئي ممڪن ٿيندو رهيو
ي. ماءُ پيءُ کي ڇڏي، بزرگن ۽ وڏن جي نامنظوريءَ کانپوءِ بہ
يڪو ٺيڪ لڳو آهي فقط اُهو ڪرڻ جو ضد شايد ذهني سيٽپ جو
يجو رهيو آهي. ننڍو هئس تڏهن بہ، هاڻي جوان مڙس آهيان
ڏهن بہ، ضد جو ڏيکاءُ نہ ڪري اندران هوڏ ڪندو آهيان. حيل -
جت، واد- وواد، جهيڙو - فساد، رڙيون-واڪا، رسڻ-منائڻ، گوڙ-
مبوڙ، ڀاڄ-نيند کان پري رهندي پنهنجي حق ۾ ڪا مضبوط چا

غلط

غلط ڪٿي ٿيو؟

ماءُ پيءُ پڙهيل ڳڙهيل، سمجهو ۽ سياڻا آهن. ماءُ شانتي پسند ۽ ممتامئي آهي. گهر کي سمرپڻ ۽ قابليت سان سنڀاليندي آهي. مٽ مائٽ ۽ پاڙي وارا سندس تعريفون ڪري ٿڪجندا ڪونهن. پيءُ اوچ عهدي تي آهي. آدرشوادي آهي. ويچار سلجهيل اٿس. پير هميشھ چادر جي انوسار ڊگها ڪندو آهي. چارواڪ جي چوٽي 'رڻم ڪرتوا گهرتم پيويت' ۾ عقيدو بلڪل ڪونهيس. بنگلو، ڪار، دنيوي سهوليتون سڀ آهن. پر اِنهن مان ڪجھ بہ قرض کڻي ورتل ڪونهي. ڪمائيءَ مان خريد ڪيل آهي. صاف دلي ۽ صاف گوئي سڀاءَ جو حصو اٿس. ڪا ڳالھ نہ وڻيس تہ دل ۾ نہ رکندو. ڦهڪائي ڏيندو. اهڙن موقعن تي ڪڏهن ڪؤڙو بہ ٿي ويندو آهي. پر ڳنڍيون نہ پاليندو آهي. ڏنو، ورتو ۽ ڳالھ ختم. سادو ۽ سرل آهي. منڍ کان ئي ماءُ پيءُ هر جائز مرضي اڳهائي آهي. پنهنجي ماءُ پيءُ سان پيٽ ڪري منهنجا دوست هميشھ رشڪ ڪندا رهيا آهن. سوچي سمجهي قدم کڻڻ جي سکيا ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي مونکي سٺن سنسڪارن سان ڀريو آهي هنن. شايد تنهنڪري ئي هن مورچي کي چڏي هر ڪم ۾ ڪاميابي ملي آهي اچ تائين. ڪاميابي بہ اهڙي جيڪا پوريءَ طرح پنهنجي ڪمائيءَ جي احساس سان ڀريل آهي.

چو ٿيو آهيان مان هن مورچي تي ناڪامياب؟

پڙهيل لکيل آهيان. نامور واپاري آهيان. عام ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ گهڻو سٺو ٿو ڪمايان. گهٽ ڳالهائيندو آهيان پر آتم وشواس يا

وي، جسماني، سماجڪ، ذهني ڪنهن بہ سطح تي مونکي تڪليف
ملي، اهڙو پڪتو اِنتظام ڪرڻ وقت هنن پنهنجي نفعي نقصان
اهميت نہ ڏني آهي. منهنجي گرهستي لوڏي ۾ اچي، زال سان
هنجو تال ميل نہ ٻيهي، اهڙو ڪجهہ بہ جيڪڏهن هوُ سوچيندا يا
هيندا هجن ها تہ سندن هلت، وهنوار يا زبان چغلي نہ هڻي ها؟
ڏي ٿئي نون سال ٿي ويا آهن. ذهني سياٽپ هميشهہ گڏ رهيا
يون. ڪجهہ تہ لڳي ها جنهن سان سندن بدنيتيءَ جي بصر جي
س اچي ها. ٻہ ٻار آهن. ٻارن لاءِ جيڪو پيار هنن ۾ نظر ايندو
ي، ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهڻ جي جيڪا ڪوشش هننجي طرفان
ندي آهي، اندي موهہ ۾ ڦاٿي بنا پنهنجائپ جي چاشنيءَ ۾
ڙي جيڪا وهنوارڪ اخلاقي سکيا هوُ ٻارن کي ڏيندا رهيا آهن،
ڏريل نون سالن کان اُن کي مان پاڻ ڏسندو، محسوس ڪندو رهيو
يان. زندگيءَ جي ڊڪ ڊوڙ جيڪو ڪم ڪرڻ جي سهوليت مونکي
ڏيندي آهي ۽ زال ڄاڻي ٻجهي جيڪو ڪم نہ ڪندي آهي، اُنکي
هنجا ماءُ پيءُ فرض سمجهي ٿا ڪن، اِها ڳالهہ لڪڻ جي آهي ڇا؟

ٿي سگهي ٿو زال وانگر ڪو ٻيو بہ منهنجي سوچ کي ماءُ پيءُ
۽ انڌيڳتيءَ جو لقب ڏئي. پر اِنصاف، جائز ۽ وويڪ جي قبوليت
ان سمجهوتو نہ ڪرڻ جي فطرت کي انڌيڳتي ڪيئن مڃان مان؟
ڪيئن مڃان تہ مان پاڻ جيڪو ڏسي ۽ محسوس ڪري رهيو آهيان،
هو غلط ۽ ٻيا جيڪا اُپٽار ڪري رهيا آهن، اُهو صحيح آهي؟ وري
ڻين بہ ڪونهي تہ هرڪو مونکي يا منهنجي سوچ کي غلط چوندو يا
ڇيندو هجي. جيڪي گهرائيءَ ۾ ٿا وڃن، حقيقت کي سمجهڻ
جي ڪوشش ٿا ڪن، اُنهن مان ڪوبہ مونکي غلط نٿو مڃي. پر
جيڪي سچاين کان واقف ڪونهن يا رنگين عينڪ پائي حالتن تي
ظر ٿا وجهن، اُنهن جي خيال موجب ماءُ پيءُ لاءِ منهنجو نظريو انڌ
ڳتيءَ جي قطار ۾ تو اچي.

زال نہ ڄاڻ جو، اُن دؤر کي ياد ڪرڻ نٿي چاهي جڏهن

سادي دليل بہ ڏني بنا پنهنجي ضد جي مقابلي ڪنهنڪي بيهارڻ جي ڪوشش مون ڪڏهن نہ ڪئي آهي. ڪرم منهنجي زبان رهيو آهي. پاڻ سان ڳالهائيندي فيصلو ڪندو آهيان. منهنجو ورتل فيصلو صحيح آهي، اِن وشواس سان پورو پريل هوندو آهيان. ٿي سگهي ٿو. اِنجو سبب پڻ ذهني سياٽپ هجي. ذهني سياٽپ جي احساس نہ ڪڏهن چليو آهي ۽ نہ شرمسار ڪيو آهي. ترت نہ تہ اڳتي هلي، هر قدم صحيح ڏس ۾ کنيل قدم ثابت ٿيو آهي.

نون سالن کانپوءِ بہ غلط لڳندڙ هيءُ قدم ڇا ڪڏهن صحيح ثابت ٿيندو؟

جيڪڏهن ماءُ پيءُ جي ڳالهہ کي مان جيئن جو تيئن انگيڪار ڪندو رهيو آهيان تہ ڪجهہ خاص نہ ڪري رهيو آهيان. ماءُ پيءُ بہ منهنجي هرهڪ چيل اڻ چيل مرضيءَ کي عزت ڏني آهي. فيصلو ڪرڻ وقت هنن ويجهي کان ويجهي مائٽ جي پڻ پرواهہ نہ ڪئي. ٽڪرائٽو پين تہ ٽڪرايا. درگذر ڪرڻو پين تہ درگذر ڪيائون. شُبهن جي ڪوهيڙي، فيصلن جي ڌوئين ۽ ٻڌتر جي ڌُندَ ۾ ڪين فقط منهنجي پسند ۽ ناپسند نظر آئي. ڪيترا دفع غلط فائدو کڻڻ جو اِمڪان هوندي بہ هنن مونکي ترجيح ڏني. اٽوٽ ڀروسي جي بنياد تي بيٺل منهنجي شرڌا سندن مرضيءَ ۽ حڪم جا فاصلا ختم ڪري ڇڏيا. فرض ادائگيءَ جو جذبو جڏهن شرڌا سان ملندو آهي تہ سوال ۽ شڪ هوا ۾ اُڏامي ويندا آهن. جنهن عمر ۾ ماءُ پيءُ جو دٻ دڙڪو عام ڳالهہ مڃي ويندي آهي، روڪ ٽوڪ ضروري سمجهي ويندي آهي، جهل منع روزمره جي زندگيءَ جو حصو هوندي آهي، منهنجي سمجهہ تي ڀروسو ڪري جيڪڏهن هنن من موافق رستي تي هلڻ جي ڇوٽ ڏني تہ مان سندن نافرماني ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟

شامل راءِ نہ هوندي بہ ڪڏهن محسوس نہ ٿيو آهي تہ ماءُ پيءُ جي مرضيءَ آنسار ڪم ڪري منهنجو ڪو نقصان ٿي سگهي ٿو.

كنهن به وقت نمودار ٿي ويندي آهي. ڏنڌي ۾ ڇا ٿيو، ڇو ٿيو،
كيئن ٿيو، چاهيندي آهي ته هر ڳالهه فقط ٻڌائي نه وڃي، ممكن
هجي ته ساڻس صلاح ڪري پوءِ ڪئي وڃي. ڪاروبار لاءِ ڪا مشين
گهرائڻي هجي، اوزار گهرائڻا هجن يا آفيس ۾ ڪي وڏيون تبديليون
ڪرڻيون هجن، سندس مشورو ضروري آهي. اِهو ڪم ڪرڻ ۾ ڪا
خرابي ڪانهي. زال کان لڪائڻ جي اِرادي سان اِنهن مدعن تي
خاموش رهندو هجان، اِئين به ڪونهي. بس، سياءَ ۾ نه آهي. ماءُ
پيءُ لاءِ من ۾ ڀرپور عزت آهي، تنهن هوندي به ڪڏهن هنن سان
ٻهي اوپاريون لهواريون ڳالهيون يا ڪاروبار جو ذڪر نه ڪندو آهيان،
هو ته اِها ڳالهه سياءَ ۾ ڪونهي.

ٿي سگهي ٿو، هوُ منهنجي سياءَ يا ڇوان، منهنجي ڪمزوريءَ
ٿي سمجهندا هجن ۽ تنهنڪري منهنجي گفتگو نه ڪرڻ جي عادت
ٿي ڌيان نه ڏيندا هجن. ٿي سگهي ٿو، مون تي ڀروسو ۽ مونکي ڇوٽ
ڏيڻ جي منورتي اِنجو سبب هجي. ٿي سگهي ٿو، ڪين لڳندو هجي
ته جيڪا ايراضي هننجي ڪانهي، اُنجي باري ۾ نه ڳالهائي مان غير
ضروري پريشانين کان پري ٿو رکان. شايد سڀ کان وڏيڪ اَهم آهي،
انسان جو حالتن سان تالميل ويهارڻ جو سياءُ. مدعو ڪوئي به هجي،
دليلون ها ۽ نه ٻنهي پاسي ڏيئي سگهجن ٿيون. اِسڪول ڪاليج ۾
ٿيندڙ واد وواد جي ڇٽاپيٽين کان پارليامينٽ ۾ ٿيندڙ بحث مباحثن
تائين اِن ڳالهه جا ثبوت ملي ويندا. سبب سمجهي نه سگهيو آهيان
پر نوَن سالن جو عرصو گذري وڃڻ کان پوءِ به زال نه منهنجي فطرت
۽ سياءَ کي سمجهي وهنوار ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ نه تالميل ويهارڻ جي
ڪوشش ٿي ڪري. مٿانئس ڪو ظلم نٿو ٿئي. ڪا زيادتي ڪري
اميد نٿي ڪئي وڃي ته خاموشيءَ سان برداشت ڪري. نهن نه، ڏيءُ
سمجهي وهنوار ٿو ڪيو وڃي. ڇا سختيءَ سان پيش نه اچڻ سبب ٿي
هيءَ نوبت آئي آهي؟ ڇا هوءَ ايترو به نٿي سمجهي ته ڀلي بري ۾
ڪهڙو تفاوت آهي؟

منهنجين ڪاروباري مشغولين سبب سنيما، ناٽڪ يا گهمڻ ڦرڻ ۽ سير سپاٽي لاءِ ماءُ پيءُ کيس پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا. طبعيت خراب هئڻ جي صورت ۾ گهر گهرايل ڊاڪٽرڪان سُوُر جي ڊپ کان سئي لڳارائڻ کان اِنڪار ڪرڻ تي زبردستي پڪڙي قابوُ ڪري اِئين اِنجيڪشن لڳارائيندا هئا ڇڻ هوءَ سندن نهن نه، ڌيءَ هجي. ڪپڙو، لٽو، شئہ، شڪل هميشه سندس پسند موجب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. گهر ۾ ڀاڄي وغيره سندس سواد کي ڌيان ۾ رکي ٺهندي هئي. ضرورت نه هوندي به هر مهني کيس اٺ سوَ روپيه جيب خرچ جي نالي ۾ ڏيندا هئا. پيڪن مان ڇا آيس، ڇا مليس، اِن ڏي ڪڏهن ڌيان نه ڏيندا هئا. جٺئي شاديءَ جي خوشي يا ٻئي ڪنهن موقعي تي پيڪن ۾ ڪنهن کي ڪيتري رقم جي سوکڙي ڏنائين، ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نه ڪندا هئا، ننڍي وڏي هرهڪ فيصلي ۾ شامل ئي نه ڪندا هئا، کيس ترجيح ڏيندا هئا. نئين جڳهه جوڙائڻي هجي يا ٺهيل جڳهه ۾ تبديليون ڪرائڻيون هجن، سڀ ڪجهه کانئس صلاح وٺي ڪندا هئا. گهر اچڻ واري هرهڪ اَهم شخص سان تعريف ڪندي سندس واقفيت ڪرائيندا هئا.

زال سان ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي اڻبڻت، کٽپٽ، ڦڪت ۽ ناسازي هميشه رهي آهي. پل ۾ تولو، پل ۾ ماسو جي طرز تي سندس من اِستٿي، مزاج ۽ وهنوار متجڻ ۾ ويرم نه ٿيندي آهي. ڪيترا دفعا ڊپ لڳندو آهي ته هن پل جيڪا چمڪ سندس چهري تي ۽ چهڪ سندس واٽيءَ ۾ آهي، ايندڙ پل ۾ اُگرو روپ نه اختيار ڪري ڇڏي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇا جو ڇا ڳالهائيندي رهندي آهي ۽ مان خاموشيءَ سان سندس وقلڻ ڏسندو، ٻڌندو رهندو آهيان. ناراضپي جو سبب هوندا آهن، اُهي مدعا جيڪي يا ته منهنجي سڀاءَ ۾ آهن يا جنڪي روزمره جي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ تي مونکي مجبور ٿيڻو پيو آهي.

منهنجي خاموشي کيس سخت ناپسند آهي. هڪ هڪ پل جو حال ساڻس اوريان، اِها چاهنا غصو بڻجي سندس زبان ۽ وهنوار ۾

ڻ کي نہ پيئي بدلي. سندس ضد منهنجي آهم کي جاڳائيندو هو. گهٽ
لهائڻ، ويچارن جي ڏي وٺ گهٽ ڪرڻ، ڪلي نہ ڳالهائڻ جي سياءَ کي
نڻ جي ڪڏهن ٿوڙي گهٽي ڪوشش ڪندو بہ هئس تہ سندس اسنتوش
ي ساڳي حالت ڏسي واپس پراڻي ڪل ۾ موٽي ايندو هئس.

ممي پاپا ڪان سندس اسنتوش لڪل ڪونہ هو. ڪيس سمجهائڻ،
انت ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش هو ڪندا هئا. ڪين لڳندو هو تہ
ڇ نہ سياڻي هوءَ حالتن موجب، سياءَ کي سمجهي تالميل ويهاريندي، پر
ندرڻ جي جڳهہ تي حالتون وڌيڪ بگڙجڻ لڳيون. الڳ ٿلڳ رهڻ، اڇڻ
چڻ وارن سان نہ ڳالهائڻ، روٽيءَ ۾ تعداد ۽ مرچ مصالحن جي ميزان
ہ ويهارڻ سان گڏ، ڪوپ پيون سان سندس پريت لڳاتار وڌي رهي هئي.
سمجهائڻ يا چوڻ سان هوءَ ويتر وڌيڪ اُگري تي ويندي هئي.

حالتن کي بگڙندو ڏسي هڪ رات ممي پاپا پاسي ۾ اڪيلو
ويهاري مون سان ڳالهايو. هنن جو چوڻ هو تہ زال جي مرضيءَ موجب
مان پاڻ ۾ ممڪن تبديليون آڻيان. هفتي ۾ هڪ ڏينهن ڪيس گڏ
وٽي سنيما، پڪنڪ، هوٽل، يار دوست، مٽ مائٽ ڪٿي نہ ڪٿي
وچان. ڪيس خوش رکان. گهر جي لڪشمي دکي رهي، اِسنتشٽ ۽
پريشان رهي، اِها ڳالهہ نيڪ ڪانهي. جيڪڏهن هوءَ حالتن سان تالميل
نٽي ويهاري سگهي تہ مان بدليان پنهنجو پاڻ کي. عادت موجب
سندن ڳالهيون خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيس. زال کي جيترو سمجهي
سگهيو هئس، اُنجي آڌار تي آخر ۾ مون کين چيو، ”هوءَ سياءَ سان
ئي ضدي ۽ هڪ هٺي آهي. توهانجي ڏيکاريل رستي تي هلندس تہ
حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون.“

”تالميل ڪري زال ۽ ماءُ پيءُ جي وچ ۾ ميزان ويهارڻ جي
ڪوشش ڪر، پٽ. سڀ ڪجهہ هوندي بہ نهن خوش ڪانهي تہ رستو
اسانکي ئي ڳولهڻو پوندو.“

مون پنهنجي ڳالهہ کي خلاصو نہ ڪيو. پر مان پنهنجيءَ زال

نہ، هوءَ ناسمجهہ ڪانهي. پتو اَٿس تہ ڪنهن سان ڪهڙو وهنوار ڪرڻ گهرجي. ٽيليفون تي، جلسن ۾، شادين جي موقعي تي ڪيئن پيش اچڻ کپي، کيس پتو آهي. اسانجي شاديءَ کان ترت پوءِ ممي پاپا جي شاديءَ جي سلور جبلي هئي. جلسي ۾ مون سان گڏ جهڙي نموني انگرڪشڪ وانگر چؤڪس پاڇو بڻجي مستعديءَ سان هوءَ سندن پنيان بيني هئي، اُنکي ڏسي فخر سان منهنجو ٻات اونچو ٿي ويو هو. پاپا جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو هو، کين اِسپتال کڻائي ويا هئاسين تہ جهڙي نموني سڏڪا پري هن رُنو هو، اُهو سندس پنهنجائپ ۽ من جي سهنشيلتا جو ثبوت هو. پڙدو لڳائڻ يا در ٻيڪڙڻ بنا هوءَ پنهنجي يا ممي پاپا جي ڪمري ۾ ابوجهائيءَ سان سمهي پوندي هئي، اُهو سندس من ۾ پئدا ٿيل سڪون پري وشواس جو ثبوت هو. پڙهيل لکيل آهي. تنهنڪان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪنهن پني تي صحيح ڪرڻ لاءِ کيس چيو ويو تہ ڪڏهن پڙهندي ڪانہ هئي عبارت ڪي.

دڪاندار آهيان وقت گهٽ ملندو آهي. خاموش رهڻ جي عادت آهي. هميشهہ گنڀير رهندو آهيان. کيس مؤج مستي پسند آهي. سياءَ ۾ اَسترتا اَٿس. پل ۾ تولو، پل ۾ ماسو بڻجي ويندي آهي. ڪل ڪل جي ساز تي وهندڙ نديءَ ۾ ڪيڏي مهل طوفان اچي ويندو، چوڻ ممڪن ڪونهي. ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي اَٽبڻ ۽ ڪٽپٽ روز جي ڳالهہ آهي. سمجهي ويو آهيان تہ اِهي نقطا منهنجيءَ زال جي شخصيت جو حصو آهن. تنهن هوندي بہ اَتي ٿي ويندي هئي تہ سندس حرڪتون برداشت نہ ڪري سگهڻ سبب ڪائڻ پيئڻ ڇڏي مان ساٿس ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيندو هئس. مونکي شانت ۽ ٺڏو ڪرڻ جي جڳهہ تي سندس غصو پاڻ وڌي ويندو هئو. ٻن ڇئن ڏينهن کانپوءِ جڏهن ممي پاپا کي ٻيٽ پوندي هئي تہ دڙڪا مونکي ئي ڏيندا هئا. ويهاري ناهہ ڪرائيندا هئا. ڪجهہ ڏينهن نيڪ هلڻ کانپوءِ حالت وري ساڳي ٿي ويندي هئي. سندس ناراضپو منهنجي سياءَ ۽ حالتن سبب هو. سياءَ ۽ حالتن کي مٽڻ منهنجي لاءِ ممڪن نہ هو ۽ حالتن جي انسار هوءَ

ڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ، سڀ ڪجهه ٿيو. ممي پاپا جي ڪجهه ڏينهن اڳ مليل صلاح موجب مون پاڻ کي بدلڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏي. نتيجي طور آهستي آهستي منهنجي لاءِ شڪايتون گهٽ ٿيڻ ڻيون پر جيڪو دٻ هو، سامهون اچڻ لڳو. هاڻي منهنجي ممي پاپا ن شڪايتون رهڻ لڳيون هنڪي.

ٿي سگهي ٿو منهنجيءَ زال آپگهات جو ڏيکاءُ ڏيان چڪائڻ لاءِ يو هجي پر پڪتي نموني چوڻ ممڪن نہ هو تہ هنجو اِرادو ڪهڙو و. اهڙو ڪو قدم وري نہ کڻي وجهي، اِهو دٻ هميشهہ اسانجن اغن تي سوار رهڻ لڳو. اڻوڻندڙ ڳالهہ ڪرڻ کانپوءِ بہ ممي پاپا بس ڪجهہ چوڻ کان ڪيٻائڻ لڳا هئا. جڏهن مرضي پوندس، اَعلان ندي، ”ممي مان ٻاهر ٿي وڃان.“ ڪيڏانهن ٿي وڃان، ڇو ٿي جان، ڪڏهن موٽنديس، نہ پاڻ ٻڌائيندي ۽ نہ ڪوئي ڪانئس پڇندو. ت جو روٽي تيار ڪري، پاڙي ۾ رهڻ واري ڪٽنب جي نؤجوان ت سان پير ڊگها ڪرڻ نڪري ويندي. روٽي ڪنهن ڪاڏي، ڪنهنکي يئن لڳي، مرچ مصالحہ گهٽ وڌ تہ ڪونہ هئا، اِهي چنتائون مميءَ ان ڦٽي ڪري ڇڏيائين. اوڙي پاڙي وارا کين سري عام گهمندو سندا هئا. طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا هئا. اُنهن مان ڪجهہ ممي پا جي ڪنن تائين بہ پهچنديون هيون. ڪيس گهر ۾ ڪوئي ڪجهہ چوندو هو، اِن دٻ کان تہ وري آپگهات جهڙي ڪا واردات نہ ڪري هي. مميءَ جي صبر جو پيالو تڏهن ڇلڪيو جڏهن هڪ مائيءَ کي وندو ٻڌائين، ”هيءَ ٻُڙي تي سڄي پاڙي کي خراب ڪندي.“

سڄي ڳالهہ مميءَ مونکي ٻڌائي. رات جو پيار سان پڇومانس چوڻ لڳي ”من جي ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ ڪو دوست ڪونهي. توهانکي ت ملي نٿو. اِن نموني دل هلڪي ڪري وٺندي آهيان.“ دليلون ليون. دنياداري سمجهائي. آخر واعدو ڪيائين تہ آئيندهہ نوجوان ان گڏ نہ گهمندي. مان سڄاڳ هئس پندرهن ويهن ڏينهن کانپوءِ لسلو وري شروع ٿي ويو. مون ٽوڪيومانس تہ نهہ پهہ جواب ڏنائين،

جي فطرت سمجهي پيو سگهان. هر شخص ۾ ٻار جي آلڙتا- چلولائي، جوان جو جوش- اُتساهہ ۽ بزرگ جو تجربو- سمجهہ هڪ خاص مقدار ۾ هوندو آهي. منهنجيءَ زال ۾ ٻار جو عناصر وڌيڪ آهي. ٻاراڻو ضد ۽ تجربي جي ڪميءَ وارو جزو سرس آهي هن ۾. جوان ۽ بزرگ عناصر جڏهن حاوي رهندا اٿس تہ بيحد اثردار وهنوار ڪندي آهي پر گهڻي ڀاڱي ٻار جو عناصر سوار رهندو آهي هنجي مٿان. زالن لاءِ مناسب ڀاوناڻ سان جڏهن ٻار جو عناصر گڏجندو آهي تہ حاصل ٿيل هر شيءِ کيس بي سُود محسوس ٿيندي آهي. سندس اَندر وينل چنچل ٻار جو عناصر هڪ رانديڪي کي ڇڏي ٻيو رانديڪو هٿ ڪرڻ جي چاهہ سان پرجي ويندو آهي. نہ ملندو اَٿس تہ انگل ڪندو آهي، ناراض ٿيندو آهي، ضد ڪندو آهي ۽ پنهنجي نڪ سان جوڙي ڇڏيندو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن نموني مان پاڻ کي مٿيان بہ ٿو تہ سندس اُڃ ختم نہ ٿيندي. اُها دهلائيندڙ روپ ڌارڻ ڪندي. مليل، کيس نا ڪجهہ پاسڻ لڳندو. ٿي سگهي ٿو، سندس نشانو مٽجي وڃي. مان نہ هجان سندس نشاني تي. پر جيڪو بہ هوندو، اُهو وڌيڪ تڪليف ڏيڻ وارو ثابت ٿيندو. ممي پاپا کي وري ويچار ڪرڻ لاءِ چئي، مون في اِلحال مدعي کي ٿارڻ چاهيو هو. اسان وري ويهون، ويچار ڪريون، فيصلا ونون، تنهنڪان اڳ ۾ ئي هن اهڙي واردات ڪئي جو قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو.

هڪ رات دروازو بند ڪري هن پنهنجي ڪرائيءَ جو نسون بليڊ سان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي. چو تہ نس تي معمولي چير آيو هو، ٿورو گهڻو خون نڪتو هو. تنهنڪري گهر ۾ ئي اِسپرٽ سان صفا ڪري ٻئنڊ ائڊ لڳائڻ سان ڪم هلي ويو. پر واردات در گذر ڪرڻ جهڙي ڪانہ هئي. آپگهات ڪرڻ جي اِرادي سان نسون ڪٽيون هيائين، تڏهن بہ ۽ ڌيان ڇڪڻ لاءِ اِهو ڪم ڪيو هيائين تڏهن بہ ضروري ٿي ويو هو تہ سندس اسنتوش کي دور ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪجي. چوڻ، سمجهائڻ، سندس ماءُ پيءُ کي گهرائي آئيندهہ اهڙو قدم نہ

چامڙا

هري سندس دل وندي ٿو چوي، ”دوست، تنهنجي مخالفت اِن
الهہ جو ثبوت آهي تہ تون ڪم ڪرين ٿو ۽ اثردار نموني ڪرين ٿو.“

”پر پريان بيٺل ناواسطيدار يا گهٽ واسطيدار شخص جي نظر
ر تہ مخالفت جي آذار تي ڇبي خراب ٿئي ٿي!“

”چوٽي ٻڌي اٿيئي نہ، لوڪ معنيٰ ٻوڪ. عمل جو ردعمل تہ
سامهون ايندو ئي. ڪا مخالفت نہ ٿيندي، تڏهن بہ سامهون ايندو.“

”جيڪڏهن رد عمل هر حال ۾ ٿيندو، وٽندڙ يا اٽوٽندڙ، تہ پوءِ
چڱائي ۽ سنائي سماج ۾ اهڙي نموني ئي تہ مقبوليت حاصل ڪري ٿي.“

”چڱاين ڪي لڱاين جو جامو پهرائي يا پُلَ ڪي بدنيتيءَ جو روپ
ڏيئي جڏهن پيش ٿو ڪجي تہ جن ماڻهن ڪي سچ جي ڄاڻ ڪانهي،
اهي پنيلجي ٿا وڃن.“

”عام ماڻهوءَ ڪي ايترو بيوقوف نہ سمجهہ، دوست. اَٽي پاءُ
ڪائڻ وارو سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو. جيڪي توکي سڃاڻن، اَهميت
فقط اُهي ٿا رکن ۽ اُنهنجي سامهون رد عمل لاءِ تنهنجو سڀ ڪجهہ
هوندو آهي.“

”مان پاڻ ڪي ووا ۾ آٽيان ئي ڇو؟ ڪنارو ڇونہ ڪري وڃان؟
ٿوڪ جيون سان نياڻڻ اڪيلو ڪم تہ ڪونهي دنيا ۾!“

”مان چوندس تہ تنهنجي اِن قدم سان چڱائي آتم سمرپڻ
ڪندي لڱائيءَ جي سامهون. رُتبو حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ جيتڻي

”فقط ڳالهيون ئي تہ ڪريون ٿا، مون هنڪي ڏرم جو ڀاڱو ناهيو آهي. هن دفعي رڪڙي بہ ٻڌنديسانس.“ مون ڳالهہ نہ وڌائي، چپ ٿي ويس. پر هوءَ چپ نہ رهي. ڪجھہ ڏينهن ڪانپوءِ چوڻ لڳي، ”ممي پاپا سان گڏ رهڻ منهنجي لاءِ ممڪن نہ آهي.“

سندس چوڻ هو، گهر ۾ ممي پاپا برابر مونکي ڪجھہ نٿا چون. روڪن ٽوڪن بہ نٿا. پر سندن نظر، سندن ڳالهيون، سندن خاموشي بہ مون تي هڪ طرح جو دٻاءُ تي وجهي. دماغ تناءُ تو محسوس ڪري. مونکي هيءُ گهر ڪليل جيل وانگر محسوس ٿيڻ لڳو آهي. ممي پاپا سان گڏ رهي مان پاڻ کي قيدي ٿي سمجهان. اِهو احساس الڳ رهي ڪري ئي ختم ٿي سگهي ٿو.

زال جو اِهو وهنوار مونکي پنهنجي سوچ جي تصديق پيو لڳي. هڪ دفعو آپگهات جي ڪوشش ڪري چڪي آهي. وري ڪري سگهي ٿي. ٻچتي آهي. رانديڪا حاصل ڪرڻ ۽ اُنهنکي ٽوڙڻ ۾ مزو تو اچيس. ڪالهہ مان ڏوهي هئس. اڄ ممي پاپا ڏوهي آهن. الڳ رهڻ لڳون، مان پڇ نہ لوڏيان تہ ٿي سگهي ٿو وري آپگهات جي ڪوشش ڪري. مون ڪو ڏوهہ نہ ڪيو آهي. منهنجي ممي پاپا ڪو ڏوهہ ڪونہ ڪيو آهي. پوءِ بہ آپگهات لاءِ مجبور ڪرڻ جي سزا ڀوڳڻي پوندي.

شادي کئي نوَ سال ٿي ويا آهن. بہ ٻار آهن. ويچار ٿو ڪريان تہ تعلق ختم ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو رستو نظر نٿو اچي. زال کي ڪو طلاقشدا چوي تہ مونکي سٺو نہ لڳندو. مون تي يا منهنجي ماءُ پيءُ تي قتل جو اِلزام لڳي تہ خوفناڪ ڳالهہ ٿيندي. تاعمر پڇرندو رهان؟ ممي پاپا کي بيسهارو ڇڏڻ جو ڏنگ چيندو رهي؟ هڪ، فقط هڪ رستو آهي. زال حالتن موجب پاڻ مٽي!

سچ آرسيءَ جيان صاف آهي تڏهن بہ هر هر هڪ سوال مونکي ولوڙي رهيو آهي، ڇا مونکان ئي ڪجھہ غلط ٿي ويو آهي؟

□□

ڏور ٿا چون، سمجهن. ڇا هنن جا کي فرض ڪونهن جيئن اهڙن
ٺهن کي سماج لاءِ ڪم ڪرڻ جي ڏس ۾ پريرڻا ملي؟

عادم يگ کان غلط ۽ صحيح، سچ ۽ ڪوڙ، ڪرتياب ۽ نہ ڪرتياب
ي وچ ۾ نوڙيءَ چڪ هميشه هلندي رهي آهي. هڪ جي نظر ۾
صحيح ٻئي جي نظر ۾ بہ صحيح هجي، ضروري تہ ڪانهي. سچ ۽
ڪوڙ کي تورڻ لاءِ ڪا تارازي دنيا ۾ اڄ تائين ٺهي سگهي آهي ڇا؟
س، هڪ ضد آهي. پنهنجي مڃوتيءَ کي سچ جي روپ ۾ پيش
ڪرڻ ۽ سچ ثابت ڪرڻ جو ضد. نوڙيءَ چڪ بہ اِن ضد کي ٻين تي
ڙهڻ لاءِ ٿيندي رهي آهي. مخالفت ڪرڻ وارن جي نظر ۾ ڪم
ڪرڻ وارن کي هيٺو ڪرڻ جي ڳالھہ اهميت نٿي رکي تہ پوءِ هو ئي
ڪو ايتري چنتا ڪري؟

سماج جو ڪم ڪندي جيڪڏهن جس جي جڳھہ تي گاريون
ٻيون ملن تہ پوءِ هو بہ پنهنجي لاءِ جيئڻ جي ڳالھہ ڇو نہ سوچي؟ نہ
ڄاڻ ڪيترن جو ڀلو ٿو ٿئي. نہ ڄاڻ ڪيترن کي تڪليف ۾ راحت ٿي
لي. نہ ڄاڻ ڪيترن جا ڪم ٿا ٿين، سندن من جا مونجهارا گهٽجن ٿا.
يڪ آهي اُهي دعائون ڪيس ملنديون هونديون. گاريون سري عام
ٻيون ملن، دعائون دلين تائين محدود آهن. هو جنکي خوشيون ڏيئي
سگهيو، اُنهنجي احساسن جو ڇا ڪو اثر سندس من تي ڪونهي؟ ٻين
ي جيڪا خوشي هنجي ڪري ملي، تنهن سندس روح کي جيڪا راحت
خشي سا ڪنهن بہ قيمت تي خريد ڪري سگهجي ٿي ڇا؟

اِنهن سوالن جا جواب ڪيترا بہ دلڪش ڇونہ هجن، پر آهن
جهنگل ۾ نچندڙ اُن مور جيان جنهنکي نچندو ڏسي ساراھہ جا ٻڪ
رڻ وارو ڪوئي نہ هجي. مخالفت ڪلي واڪي ۽ تعريف محدود
دائري ۾. ڇا ڪبي اهڙي تعريف، جنهن سان هڙ حاصل ڪجھہ نہ
ٿئي؟ ڪنهن ڪنڊ پاسي مان تعريف سبب سنتوش جا گهُٽيل ترورا
ٺيڪا پائي بہ وڃن تہ ڪهڙو فائدو؟ پرپور روشنيءَ ۾ اُگهاڙو ڪجي
بند ڪمري ۾ ڪشيدا پڙهجن تہ ڪهڙي ڪم جا ڇٽبا اُهي ڪشيدا؟

پوندي آهي. جنگ جيتبي تڏهن، جڏهن مورچي تي بيهي مقابلو ڪبو. مورچو ڇڏڻ سان تنهنجي نه، ڇڱائيءَ جي هار ٿيندي، دوست.“

هو چپ ٿي ويو، پر سندس اندر واچوڙي ۽ طوفان جو سلسلو جاري هو. هونئن به ٻاهرين خاموشي مسئلن جو حل ته ٿيندي ڪانهي. حل لاءِ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، مسئلن جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي. هوُ به چاهي پيو مقابلو ڪرڻ. هو به چاهي پيو منهن ڏيڻ. هو به چاهي پيو ته سچ کي ڪوڙ ۽ صحيح کي غلط جي سامهون هٿ ٻڌي نه بيهڻو پوي. هو به چاهي پيو ته ڪم ڪرڻ وارن کي نندڻ جي ڪڌي ڪرتوت کي درگذار نه ڪرڻ گهرجي. هو به چاهي پيو ته ڪير کي ڪير ثابت ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃڻ گهرجي. هو به چاهي پيو ته سماج جو قد لڳائيءَ ڪان مٿي رکڻ لاءِ ڪيس جنبي وڃڻ گهرجي. هو به چاهي پيو ته سچ کي ترڪيءَ پنيان لڪائڻ جي هرهڪ ڪوشش جي پرزور مخالفت ڪرڻ گهرجي. پر ٻاهران نظر اچڻ واري سندس دنيادار ڇهري جي پنيان روُپوش، مڪمل تنها فطرت جو رخ بلڪل الڳ هو.

جيڪڏهن سوچڻ سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ وارن تي غلط نموني ڪيل مخالفت سان ڪو خاص اثر نه ٿيڻو آهي ته پوءِ بي وجهه مشقت ڇو ڪجي؟ ڇا جنگ فقط اُنهن لاءِ لڙجي جيڪي واسطيدار ڪونهن؟ رهيا ڪن سوارٿن سبب مخالفت ڪرڻ وارا ته اُهي جنگ رستي سچ کي ڇو منظور ڪندا ڀلا؟ سندن فائدو آهي مخالفت ڪرڻ ۾. ڇو ڇڏيندا هو پنهنجي فائدي جو رستو؟ جنجو مقصدئي مخالفت ڪرڻ آهي، اُنهنکي واڪا ڪري ۽ اکين ۾ آڱريون وجهي حقيقت ٻڌائڻ، ڏيکارڻ مان ڇا ورندو؟

نيڪ آهي ته جيڪي سچ پچ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ ٿا چاهن، اهڙي ٻيائيءَ واري مخالفت سندن جذبو ڪمزور بڻائيندي. ڪم ڪرڻ وارن سان ٿيندڙ اهڙيون وارداتون ڏسي قدم پنيان موٽائڻ جي ڳالهه اچي سگهي ٿي سندن دماغن ۾. پر ڇا اهڙي طبقي لاءِ فقط ڪيس ئي سوچڻ گهرجي؟ مخالفت ڪرڻ وارا پڻ پاڻ کي ذهين ۽

هر قدم کي هرڪو پسند ڪري، اِها ڳالهه اڻٽيٽي آهي. جنهن پسند ڪيو اُهو خاموش رهيو ۽ جنهن ناپسند ڪيو اُن پنهنجي راءِ ڍُهل وڄائي ڏني ته ڇا پسند ڪرڻ واري جي ڪا اهميت ڪانهي؟ اِنجي اُبتڙ جيڪڏهن ناپسند ڪرڻ وارو خاموش رهيو ۽ پسند ڪرڻ واري ڍُهل وڄائي تعريف ڪئي ته ڇا ناپسنديءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي بلڪل به ضرورت ڪانهي؟

هڪ پاسي خاموش نموني ڪم ڪجي ۽ شانتيءَ سان ڳالهه ڇنجي، ٻئي پاسي ڍنڍورو ڏيئي ڪم ڪجي ۽ واڪا ڪري ڳالهه ڇنجي. ڪم ۽ ڳالهه جي اهميت تي اِنسان کي اثر نٿو پوي. اُها نه وڌي ٿي ۽ نه گهٽجي ٿي. ڏسڻو ۽ تورڻو شايد اِهو پوندو ته پسند يا ناپسند ڪرڻ وارن مان وڌيڪ تعداد ڪنهنجي آهي؟ جيڪڏهن پسند ڪرڻ وارا ڏهن مان ڇهه ست به آهن ته ڪافي آهن. متيپيد لازمي طور سان رهندا ئي ته پوءِ پنهنجيءَ سمجهه کي مخالفت ڪرڻ وارن وٽ گروي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسانجا ڪم جنکي خوشي ٿا بخشن، اسانجو سوچ جنجي راهه روشن ٿو ڪري، اُنهن ڏانهن ڇونه ڏسون؟

سندس چهري تي لهي آيل سرهاڻ جي رنگت ڏسي هريءَ اڳيان وڌي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري ورتو، ”دوست، مونکي بيحد خوشي آهي ته تون ڪشمڪش مان ٻاهر نڪري آيو آهين. توکي پتو ڪونهي شايد ته تنهنجي غمضدا چهري کي ڏسي تنهنجن ڪيترن ئي گ هڻگهرين جون دليون مايوس ٿي ويندڀون آهن. اِن حالات جي سامهون ڪابه مخالفت ٽِڪي سگهندي، ڀلا؟“

ڪيس محسوس ٿيو، سندس چهري جي رنگت ڏسي دل پڙهڻ وارن جي هوندي مخالفت ڪرڻ وارن جو قد ڇامڙن ڪان وڌيڪ ٿي ئي نٿو سگهي.

هيڏي پونجي هوندي به هو دلشڪستو ٿئي، ان ڪان وڏي ڇريائپ ٿي سگهي ٿي دنيا ۾؟

□□

राजस्थान सिन्धी अकादमी
(राजस्थान सरकार जो हिक स्वायत्तशासी संस्थान)

راجستان سنڌي اڪادمي

RAJASTHAN SINDHI ACADEMY

सम्मान पत्र

श्री भगवान अटलाणी, पाँच सिन्धी, दस हिन्दी पुस्तकों के साथ छः सौ से अधिक प्रकाशित रचनाओं
दो सौ से अधिक रेडियो, टी.वी. कार्यक्रमों के माध्यम से साहित्य को योगदान देने वाले अकेले सि
साहित्यकार हैं, जिनको प्रथम बार रचित कहानी, उपन्यास, नाटक एवं एकांकी सहित कुल मिलाकर
पुरस्कार प्राप्त हुये हैं। आप राजस्थान सरकार द्वारा अधिस्वीकृत पत्रकार भी हैं।

आपने सेतु, सिन्धुदूत, रिहाण आदि पत्रिकाओं तथा दस से अधिक स्मारिकाओं का संपादन किया
राजस्थान पत्रिका, जयपुर तथा पृष्ठभूमि, लखनऊ में आपने स्तम्भ लिखे हैं। वर्तमान में आप उल्हासनग
प्रकाशित सिन्धी साप्ताहिक पत्रिका महराण में स्तम्भ लिख रहे हैं। नौ वर्ष सामान्य सभा, तीन वर्ष कार्यका
के सदस्य रहने के पश्चात सन 1997 से सन् 2000 तक आप राजस्थान सिन्धी अकादमी के अध्यक्ष रह
हैं।

सिंधी के लेखक को केन्द्रीय साहित्य अकादमी द्वारा प्रदान किये जाने वाले अकादमी पुरस्कार 200
2001 के लिये आप जूरी के सदस्य रह चुके हैं तथा राष्ट्रीय सिंधी भाषा विकास परिषद, वडौदरा के सन 19
से 2001 तक सदस्य रहे हैं। ज्ञानपीठ पुरस्कार की सिन्धी सलाहकार समिति के चार वर्षों तक सदस्य रहने
पश्चात वर्तमान में आप इस समिति के संयोजक हैं।

आपको राजस्थान साहित्य अकादमी ने सन 1996 में सर्वोच्च सम्मान मीरा पुरस्कार प्रदान कि
सिन्धी साहित्य के क्षेत्र में आपके द्वारा किये गये उच्च कार्य का सम्मान करते हुए राजस्थान सिन्धी अका
आपको वर्ष 2003-04 के लिये सर्वोच्च सम्मान सामी पुरस्कार प्रदान कर गौरवान्वित अनुभव कर रही है।

(मोहनलाल वाधवानी)
अध्यक्ष

राजस्थान साहित्य अकादमी
(राजस्थान सरकार का स्वायत्तशासी संस्थान)

विशिष्ट साहित्यकार सम्मान
2007-2008

राजस्थान साहित्य अकादमी, मूर्धन्य साहित्यकार श्री भगवान अटलानी क
उनके उत्कृष्ट एवं उल्लेखनीय साहित्यिक अवदान के अभिनन्दनस्वरूप
'विशिष्ट साहित्यकार सम्मान' से अलंकृत करते हुए गौरवान्वित हैं।

डॉ. प्रमोद भट्ट
सचिव

उदयपुर, 24 फरवरी 2008

डॉ. अजीत गुप्त
अध्यक्ष